ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 29 جولاءِ 2026ع 14 صفرالمظفر 1448هہ صفحا 06 - ملهہ 30 وپيہ شمارو (343)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

# رياست کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ان لاءِ قومي مفاد وڌيڪ اهم آهي يا مسلم ليگ (ن) جو مفاد: بلاول ڀٽو

آزاد ڪشمير ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ڇا ان کي جمهوريت جو نالو ڏئي سگهجي ٿو؟ چونڊن ۾ ميرپور ۽ ڪوٽلي جي ووٽن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي

عوام پنهنجي ووٽن سان پيپلز پارٽي کي اڪثريت ڏني، پر لڳي ٿو تہ رياست جو هر فيصلو مسلم ليگ (ن) جي حق ۾ وڃي رهيو آهي، جنهن جو نقصان ڪشمير، پاڪستان ۽ انهن جي عوام کي ٿي رهيو آهي

مسلم ليگ (ن) جي مفادن کي ترجيح ڏيڻ سبب پاڪستان جو ڪهڙو حال ٿيو آهي ۽ ڪشمير سان ڇا ڪيو پيو وڃي؟ هي آزاد ڪشمير آهي، ان کي ڪلهہ بہ ٻلاريل ڪشمير جهڙو بڻجڻ نہ ڏينداسين

اسان پنهنجن ئي ساٿين جون جانيون ضايع ٿيندي نہ ڏسي سگهون ٿا، توهان پيپلز پارٽي جي هڪ ڪارڪن کي قتل ڪيو، پر ان باوجود انهن جون سڀئي ڪوششون ناڪام ٿيون

پولنگ اسٽيشنن تي حملا ڪيئن ٿيا؟ جيڪڏهن هڪ يا ٻہ ٽڪن ۾ اهڙو واقعو ٿئي تہ ان کي اتفاق سمجهي سگهجي ٿو، پر سمورن 30 پولنگ اسٽيشنن تي حملا ڪيئن قبول ڪجن؟

مظفر آباد (م ر د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ ميرپور ۽ ڪوٽلي جي ووٽن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي. رياست کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ان لاءِ قومي مفاد وڌيڪ اهم آهي يا مسلم ليگ (ن) جو مفاد. مظفرآباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

مظفر آباد: جلسي ۾ پهچڻ تي بلاول ڀٽو تي گل نڇاور ڪيا پيا وڃن

## دهشتگردن جو ڪوئيٽا ۾ بزدلاڻو حملو هڪ شهري شهيد

ڪٽنب پنهنجي علاج لاءِ ڪوئيٽا ۾ پٽيل روڊ تي واقع اسپتال آيو هو

اسلام آباد (اي پي پي) فتنہ الهندستان جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

## وزيراعظم پاران آزاد ڪشمير ۾ پهرين مرحلي جي ڪامياب انعقاد تي مبارڪباد

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

## صدر پاران فرانس ۽ اسپين جي ٻيلن ۾ باهہ لڳڻ تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

# وزيراعظم پاران سرڪاري ۽ نجي بئنڪن کي پنهنجو گهر اسڪيم جي لاءِ وڌ کان وڌ فنانسنگ ڪرڻ جي هدايت

عام ماڻهو کي ڇت فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي، ملڪ جي غريب ۽ وچولي طبقي کي پنهنجي ڇت حاصل ڪرڻ جي لاءِ "وزيراعظم پنهنجو گهر" اسڪيم جاري ڪئي آهي: شهباز شريف

ڪاروباري برادري خاص طور تي ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ڪندڙن جي قرضن تائين پهچ تيز ڪئي وڃي ڇاڪاڻ تہ ڪاروباري شعبي کي قرضن تائين آسان پهچ پائيدار معاشي ترقي جو بنياد آهي

ان عمل سان نہ رڳو سيڙپڪاري ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿيندو پر روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ روانگي واپار ۾ پڻ اضافو ٿيندو، جيڪا بئنڪ ايس ايم ايز کي سڀ کان وڌيڪ قرض ڏيندي، ان کي هر سال خصوصي ايوارڊ ڏنو ويندو

پنهنجو گهر اسڪيم جي فنانسنگ جي لاءِ بئنڪون هيستائين 204 ارب رپيا منظور ڪري چڪيون آهن جڏهن تہ 27 ارب رپين جي فنانسنگ ڪئي وئي آهي: وزيراعظم کي بريفنگ

جون 2026ع ۾ بئنڪن پاران ايس ايم اي فنانسنگ جو ڪاٽو 1.15 ٽريلين رپين کان وڌائي جون 2028ع تائين 2 ٽريلين رپين تائين وٺي وڃڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو وڌيڪ پڻ وڌايو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پنهنجو گهر اسڪيم جي حوالي سان ڪم جي رفتار کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي تہ سرڪاري ۽ نجي بئنڪون پنهنجو گهر اسڪيم جي لاءِ وڌ کان وڌ فنانسنگ ڪن "وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم" تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ جي لاءِ جائزه اجلاس وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ اڳاري ڏينهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

## پاڪستان آئل ريفائننگ پاليسي 2023ع ۾ ترميمن جي منظوري، ريفائنريز جي اپ گريڊيشن اهم قرار

جديد ريفائنريز نہ رڳو ملڪ جي توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪنديون پر درآمدي ٻارڻ تي ڀاڙڻ ۾ گهٽتائي ۾ پڻ مددگار ثابت ٿينديون: وزيراعظم

يورو-5 ۽ يورو-6 معيار جي ٻارڻ جي پيداوار عالمي ماحولياتي ذميوارين جي تڪميل، فضائي آلودگي ۾ گهٽتائي ۽ بهتر معيار جو ٻارڻ فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي

تہ نئين پاليسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ ان تي موثر ۽ بروقت عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا دير برداشت نہ ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي بابت ڪابينا ڪميٽي پاڪستان آئل ريفائننگ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان کي آبادي ۽ موسمياتي تبديلي جهڙا چئلينج درپيش آهن: محمد اورنگزيب

عالمي گرين هائوس گيسن جي اخراج ۾ پاڪستان جو حصو نهايت گهٽ آهي

موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ رڳو حڪومتي قدم ڪافي ناهن

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي تہ پاڪستان کي وڌندڙ آبادي ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

## اورنگي ٽائون ۾ ڦورن سان مقابلي دوران شهيد پوليس اهلڪار جي گهر ۾ ڪهرام

ڪراچي : ڪراچي جي علائقي اورنگي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

# آزاد ڪشمير جون چونڊون، ن ليگ 9 ۽ پ پ پ 4 سيٽن تي ڪامياب

غير سرڪاري نتيجن موجب ايل اي 1 ميرپور 1، ايل اي 4 ميرپور 4، ايل اي 5 ڀمبر 1، ايل اي 6 ڀمبر 2 تي ن ليگ سوڀاري

ايل اي 7 ڀمبر 3، ايل اي 9 ڪوٽلي 2، ايل اي 11 ڪوٽلي 4، ايل اي 12 ڪوٽلي 5 ۽ ايل اي 13 ڪوٽلي 6 تان مسلم ليگ (ن) کي سرسي

ايل اي 2 ميرپور 2، ايل اي 3 ميرپور 3، ايل اي 8 ڪوٽلي 1 ۽ ايل اي 10 ڪوٽلي 3 تان پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوارن ڪاميابي حاصل ڪئي

مظفر آباد (م ر د) آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي چونڊن جي پهرين مرحلي ۾ مسلم ليگ (ن) غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب هيٺئين برتري حاصل ڪري ورتي آهي، جڏهن تہ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

## ايران ۾ احتجاجي مظاهرن ۾ شامل ٿيڻ جي الزام ۾ ٻن ڄڻن کي ڦاهي ڏني وئي

تهران(م ر د) ايران جي سرڪاري ميڊيا موجب، جنوري ۾ ملڪ گير احتجاجي مظاهرن ۾ مبينا ڪردار جي الزام هيٺ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

## آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو وچ ۾ ملاقات

ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ملاقات 90 منٽن تائين جاري رهي: وائيٽ هائوس

آمريڪي صدر ۽ اسرائيلي وزيراعظم جي ملاقات هاڪاري ۽ تعميري رهي: ترجمان

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو جي ملاقات پڄاڻي تي پهتي. وائيٽ هائوس

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

## فيلڊ مارشل عاصم منير سان آمريڪي ڪانگريس جي ميمبرن جي ملاقات

معاشي ترقي، واپار جي واڌاري ۽ علائقائي رابطن بابت خيالن جي ڏي وٺ

مونٽانا سان تعلق رکندڙ ريان ڪيٽ زنڪي ۽ واشنگٽن سان لاڳاپو رکندڙ مائيڪل جيمز ملاقات ڪئي

راولپنڊي(م ر د) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير آمريڪي ڪانگريس جي ميمبرن سان ملاقات ۾ پائيدار علائقائي استحڪام جي بنياد طور معاشي ترقي، واپار جي واڌاري ۽ علائقائي رابطن بابت خيالن جي ڏي وٺ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو مريم نواز شريف کي چئلينج

# آئون بہ استعيفيٰ ڏيان ٿو اوهان بہ ڏيو، پوءِ ڏسون عوام ڪنهن کي مينڊيٽ ٿو ڏئي: شرجيل ميمڻ

معصوم ڪشميرين جي ووٽ جي حق تي مسلم ليگ (ن) جيڪو ڌاڙو هنيو اهو سڀني جي سامهون آهي

پاڪستان پيپلز پارٽي جو هڪ ڪارڪن شهيد ٿيو پر مريم نواز کي تعزيت ۽ افسوس ڪرڻ گهرجي ها جيڪو هن نہ ڪيو

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جا بهترين منصوبا سنڌ ۾ هلي رهيا آهن جنهن جو اعتراف پاڻ وزيراعظم شهباز شريف پڻ ڪري چڪو آهي

پ پ پ قيادت جيڪي قربانيون ڏنيون آهن اهي ڪنهن بہ پارٽي نہ ڏنيون آهن، جڏهن تہ اوهان جي قيادت هميشہ ڏکين حالتن ۾ معاهدا ڪري ڀڄندي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو تہ "هڪ تہ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: جشن آزادي جي سلسلي ۾ دڪان تي ٻارن جا ڪپڙا سينگاريل آهن

## ٿر سهڪار ڪائونسل پاران سعودي عرب تي ڊرون حملن جي مذمت، مڪمل يڪجهتي جو اظهار

رياض (م ر د) ٿر سهڪار ڪائونسل (جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

## هيٽي ۾ صدارتي ۽ پارليامانی چونڊون 13 ڊسمبر تي ٿينديون

پورٽ اوپرنس (اي پي پي) ڪيريبيئن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

## آبي ذخيرن ۽ ڊيمن جي تعمير تي تيزيءَ سان ڪم ڪيو پيو وڃي: احسن اقبال

ٻوڏ وارن خطرن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ حڪومتي تيارين ۾ بهتري آئي آهي

وقت سر ريسڪيو ۽ رليف ڪارروايون عيوض انساني جانين جو نقصان گهٽ رهيو

خطرن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ نگراني ۽ اڳواٽ خبردار واري نظام کي مؤثر

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ موسمياتي تبديلي ۽ شديد گرمي جي لهرن کي روڪڻ ممڪن ناهي، جڏهن تہ آڳاٽي رٿابندي،

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

# اسپينسر آءِ اسپتال کي ميئر ڪراچي ۽ سنڌ حڪومت جديد سهولتن سان آراستہ ڪيو آهي: آصفہ ڀٽو

1940ع ۾ قائم ٿيل هن تاريخي اسپتال کي ان جي اصل ورثي کي محفوظ رکندي بحال ڪيو ويو آهي

لڳ ڀڳ 4 هزار مريضن کي او پي ڊي جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون، اپريل مهيني کان هيستائين 700 ڪامياب آپريشن ٿي چڪا

خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري جو لياري ۾ قائم اسپينسر آءِ اسپتال جو دورو، ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جي خدمتن جي ساراهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري لياقت واري علائقي لياري ۾ قائم اسپينسر آءِ اسپتال جو دورو ڪيو. آصفہ ڀٽو زرداري چيو تہ اسپينسر آءِ اسپتال کي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ سنڌ حڪومت پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري اسپينسر اسپتال ۾ مريضن کان حال احوال وٺندي

# آمريڪي ڪاروباري ادارن کي پاڪستان ۾ بهتر سيڙپڪاري جي ماحول مان فائدو کڻڻ جي دعوت

ٻئي ملڪ بهتر اقتصادي تعاون ۽ سيڙپڪاري جي ذريعي ايندڙ 5 سالن ۾ گڏيل واپار کي وڌائي 20 ارب ڊالر تائين وٺي وڃي سگهن ٿا: اسحاق ڊار

آمريڪا پاڪستان جي برآمدات جي لاءِ سڀ کان وڏي منڊي آهي. گذريل مالي سال دوران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار 9.4 ارب ڊالر تائين پهچي ويو

پاڪستان آمريڪا کان ڪپهہ ۽ سويابين درآمد ڪندڙ وڏن ملڪن ۾ شامل آهي جنهن سان آمريڪي آبادگارن کي فائدو پهچي ٿو

خاص طور تي آءِ ٽي، مصنوعي ذهانت، توانائي، مينوفيڪچرنگ، اهم معدنيات، زراعت ۽ ٻين اهم شعبن ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار آمريڪي ڪاروباري ادارن کي پاڪستان ۾ بهتر سيڙپڪاري جي ماحول مان فائدو کڻڻ جي دعوت ڏيندي چيو آهي تہ ٻئي ملڪ بهتر اقتصادي تعاون ۽ سيڙپڪاري جي ذريعي ايندڙ 5 سالن ۾ گڏيل واپار کي وڌائي 20 ارب ڊالر تائين وٺي وڃي سگهن ٿا. اڳاري ڏينهن هتي پرڏيهي وزارت ۾

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ فائرنگ جا ٻہ واقعا، نوجوان سميت ٻہ ڄڻا مارجي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ فائرنگ جي ٻن مختلف واقعن ۾ ٻہ ڄڻا حياتي وڃائي ويٺا، جڏهن تہ پوليس ٻنهي واقعن جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پهرين

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

# دهشتگردي جا خدشا آهن پر قانون لاڳو ڪندڙ ادارا انهن کي منهن ڏئي رهيا آهن: آءِ جي سنڌ

پنهنجي ملڪ ۽ شهر بابت منفي ڳالهيون ڪندا آهيون تہ ٻاهرين دنيا بہ ان بابت منفي تاثر قائم ٿيندو آهي

هلندڙ سال سنڌ ۾ دهشتگردي جا 8 واقعا پيش آيا، جڏهن تہ گذريل سال انهن جو انگ 37 هو

منشيات خلاف ڪارروايون کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو تجاوزات جي خاتمي لاءِ منصوبو تيار ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۾ واپاري ۽ صنعتڪارن کي خطاب ڪندي ايڊيشنل آءِ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي ۽ اي آءِ جي ڪراچي شهيد اهلڪار جي جنازي کي ڪلهو ڏئي رهيا آهن

## پاڪستان پاران روس-يوڪرين جنگ ۾ شدت تي ڳڻتي جو اظهار

جنگ جا اثر رڳو لاڳاپيل ملڪن تائين محدود نہ رهندا: عاصم افتخار

امدادي ڪارڪنن ۽ لاڳاپيل نڪاتن کي نشانو بڻائڻ مذمت جوڳو آهي

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان، روس

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

## پرويز الاهي جون ضمانتون رد ڪرڻ جون اپيلون اڪلايون ويون

ٽرائل ڪورٽ کي ٻن هفتن ۾ ٻڌڻي مڪمل ڪرڻ جي هدايت

پرويز الاهي هڪ سال تائين جيل ۾ رهيو، هيستائين نہ چارج فريم ٿيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

## آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو نوٽيس ورتو، ڊي آءِ جي کان رپورٽ طلب

ڪراچي : سنڌ پوليس جي ترجمان موجب

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

# ڪراچي پاڪستان بازار ۾ پوليس مقابلو هڪ اهلڪار شهيد، 2 جوابدار مارجي ويا

نيشنل اسٽاپ الطاف نگر لياقت چوڪ پرسان پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو ٿي پيو

گوليون لڳڻ سبب پوليس اهلڪار 26 سالن جو محمد عباسي پٽ شرڪت علي شهيد ٿي ويو

پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ ٻئي جوابدار مارجي ويا، سندن قبضي مان 2 پستول، گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي جي علائقي پاڪستان بازار ۾ پوليس ۽ هٿياربند ڦورن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ پوليس اهلڪار

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ پوليس جون ڪارروايون، 6 زخمين سميت 7 ڦورو گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## لبنان ۾ اسرائيلي فوجي ڪارروايون جنگي ڏوهن جي زمري ۾ اچن ٿيون: وولڪر ترڪ

انساني قانون جي وڏي پيماني تي خلاف ورزين کي دستاويزي شڪل ڏني وئي آهي

ڌماڪيدار هٿيارن جي استعمال سبب شهرين جو وڏو انگ مارجي ۽ زخمي ٿي ويو آهي

4300 کان بہ وڌيڪ ماڻهو فوت ۽ 12200 کان بہ وڌيڪ زخمي ٿي چڪا آهن

بيروت (اي پي پي) گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر وولڪر ترڪ چيو آهي تہ لبنان ۾ اسرائيلي فوجي ڪارروائين جي نتيجي ۾ شهرين کي وڏي پيماني تي نقصان پهتو آهي اهي ڪارروايون امڪاني

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق قزاقستان جي سفير کي ڀليڪار چئي رهيو آهي

# سنڌ ۾ سيڙپڪارن ۽ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز کي درپيش ريگيوليٽري ۽ آپريشنل معاملن کي فوري طور حل ڪرڻ جي هدايت

حڪومت سيڙپڪاري کي متاثر ڪندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪندي، حڪومت جو بنيادي فرض استحڪام، شفافيت ۽ تسلسل فراهم ڪرڻ آهي: وڏو وزير

اسان جو ڌيان صرف نئين سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ تي ناهي ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ لاءِ بہ پرعزم آهيون تہ موجوده سيڙپڪار ترقي ڪن ۽ سنڌ ۾ پنهنجون سرگرميون وڌائين

حڪومت چاهي ٿي تہ ڳالهين جا نتيجا واضح نتيجن ۽ ادارتي سڌارن جي صورت ۾ سامهون اچن، اسان ائين چاهيون ٿا تہ هي مصروفيت رڳو رسمي هجي

ڪراچي ( رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ اڳاري ڏينهن برطانوي سيڙپڪارن ۽ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز کي درپيش ريگيوليٽري ۽ آپريشنل معاملن کي فوري طور حل ڪرڻ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

## مزار قائد چوڌاري قانون جي ابتڙ ڪيترين ئي بلند عمارتن جي تعمير ڪئي وئي آهي: طاهر احمد

ڪراچي: مزار قائد جي چوڌاري قانون جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

# اخبارن جا 2021ع جا واجبات ادائيگي جو عمل جلد کان جلد مڪمل ڪيو ويندو: ڪاشف گلزار شيخ

اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽي جي اجلاس ۾ سيڪريٽري اطلاعات سان ملاقات، پرنٽ ميڊيا کي درپيش مالي مسئلن بابت آگاهي

واجبات جي عدم ادائيگي سبب اخبارون شديد مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيون آهن: سرمد علي

اشتهارن جي تقسيم جو ڊيٽا روزاني ويب سائيٽ تي جاري ڪرڻ تي اتفاق، پرنٽ ميڊيا لاءِ اشتهار وڌائڻ جو مطالبو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽي کي يقين ڏهاني ڪرائي آهي تہ اخبارات 2021ع جي واجبات جي ادائيگي جو عمل جلد کان جلد مڪمل

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

## ناميارو اديب سڪندر ملاح بيماري ۽ مالي بحران جو شڪار، سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جو ناميارو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي جنهن ۾ سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ پڻ موجود آهي

## مڇر ڪالوني ۾ شهري جي قتل جو معاملو حل، زال سميت 2 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊاڪس پوليس ڪرن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

STS™ SIBA Testing Services
SIBA TESTING SERVICES
MERIT - TRANSPARENCY - TECHNOLOGY
MDCAT 2026
Building possibilities, Shaping future
SIBA Testing Services will conduct the Medical & Dental Colleges Admission Test (MDCAT) on Sunday, 16 August, 2026.
TEST CENTERS
ISLAMABAD
Pakistan National Council of Arts (PNCA), Sector F-5/1, Islamabad
KARACHI
NED University of Engineering & Technology Karachi
HYDERABAD
Public School, Unit No. 03, Latifabad, Hyderabad
JAMSHORO
Liaquat University of Medical & Health Sciences (LUMHS), Jamshoro
MIRPURKHAS
Mir Sher Muhammad Talpur Public School Mirpurkhas
LARKANA
Police Training School Ground, Wagan Road, Larkana
SHAHEED BENAZIRABAD
Quaid-e-Awam University of Engineering, Science & Technology (QUEST), Shaheed Benazirabad
SUKKUR
IBA-Public School, Gate # 03, Old Airport Road, Kheerthar Canal, Near Bashirabad, Sukkur.
Total Test Duration: 3 Hours (180 Minutes).
Please be punctual regarding the reporting time.
Dedicated waiting areas available for parents at all test centers.
No candidate shall be allowed to leave the examination hall before the completion of the total time.
Required test stationery and clean drinking water will be provided to all candidates inside the examination hall.
SIBA TESTING SERVICES
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur, Sindh
071-5644200
http://www.iba-suk.edu.pk/sts/announcments

### بقايا 1 روزاني عبرت

دهشتگردن طرفان ڪوئيٽا ۾ پٽيل روڊ تي حملو ڪيو ويو پوليس موجب فتنه الهندستان جي دهشتگردن جي بزدلاڻن حملن ۾ هڪ شهري شهيد، جڏهن ته ٻار سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمي ٿيل ٻار احمد ابرار جو چوڻ هو ته هو پنهنجي علاج لاءِ ڪوئيٽا ۾ پٽيل روڊ تي واقع اسپتال آيو هو ڪٽنب سان گڏ ٻاهر اچي رهيو هوس ته ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ مان سخت زخمي ٿيس ماهرن موجب سيڪيورٽي فورسز هٿان وڏي انگ ۾ فوتگين ڪانپوءِ فتنه الهندستان جا دهشتگرد بوکلاهٽ جو شڪار آهن فتنه الهندستان جا دهشتگردن خوف ۽ هراس جي فضا قائم ڪرڻ لاءِ مسلسل شهري آباديءَ کي نشانو بڻائي رهيا آهن

### بقايا 2 روزاني عبرت

ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته عام ماڻهو کي ڇت فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ملڪ جي غريب ۽ وچولي طبقي کي پنهنجي ڇت حاصل ڪرڻ جي لاءِ "وزيراعظم پنهنجو گهر" اسڪيم جاري ڪئي آهي هن پنهنجو گهر اسڪيم جي حوالي سان ڪم جي رفتار کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته سرڪاري ۽ نجي بئنڪون پنهنجو گهر اسڪيم کي ڪامياب ڪرڻ جي حوالي سان وڌ کان وڌ فنانسنگ ڪن اجلاس ۾ وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم جي فنانسنگ ۾ اڳڀرائي جي حوالي سان بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته پنهنجو گهر اسڪيم جي فنانسنگ جي لاءِ بئنڪون هيستائين 204 ارب رپيا منظور ڪري چڪيون آهن جڏهن ته 27 ارب رپين جي فنانسنگ ڪئي وئي آهي هائوسنگ واري وزارت ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان پنهنجو گهر اسڪيم تي اڳڀرائي جو هر هفتي جائزو وٺي رهيا آهن اجلاس ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، ناڻي ۽ اوڳاڙين واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، هائوسنگ اينڊ ورڪس واري وفاقي وزير ميان رياض حسين پيرزاده، ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪاروباري برادري خاص طور تي ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ڪندڙن جي قرضن تائين پهچ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته ڪاروباري شعبي کي قرضن تائين آسان پهچ پائيدار معاشي ترقي جو بنياد آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ ڪاروباري شعبي خاص طور تي ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن (ايس ايم ايز) جي قرضن تائين پهچ وڌائڻ جي حوالي سان اعليٰ سطحي جائزو اجلاس اڳاري ڏينهن ٿيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن احد خان چيما، محمد اورنگزيب، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني وزيراعظم جي خاص معاون هارون اختر اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي گورنر جميل احمد، پاڪستان بينڪرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين ظفر مسعود ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ڪاروباري شعبي کي قرضن تائين آسان پهچ پائيدار معاشي ترقي جو بنياد آهي جنهن سان نه رڳو سيڙپڪاري ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿيندو پر روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ روانگي واپار ۾ پڻ اضافو ممڪن ٿيندو وزيراعظم هدايت ڪئي ته ڪاروباري برادري خاص طور تي ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ڪندڙن جي لاءِ قرضن تائين پهچ تيز ڪئي وڃي جيڪا بئنڪ ڪاروباري شعبي خاص طور تي ايس ايم ايز کي سڀ کان وڌيڪ قرض ڏيندي، ان کي هر سال خصوصي ايوارڊ ڏنو ويندو وزيراعظم ماليات تائين پهچ جي فروغ جي لاءِ ٽي سطحي گورننس ڍانچي جي منظوري پڻ ڏني مالياتي سهولت جي فراهمي جي حوالي سان اعليٰ سطحي ڪميٽي جي سربراهي وزيراعظم پاڻ ڪندو اهڙي طرح اي ٽو ايف وڌائڻ جي لاءِ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي سربراهي ناڻي وارو وزير ڪندو ۽ اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر ان جو شريڪ چيئرمين هوندو ايس ايم اي، زرعي، آءِ ٽي، نئين توانائي ۽ هائوسنگ فنانسنگ جي لاءِ جدا شعباجاتي ذيلي ڪميٽيون قائم ڪيون وينديون وزيراعظم کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته جون 2026ع ۾ بئنڪن پاران ايس ايم اي فنانسنگ جو ڪاٿو 1.15 ٽريلين رپين کان وڌائي جون 2028ع تائين 2 ٽريلين رپين تائين وٺي وڃڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جون 2028ع تائين ايس ايم اي قرض وٺندڙن جي موجوده انگ کي 3 لک 24 هزار مان وڌائي 7 لک 75 هزار ڪيو ويندو بئنڪاري قرضن ۾ ايس ايم اي فنانسنگ جو حصو موجوده 9.9 سيڪڙو مان وڌائي جون 2028ع تائين 13 سيڪڙو ڪيو ويندو بريفنگ موجب بئنڪن جي ڪارڪردگي جانچڻ ۽ هدف حاصل ڪرڻ جي موثر نگراني ۽ حوصلا افزائي جي لاءِ اسڪورنگ سسٽم متعارف ڪرايو ويندو

### بقايا 3 روزاني عبرت

پاليسي 2023ع ۾ تجويز ڪيل ترميمن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف آئل ريفائنريز جي اپ گريڊيشن کي وقت جي اهم ضرورت قرار ڏيندي چيو آهي ته جديد گهرجن سان ٺهڪندڙ ريفائنريز نه رڳو ملڪ جي توانائي جي ضرورتن کي بهتر طريقي سان پورو ڪنديون پر درآمدي ٻارڻ تي ڀاڙڻ ۾ گهٽتائي ڪرڻ ۽ ماحول دوست ٻارڻ جي فراهمي ۾ پڻ مددگار ثابت ٿينديون وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ توانائي بابت ڪابينا ڪميٽي جو اجلاس اڳاري تي وزيراعظم هائوس ۾ منعقد ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، اجلاس ۾ وفاقي وزير احد خان چيما، محمد اورنگزيب، علي پرويز ملڪ، احسن اقبال، لاڳاپيل وفاقي سيڪريٽرين ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پاڪستان آئل ريفائننگ پاليسي 2023ع ۾ تجويز ڪيل ترميمن جي منظوري ڏني وئي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته آئل ريفائنريز جي اپ گريڊيشن وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ اهو پاڪستان جي توانائي تحفظ جي جامع نظام جو هڪ اهم ٿنڀ آهي. هن چيو ته جديد گهرجن سان هم آهنگ ريفائنريز نه رڳو ملڪ جي توانائي جي ضرورتن کي بهتر طريقي سان پورو ڪنديون پر درآمدي ٻارڻ تي دارومدار گهٽ ڪرڻ ۽ ماحول دوست ٻارڻ فراهم ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿينديون اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته موجوده ريفائنريز جي پيداواري صلاحيت وڌائڻ لاءِ انهن جي اپ گريڊيشن تمام گهڻي ضروري آهي يورو-4 ۽ يورو-5 معيار جي ٻارڻ جي پيداوار پاڪستان جي عالمي ماحولياتي واعدن جي تڪميل فضائي آلودگي ۾ گهٽتائي ۽ عوام کي بهتر معيار جو ٻارڻ فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي وزيراعظم هدايت ڪئي ته اوگرا جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سڌارا متعارف ڪرايا وڃن ته جيئن توانائي جي شعبي ۾ مقابلي، شفافيت ۽ سيڙپڪاري کي فروغ ملي وزيراعظم زور ڏنو ته نئين پاليسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ ان تي موثر ۽ بروقت عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا دير برداشت نه ڪئي ويندي هن لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن کي هدايت ڪئي ته سڀني لاڳاپيل ڌرين سان ويجهو رابطو رکندي سڌارن واري عمل کي تيز ڪيو وڃي. وزيراعظم چيو ته حڪومت توانائي جي شعبي ۾ پائيدار سڌارن، جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ ۽ سيڙپڪاري جي لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن قدم جاري رکندي وزيراعظم براؤن فيلڊ ريفائنريز بابت ترميمي پاڪستان آئل ريفائننگ پاليسي 2023ع جي فروغ لاءِ قطر سعودي عرب ۽ ٻين نار ملڪن ۾ روڊ شوز منعقد ڪرڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم براؤن فيلڊ ريفائنريز جي حوالي سان ريفائننگ پاليسي ۾ ترميم بابت پيٽروليم واري وزير ۽ ان جي ٽيم جي ڪم ۽ ڪارڪردگي کي ساراهيو وزيراعظم ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اسٽريٽجڪ ذخيرن کي وڌائڻ جي به هدايت ڪئي اجلاس کي ملڪ ۾ آئل ريفائنريز جي اپ گريڊيشن، توانائي جي شعبي ۾ سڌارن ۽ پاليسي تي عملدرآمد تي اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته براؤن فيلڊ ريفائنريز بابت پاڪستان آئل ريفائننگ پاليسي 2023ع ۾ ڪيل ترميمن جو مقصد ماحول دوست يورو-5 سان ٺهڪندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل جي پيداوار کي يقيني بڻائڻ فرنس آئل ۽ گهٽ معيار واري پيٽروليم شين ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي

### بقايا 4 روزاني عبرت

ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن ۾ ڦورن سان پوليس مقابلي دوران شهيد ٿيل پوليس ڪانسٽيبل محمد حسن عباسي جي گهر ۾ سوڳ جي فضا آهي جڏهن ته وارث ڏک ۾ نڍهال آهن شهيد اهلڪار پاڪستان بازار ٿاڻي تي مقرر هو ۽ ڊيوٽي دوران ڏوهاري عنصرن سان مقابلو ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو خانداني ذريعن موجب، شهيد ڪانسٽيبل محمد حسن عباسي گلشن بهار جو رهواسي هو جڏهن ته سندس اباڻو تعلق سکر سان هو هو غير شادي شده هو ۽ اٺ ڀائر ڀينرن ۾ ستين نمبر تي هو جن ۾ پنج ڀائر ۽ ٽي ڀينرون شامل آهن شهيد جي والده روئيندي ٻڌايو ته هن پنهنجي سڀني ٻارن جي وڏي محنت سان پرورش ڪئي پر محمد حسن سان کيس خاص محبت هئي سندس چوڻ هو ته محمد حسن جون ڀينرون پڻ ساڻس تمام گهڻي محبت ڪنديون هيون ۽ سندس اوچتي وڇوڙي سڄي خاندان کي گهري صدمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي والده موجب سومر جي صبح جڏهن محمد حسن ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو ته هن کيس ان ڏينهن موڪل ڪرڻ جو مشورو ڏنو پر هن اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو ته ڊيوٽي تي وڃڻ ضروري آهي هن ٻڌايو ته ڪجهه ئي ڪلاڪن بعد کين سندس شهادت جي خبر ملي جنهن سڄي خاندان کي سوڳ ۾ ٻوڙي ڇڏيو ياد رهي ته محمد حسن عباسي اورنگي ٽائون جي علائقي ۾ پوليس ۽ هٿيارٻند ڦورن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران سخت زخمي ٿيو هو ۽ اسپتال منتقل ڪرڻ دوران جام شهادت نوش ڪري ويو سندس شهادت تي پوليس آفيسرن، ساٿي اهلڪارن ۽ علائقي واسين گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سندس بهادري، فرض شناسي ۽ خدمتن کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي

### بقايا 5 روزاني عبرت

موسمياتي تبديلي جهڙا چئلينجز درپيش آهن جن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت جامع حڪمت عملي تي عمل پيرا آهي اڳاري ڏينهن نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جي دوري جي موقعي تي نيوز بريفنگ ڏيندي هن چيو ته موسمياتي تبديلي جي ناڪاري اثرن کان بچڻ ۽ عوام کي ان جي ناڪاري اثرن کان محفوظ رکڻ لاءِ عالمي بينڪ جي سهڪار سان مختلف منصوبن تي تيزيءَ سان ڪم جاري آهي هن چيو ته پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي جيڪي موسمياتي تبديلي جي اثرن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندا آهن جيتوڻيڪ عالمي گرين هائوس گيسن جي اخراج ۾ پاڪستان جو حصو نهايت گهٽ آهي اهو ئي سبب آهي جو حڪومت عالمي حصيدارن جي سهڪار سان موسمياتي تبديلي سان هم آهنگي، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ واڌ پاڻي جي بهتر انتظام زرعي شعبي جي مضبوطي ۽ ماحول دوست ترقي جي منصوبن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي ناڻي واري وزير چيو ته موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ رڳو حڪومتي قدم ڪافي ناهن، پر عوامي شعور ۽ اجتماعي ذميداري به انتهائي اهم آهي. هن چيو ته شهرين ۾ ماحول جي تحفظ، پاڻي جي محتاط استعمال وڻڪاري ۽ قدرتي وسيلن جي عقلمندي سان استعمال بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ته جيئن ايندڙ نسل لاءِ هڪ محفوظ ۽ جاندار ماحول يقيني بڻائي سگهجي. وفاقي وزير ان عزم جو اظهار ڪيو ته حڪومت عالمي بينڪ ۽ ٻين ترقياتي حصيدارن جي سهڪار سان اهڙن منصوبن کي اڳيان وڌائيندي رهندي جيڪي موسمياتي تبديلي جي خطرن ۾ گهٽتائي، معاشي استحڪام ماحول دوست ترقي ۽ عوام جي ڀلائي ۾ مددگار ثابت ٿين

### بقايا 6 روزاني عبرت

جديد سهولتن سان آراسته ڪيو آهي هن چيو ته 1940ع ۾ قائم ٿيل هن تاريخي اسپتال کي ان جي اصل ورثي کي محفوظ رکندي بحال ڪيو ويو آهي آصف علي زرداري ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي جي عوامي خدمت لاءِ غيرمعمولي محنت، لگن ۽ جذبي کي ساراهيندي چيو ته سندن خدمتون قابل تحسين آهن بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته اسپينسر آءِ اسپتال ۾ روزانو لڳ ڀڳ 4 هزار مريضن کي او پي ڊي جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون بريفنگ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته اسپتال ۾ سمورين طبي سهولتون ۽ علاج مريضن کي مڪمل طور تي مفت فراهم ڪيو پيو وڃي بريفنگ موجب اپريل 2026ع کان هيل تائين 700 کان وڌيڪ ليزر ۽ ٻيا ڪامياب طبي پروسيجر مڪمل ڪيا ويا آهن

### بقايا 7 روزاني عبرت

جي سنڌ آزاد خان چيو ته دهشتگردي جا خدشا موجود آهن پر قانون لاڳو ڪندڙ ادارا انهن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن چيو ته سنڌ پوليس ۽ لاڳاپيل ادارا سٺو ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته جڏهن اسين پنهنجي ملڪ ۽ شهر بابت منفي ڳالهيون ڪندا آهيون ته ٻاهرين دنيا به ان بابت منفي تاثر قائم ڪندي آهي سندس چوڻ موجب، هلندڙ سال سنڌ ۾ دهشتگردي جا 8 واقعا پيش آيا، جڏهن ته گذريل سال انهن جو انگ 37 هو ايڊيشنل آءِ جي ٻڌايو ته گذريل ڇهن مهينن دوران مجموعي طور اسٽريٽ ڪرائيم ۾ 15 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي جڏهن ته گاڏيون ڦر ڪرڻ ۽ ڦر دوران قتل جي واقعن ۾ سالياني بنياد تي 30 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي هن چيو ته ڊاڪٽر آڪاش قتل ڪيس تمام جلد حل ڪيو ويو شهر ۽ ملڪ بابت منفي تاثر عالمي سطح تي پاڪستان جي ساک کي متاثر ڪري ٿو هلندڙ سال 9 ڀتاخور پوليس مقابلن ۾ مارجي ويا، جڏهن ته 61 کي گرفتار ڪيو ويو آهي ٻاهرين ملڪن ۾ ويٺل ڀتاخورن جي 4 مک سرغنن خلاف ريڊ وارنٽ پڻ جاري ڪيا ويا آهن آزاد خان چيو ته منشيات خلاف ڪارروايون کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو هن ٻڌايو ته تجاوزات جي خاتمي لاءِ منصوبو تيار ڪيو ويو آهي جنهن تي جلد عمل شروع ڪيو ويندو جڏهن ته قبضا مافيا خلاف حڪومت ٽاسڪ فورس پڻ قائم ڪري ڇڏي آهي هن وڌيڪ چيو ته فرانزڪ ليبارٽري قائم ڪئي پئي وڃي جڏهن ته سبزي منڊي لاءِ الڳ ٿاڻو پڻ جلد قائم ڪيو ويندو سندس چوڻ هو ته نفري وڌائڻ بدران جديد ٽيڪنالاجي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو پيو وڃي ايڊيشنل آءِ جي چيو ته ٿاڻي جي ثقافت ۾ تبديلي آڻڻ هڪ وڏو چئلينج آهي جنهن لاءِ نوان ايس او پيز تيار ڪيا پيا وڃن انهن ۾ انسپيڪشن جو مؤثر نظام شامل هوندو جڏهن ته شڪايتن جي رجسٽريشن واري نظام کي به خودڪار بڻايو ويندو ان موقعي تي ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر ريحان حنيف چيو ته شهر ۾ امن امان جي صورتحال چار سال اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻي بهتر ٿي آهي. پر اڃا مڪمل طور تي اطمينان بخش ناهي خاص طور اسٽريٽ ڪرائيم تي وڌيڪ ضابطو آڻڻ جي ضرورت آهي هن مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن سيف سٽي منصوبي کي سڄي ڪراچي تائين وڌايو وڃي ۽ غيرقانوني افغانين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ته ڪيترائي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. ريحان حنيف چيو ته اسمارٽ ٽريفڪ سگنلن جو تعداد وڌايو وڃي ته جيئن ٽريفڪ جو نظام بهتر بڻجي سگهي. هن زور ڏنو ته ٽرالرن ۽ ٽرڪن جي فٽنيس کي يقيني بڻايو وڃي. ڇاڪاڻ ته خراب گاڏين سبب حادثا پيش اچي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته تجاوزات سبب نه رڳو ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿئي ٿي، پر ڏوهاري سرگرمين کي به هٿي ملي ٿي سندس چوڻ هو ته زمينن تي قبضا ٿيڻ بعد انهن کي خالي ڪرائڻ ڏکيو هوندو آهي. تنهن هوندي به بروقت ڪارروائي سان صورتحال بهتر بڻائي سگهجي ٿي هن اهو به چيو ته ڪراچي پورٽ تي پارڪنگ جي سهولت نه هجڻ سبب واپارين کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

### بقايا 8 روزاني عبرت

۽ يوڪرين وچ ۾ جاري جنگ ۾ شدت، شهرين جي وڌندڙ فوتگين ۽ عالمي غذائي ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي کي پهچندڙ نقصان تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي فوري جنگ بندي ۽ سفارتي ڳالهين جي بحالي تي زور ڀريو آهي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي هنگامي اجلاس کي خطاب ڪندي پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد چيو ته جنگ جا اثر رڳو لاڳاپيل ملڪن تائين محدود نه رهندا پر دنيا جي ٻين خطن، خاص ڪري اسرندڙ ملڪن ۾ به عوام جي زندگين ۽ معاشي حالتن کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن. پاڪستاني نمائندي انساني امدادي ڪارڪنن ۽ لاڳاپيل ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ جي اطلاعن تي پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته اهو عمل ناقابل قبول ۽ مذمت جوڳو آهي هن ڌرين تي زور ڀريو ته اهي عالمي انساني قانونن جي مڪمل پاسداري ڪن پاڪستاني نمائندي چيو ته جاندار امن ۽ استحڪام رڳو سنجيده ۽ معنيٰ ڀريل ڳالهين ذريعي ئي ممڪن آهي جڏهن ته فوجي حل جون ڪوششون وڌيڪ تباهي انساني حياتين جي نقصان ۽ خطي کان ٻاهر ناڪاري اثرن جو سبب بڻجنديون هن سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ 2774 تي عمل درآمد جي ضرورت تي به زور ڀريو جنهن کي آمريڪا پيش ڪيو هو ۽ پاڪستان سميت ڪائونسل جي ٻين ميمبرن ان جي حمايت ڪئي ان قرارداد ۾ تڪرارن جي پرامن حل، جنگ جي فوري خاتمي ۽ روس ۽ يوڪرين وچ ۾ ڏگهي امن تي زور ڀريو ويو آهي هي اجلاس يوڪرين جي گذارش تي طلب ڪيو ويو هو جنهن ۾ گڏيل قومن جي اختيارين خبردار ڪيو ته يوڪرين ۾ شدت اختيار ڪيل جنگ ۽ اسود سمنڊ جي بندرگاهن تي مسلسل حملا شهرين جي جانين، سامونڊي واپار ۽ عالمي غذائي تحفظ لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪا آهن

### بقايا 9 روزاني عبرت

پنجاب حڪومت طرفان پنجاب جي اڳوڻي وزيراعليٰ پرويز الاهي ۽ محمد خان ڀٽيءَ جون ضمانتون رد ڪرڻ لاءِ داخل اپيلون اڪلائي ڇڏيون، جڏهن ته قرار ڏنو ته جيڪڏهن جوابدار ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيا ته ٽرائل ڪورٽ قانون مطابق سندن ضمانتون خارج ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي. چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهي ۾ بينچ اڳاري ڏينهن ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران پنجاب جي پراسيڪيوٽر موقف اختيار ڪيو ته جوابدار هيستائين 18 ڀيرا ٻڌڻي ملتوي ڪرائي چڪا آهن ان تي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي پڇاڻو ڪيو ته جوابدار ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش ڇو ناهن ٿي رهيا. پرويز الاهي جي وڪيل علي ظفر پراسيڪيوٽر جي موقف جي مخالفت ڪندي چيو ته اها حقيقت جي ابتڙ آهي هن ٻڌايو ته پرويز الاهي هڪ سال تائين جيل ۾ رهيو هيستائين نه چارج فريم ٿيو آهي ۽ نه وري ڪي شاهد پيش ڪيا ويا آهن چيف جسٽس يحيٰ آفريدي ريمارڪس ڏيندي چيو ته شاهد پيش ڪرڻ پراسيڪيوشن جي ذميواري آهي پر عدالت ۾ جوابدارن جي حاضري لازمي آهي ۽ قانون مان غلط فائدو کڻڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون سپريم ڪورٽ پنهنجي حڪم ۾ ٽرائل ڪورٽ کي هدايت ڪئي ته اها ٻن هفتن اندر ڪيس جي ٻڌڻي ڪري عدالت اهو به واضح ڪيو ته جيڪڏهن جوابدار ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيا ته ٽرائل ڪورٽ قانون مطابق سندن ضمانت رد ڪرڻ جو اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي

### بقايا 10 روزاني عبرت

شهيد ٿي ويو جڏهن ته 2 هٿيارٻند جوابي ڪارروائي ۾ مارجي ويا ايس ايس پي ويسٽ طارق الهي مستوئي موجب واقعو پاڪستان بازار ٿاڻي جي حد نيشنل اسٽاپ الطاف نگر لياقت چوڪ پرسان پيش آيو جتي پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ ٻطرفي فائرنگ ٿي فائرنگ دوران پوليس اهلڪار 26 سالن جو محمد حسن عباسي پٽ شوڪت علي جام فرض نڀائيندي شهيد ٿي ويو هن وڌيڪ ٻڌايو ته پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ ٻئي هٿيارٻند مارجي ويا پوليس جوابدارن جي قبضي مان ٻه پسٽل وڏي مقدار ۾ گوليون هلندڙ خول ۽ واردات ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي. پوليس موجب واقعي واري هنڌ تان سمورا ضروري ثبوت گڏ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ سندن ڏوهاري رڪارڊ ۽ واقعي جي ٻين پهلوئن بابت جاچ جاري آهي پوليس موجب مقابلي ۾ مارجي ويل ملزمن جي قبضي مان 2 پسٽول گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي.

### بقايا 11 روزاني عبرت

ڪراچي جي ضلعي ويسٽ ۾ پاڪستان بازار ٿاڻي جي حد لياقت چوڪ پرسان پوليس ۽ هٿيارٻند ڏوهارين وچ ۾ ٿيل فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پوليس اهلڪار محمد حسن عباسي شهيد ٿي ويو جڏهن ته ٻه ڏوهاري مارجي ويا انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ويسٽ کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي سمورن پهلوئن جي شفاف جاچ ڪئي وڃي، پوليس جي ڪارروائي جو جامع جائزو ورتو وڃي ۽ جلد کان جلد رپورٽ پيش ڪئي وڃي آءِ جي سنڌ شهيد پوليس اهلڪار محمد حسن عباسي جي بهادري، فرض شناسي ۽ جرئت کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪندي سندس وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو جاويد عالم اوڍو چيو ته شهيد اهلڪار فرض جي ادائيگي دوران ڏوهاري عنصرن جو بي خوف مقابلو ڪندي بهادري، جرئت ۽ پيشاوارانه ذميواريءَ جو اعليٰ مثال قائم ڪيو جنهن تي سڄي سنڌ پوليس کي فخر آهي

### بقايا 12 روزاني عبرت

مختلف علائقن ۾ پوليس الڳ الڳ ڪارروائين ۽ مبينا مقابلن دوران 6 زخمين سميت مجموعي طور 7 مبينا ڦورن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هٿيار موبائل فون روڪ رقم ۽ وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ موٽرسائيڪلون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا پوليس سيڪٽر 12-ڊي گلزار سوسائٽي ۾ مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ مبينا ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ايڌي اختيارين موجب زخمي جوابدار کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ سجاول شاڪر حسين جي نالي سان ٿي پوليس سندس قبضي مان هٿيار ۽ موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي ٻي ڪارروائي سپر مارڪيٽ پوليس لياقت آباد جي سي ايريا ۾ ڪئي جتي مبينا مقابلي دوران ٻه جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. چيپا اختيارين موجب ٻنهي زخمين کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جن جي سڃاڻپ محمد رضا ۽ محمد راحيل طور ٿي، ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب، گرفتار جوابدارن وٽان پسٽل، موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ آئي هوڏانهن مومن آباد پوليس اورنگي ٽائون سيڪٽر 10 ۾ ڪارروائي ڪندي مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو جن مان هڪ زخمي ٿي پيو چيپا اختيارين موجب زخمي جوابدار شاهنواز کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻئي گرفتار جوابدار عمران کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو پوليس موجب ٻنهي جوابدارن وٽان پسٽل، موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. هڪ ٻي ڪارروائي ۾ بهادرآباد پوليس ڪارساز روڊ تي ڪنٽري هائوس پرسان مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو چيپا اختيارين موجب زخمي جوابدار علي سلمان ۽ وسيم کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس سندن قبضي مان ٻه پسٽلون موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي

### بقايا 13 روزاني عبرت

طور تي جنگي ڏوهن جي زمري ۾ اچي سگهن ٿيون لبنان ۾ پنهنجي 4 ڏينهن جي سرڪاري دوري جي آخر ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وولڪر ترڪ چيو ته سندس آفيس عالمي انساني قانون جي وڏي پيماني تي خلاف ورزين کي دستاويزي شڪل ڏئي رهي آهي جن مان ڪجهه امڪاني طور تي جنگي ڏوهن جي برابر آهن. گڏيل قومن جي اطلاعاتي مرڪز مان جاري ڪيل بيان موجب هن چيو ته لبنان ۾ اسرائيلي فضائي حملن، گولاباري ۽ گهاٽيل آبادي وارن علائقن ۾ ڌماڪيدار هٿيارن جي استعمال سبب شهرين جو وڏو انگ مارجي ۽ زخمي ٿي پيو آهي ۽ وڏي پيماني تي تباهي ٿي ۽ لکين ماڻهون بي گهر ٿيا آهن وولڪر ترڪ اهو به اعلان ڪيو ته هڪ غير جانبدار ۽ آزاد جائزه مشن 2 مارچ کان جاري ٽڪرار دوران سمورين ڌرين پاران مبينه خلاف ورزين بابت معلومات ۽ شاهديون گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون آهن هن لبنان جي اختيارين جي انگن اکرن جو حوالو ڏيندي ٻڌايو آهي ته 2 مارچ کان هاڻي تائين لبنان ۾ 4300 کان به وڌيڪ ماڻهو فوت ۽ 12200 کان به وڌيڪ زخمي ٿي چڪا آهن جن ۾ 135 کان وڌيڪ طبي عملي جا ميمبر صحافي ۽ ميڊيا جا ڪارڪن به شامل آهن

### بقايا 14 روزاني عبرت

جو رحجان ڪيو عالمي ڪاروباري برادري کي يقين ڏياريو ته سنڌ نئين سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ ۽ ڪاروبار جي توسيع کي آسان بڻائڻ لاءِ سيڙپڪار دوست سڌارن، ريگيوليٽري سادگي ۽ پاليسي جي تسلسل کي جاري رکندي. برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪميشن جي سهڪار سان سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز ۽ يوڪي تي ٻڌل فرمز جي اعليٰ سطحي پاڪستان-يوڪي راؤنڊ ٽيبل جي صدارت ڪندي، وڏي وزير پنهنجي حڪومت جي هڪ شفاف، قابل اڳڪٿي ۽ عالمي سطح تي مقابلي واري ڪاروباري ماحول کي پيدا ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. هن چيو ته صوبائي انتظاميا سيڙپڪاري جي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ، پبلڪ پرائيويٽ مصروفيت کي مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌ کي عالمي سيڙپڪارن لاءِ پسنديده منزل طور تي متعارف ڪرڻ لاءِ پرعزم هئي. راؤنڊ ٽيبل معروف برطانوي ڪمپنين، ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز اوورسيز انويسٽرز چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (OICCI)، برطانوي هاءِ ڪميشن جي اعليٰ عهديدارن ۽ اهم صوبائي وزيرن ۽ سيڪريٽرين کي سيڙپڪاري جي ماحول جي چئلينجن، ريگيوليٽري سڌارن ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي آسانين کي بهتر بڻائڻ جي قدمن تي بحث ڪرڻ لاءِ گڏ ڪيو. اجلاس ۾ برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر اليسن بليڪ برن، ڊائريڪٽر ٽريڊ وينيسا مونٽگومري، ڪائونسلر ۽ گروپ هيڊ اڪنامڪس اينڊ ٽريڊ الينا مائلونا، اقتصاديات جي ماهر ميران انالنگم پرائيويٽ سيڪٽر ڊيوليپمينٽ ايڊوائيزر مريم رياض، پوليٽيڪل ايڊوائيزر هديٰ اڪرام ٽريڊ ايڊوائيزر ساره پينگ، ڊپٽي ٽريڊ ڊائريڪٽر زينب محمود سان گڏ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، هيلين برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ، جي ايس ڪي، ريڪٽ، يونيليور، اسٽينڊرڊ چارٽرڊ بئنڪ، يو بي ايل، ايسٽرازينيڪا، او آءِ سي سي آءِ ۽ ٻين وڏين فرمن جي نمائندن شرڪت ڪئي. سنڌ حڪومت جي شرڪت ڪندڙن ۾ لوڪل گورنمينٽ وارو وزير ناصر حسين شاهه، ليبر وارو وزير سعيد غني، فوڊ وارو وزير مخدوم محبوب زمان، سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپس لاءِ وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد، چيئرمين سنڌ ريونيو بورڊ، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊيوليپمينٽ بورڊ، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هوم ۽ فنانس، انڊسٽريز، ليبر ٽرانسپورٽ، سوشل پروٽيڪشن ۽ انويسٽمينٽ کاتن جا اعليٰ عملدار شامل هئا. اجلاس کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته راؤنڊ ٽيبل جو مقصد صرف سيڙپڪارن جي خدشن کي ٻڌڻ نه پر کين عملي ۽ وقت جي پابند قدمن ذريعي حل ڪرڻ هو. هن چيو اڄوڪو اجلاس هڪ خاص مقصد سان تيار ڪيو ويو هو: ٻڌڻ لاءِ. اسان توهان جا خدشا سڌي ريت ٻڌا آهن ۽ مان توهان کي يقين ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اهي صرف هڪ صفحي تي نوٽس ناهن. مون پنهنجي ٽيم کي هدايت ڪئي آهي ته اهڙن شڪايتن کي فوري ۽ مضبوط ڪارروائي جي ضرورت وارا ٺوس معاملا سمجهيو وڃي. وڏي وزير ريگيوليٽري طريقيڪار، ٽيڪسيشن، انفراسٽرڪچر يوٽيلٽيز ۽ ٻين الاقوامي ادارن جي وچ ۾ رابطي سان لاڳاپيل چئلينجن کي تسليم ڪيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته حڪومت سيڙپڪاري ۽ واڌ کي متاثر ڪندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪاروبارين سان گڏجي ڪم ڪندي. هن چيو پنهنجي سيڙپڪارن لاءِ حڪومت جو بنيادي فرض استحڪام شفافيت ۽ تسلسل فراهم ڪرڻ آهي. اسان جو ڌيان صرف نئين سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ تي ناهي؛ اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ به برابر پرعزم آهيون ته اسان جا موجوده سيڙپڪار ترقي ڪن ۽ سنڌ ۾ پنهنجون سرگرميون وڌائين. مراد شاهه انتظامي طريقيڪار کي سادو بڻائڻ عوامي خدمتن کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ ۽ ادارتي رابطي کي بهتر بڻائڻ لاءِ صوبي جي جاري ڪوششن کي اجاگر ڪيو. هن چيو اسان جو مقصد هڪ اهڙو ايڪو سسٽم ٺاهڻ آهي جيڪو قابل اڳڪٿي ڪارائتو ۽ عالمي سطح تي مقابلي وارو هجي. اسان چاهيون ٿا ته سيڙپڪار اسان کي صرف ريگيوليٽرز نه پر ڀائيوارن طور ڏسن. وڏي وزير چيو ته برطانوي ڪمپنين سيڙپڪاري، روزگار جي پيدائش، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ ڪارپوريٽ بهترين عملن جي ذريعي سنڌ جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو سنڌ ڪاروبار لاءِ کليل آهي. اسان ان اعتماد جي قدر ڪريون ٿا جيڪو برطانوي ڪمپنين اسان جي صوبي تي رکيو آهي ۽ گڏيل احترام، سهڪار ۽ گڏيل خوشحالي جي ذريعي ان شراڪتداري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون ان کان اڳ سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپس لاءِ وڏي وزير جي خاص مددگار سيد قاسم نويد شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار چيو ۽ راؤنڊ ٽيبل کي هڪ نتيجا ڏيندڙ پليٽ فارم قرار ڏنو جنهن جو مقصد سيڙپڪارن جي خدشن کي حل ڪرڻ ۽ صوبي جي سيڙپڪاري جي ماحول کي مضبوط ڪرڻ آهي. هن چيو ته حڪومت چاهي ٿي ته ڳالهين جا نتيجا واضح نتيجن ۽ ادارتي سڌارن جي صورت ۾ سامهون اچن. هن چيو اسان نٿا چاهيون ته هي مصروفيت رڳو رسمي هجي. اسان جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته اهو واضح عملن طئي ٿيل ذميوارين ۽ ماپي سگهجندڙ اڳڀرائي ڏانهن وٺي وڃي. قاسم نويد اعلان ڪيو ته حڪومت لاڳاپيل کاتن کي خدشا بابت ذميواريون سونپڻ لاءِ هڪ مسئلن تي ٻڌل ايڪشن ميٽرڪس تيار ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي جنهن سان گڏ مقرر ڪيل فوڪل پرسن ۽ عملدرآمد لاءِ ٽائم لائينز به هونديون. هن وڌيڪ چيو اسان جو مقصد صرف انفرادي ڪيسن کي حل ڪرڻ ناهي پر بار بار پيدا ٿيندڙ رڪاوٽن کي سڃاڻڻ ۽ ادارتي پاليسي سڌارن ذريعي انهن کي حل ڪرڻ پڻ آهي. برطانوي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر اليسن بليڪ برن هن اڳڀرائي جي آجيان ڪئي ۽ وڏي وزير جي شرڪت کي سيڙپڪارن جي مدد ڪرڻ ۽ ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنڌ جي عزم جو هڪ مضبوط اشارو قرار ڏنو. هن چيو ته وفد ۾ ڪراچي ۽ اسلام آباد ٻنهي ۾ برطانوي هاءِ ڪميشن جي ٽيمن جا عملدار شامل هئا جيڪا ان اهميت جي عڪاسي ڪري ٿي جيڪا برطانيه سنڌ ۽ پاڪستان سان پنهنجي اقتصادي ڀائيواري کي ڏئي ٿو. ايم ايس بليڪ برن چيو ته وڏي وزير جي موجودگي صوبائي حڪومت جي سيڙپڪارن سان سڌي ريت مشغول ٿيڻ ۽ ڪراچي ۽ سڄي سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪمپنين کي متاثر ڪندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿي. صوبائي معيشت ۾ برطانوي ڪاروبار جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪندي، هن ريگيوليٽري ۽ سيڙپڪاري جي منظرنامي کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ڪوششن جو اعتراف ڪيو. هن چيو ته ريگيوليٽري رڪاوٽن کي گهٽائڻ ۽ ڪاروبار کي آسان بڻائڻ لاءِ تازو سالن ۾ متعارف ڪرايل 500 کان وڌيڪ سڌارائي قدم حوصلا افزائي ڪندڙ اڳڀرائيون آهن جيڪي سيڙپڪارن جو اعتماد مضبوط ڪنديون ۽ وڌيڪ سيڙپڪاري کي راغب ڪنديون. عوامي ۽ نجي شعبن جي وچ ۾ مسلسل مصروفيت جي اهميت تي زور ڏيندي هن چيو ته هڪ وڌيڪ قابل اڳڪٿي، شفاف ۽ مقابلي وارو ڪاروباري ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ مسلسل ڳالهيون ضروري آهن. پاڪستان جي سيڙپڪاري جي ماحول ۽ ريگيوليٽري سڌارن جي ايجنڊا تي REMIT/ FCDO جي هڪ پريزنٽيشن ملڪ جي اقتصادي صلاحيت ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد کي متاثر ڪندڙ چيلينجز ٻنهي کي اجاگر ڪيو. پريزنٽيشن مان ظاهر ٿيو ته جڏهن ته 74.1 سيڪڙو سيڙپڪار پاڪستان کي نئين پرڏيهي سڌي سيڙپڪاري (FDI) جي منزل طور تجويز ڪندا، اتي 95.1 سيڪڙو ڪاروباري خطرن کي وچولي کان وڏو سمجهڻ جاري رکيو جيڪو ملڪ جي سيڙپڪاري جي منظرنامي ۾ هڪ اهم تضاد کي ظاهر ڪري ٿو.

### بقايا 15 روزاني عبرت

ڪيو ويندو هن صوبائي اشتهارات جي منصفاڻي تقسيم جي خاطري ڪرائيندي اتفاق ڪيو ته اشتهارن جي تقسيم جو ڊيٽا روزاني بنياد تي ويب سائيٽ تي جاري ڪرڻ گهرجي اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين سنڌ ڪميٽي جاويد مهر شمسي جي صدارت ۾ ٿيو اجلاس ۾ صوبائي سيڪريٽري اطلاعات شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اي پي اين ايس جي صدر سرمد علي ۽ سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي ۽ ميمبر صوبي سنڌ جي اخبارن کي پيش مسئلا سيڪريٽري اطلاعات کي ٻڌايا، ۽ چيو ته واجبات جي عدم ادائيگي سبب اخبارون شديد مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيو آهن هنن چيو ته جاري ڪيل اشتهارن جي تعداد گهٽ آهي اجلاس ۾ مطالبو ڪيو ويو ته پرنٽ ميڊيا جي لاءِ اشتهارن جو تعداد وڌايو وڃي، جيئن هو پنهنجي ڇپائي جاري رکي سگهن اجلاس ۾ جاويد مهر شمسي چيئرمين سنڌ ڪميٽي يونس مهر نائب چيئرمين، شهاب زبيري، قاضي مصطفيٰ اسد عابد (روزاني عبرت) جنيد اڪرم (روزاني ڊان)، بلال فاروقي (روزاني آغاز)، ڊاڪٽر جبار خٽڪ، رفيق احمد پيرزاده، نجم الدين شيخ، زاهد عباسي، حسينه جتوئي، محمد عرفان ۽ شاهد شرڪت ڪئي ڊي جي انفارميشن سنڌ معيز پيرزادو ۽ ڊائريڪٽر ايڊورٽائيزمينٽ يوسف ڪابورو پڻ خصوصي شريڪ ٿيا

### بقايا 16 روزاني عبرت

ڏينهن اڳ مڇر ڪالوني ۾ شهري جي انڌي قتل جو معمو حل ڪندي قتل ۾ ملوث مقتول جي زال ۽ سندس آشنا کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب 25 جولاءِ تي ڊاڪس ٿاڻي جي حد مڇر ڪالوني نالا اسٽاپ پرسان اڻڄاتل هٿيارٻند جوابدار نذير احمد ولد نصيب الله کي مٿي ۾ گولي هڻي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا هئا. واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي انتهائي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو جتي هو علاج دوران فوت ٿي ويو. واقعي جو ڪيس ڊاڪس ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر نمبر 377/26 تحت قلم 302 ۽ 34 جي تحت داخل ڪيو ويو ايس ايس پي ڪياماڙي جي هدايت تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ خاص ٽيم جوڙي وئي جنهن ٽيڪنيڪل ذريعن ۽ مؤثر جاچ ذريعي ٻن ڏينهن اندر قتل ۾ ملوث عابدالله ولد اختر محمد ۽ مقتول جي زال آمنه کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان قتل ۾ استعمال ٿيل 9 ايم ايم پسٽل پڻ هٿ ڪئي وئي آهي ابتدائي جاچ دوران جوابدار عابدالله اعتراف ڪيو ته هو مقتول نذير سان گڏ هڪ نجي هوٽل ۾ ڪم ڪندو هو ۽ سندس نذير جي گهر اچ وڃ هوندي هئي پوليس موجب ابتدائي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي ته عابدالله ۽ مقتول جي زال آمنه وچ ۾ ناجائز لاڳاپا هئا ۽ ٻنهي گڏجي نذير کي قتل ڪرڻ جي رٿابندي ڪري واردات کي انجام ڏنو گرفتار جوابدار ۽ جوابدار عورت کي وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ جاچ ونگ حوالي ڪيو ويو آهي

### بقايا 17 روزاني عبرت

اديب سڪندر ملاح بيماري سبب علاج لاءِ پريشان آهي سنڌ حڪومت جو ثقافت کاتو سندس سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي زندگي بچائي وڃي سنڌ جي ناميارن اديبن،شاعرن ،سياسي سماجي شخصيتن سنڌ ڪلچرل فورم جي مرڪزي چيئرمين صادق لاکو سيڪريٽري جنرل لياقت علي سهتو اديب شاعر ڪهاڻيڪار سخي غلام حسين خاصخيلي ديدار شاد گوپانگ، ،محمد عالم ڪيريو جمشيد زهرائي،سارنگ ملاح،غلام نبي جوٽيجو عباس ملاح مختيارعلي وڪو خالد ڪيريو منير ولهاري ۽ ٻين سنڌ جي صوبائي وزير ثقافت سيد ذوالفقار علي شاه سيڪريٽري ثقافت ۽ سنڌي ادبي بورڊ جامشورو جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان عاطف ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن جو ڌيان ڇڪائيندي چيو آهي ته سڪندر علي ملاح سنڌ جو پرخلوص محنتي اديب آهي جنهن جي سموري زندگي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت ۽ آبياري ڪندي گذري آهي

### بقايا 18 روزاني عبرت

خلاف تعمير ڪيل بلند عمارتون هجڻ جو معاملو پڻ پي اي سي ۾ اٿاريو ويو. پي اي سي جي اجلاس دوران ڪميٽي جي ميمبر طاهر احمد نشاندهي ڪندي چيو ته مزار قائد جي چوڌاري قانون جي ابتڙ ڪيترين ئي بلند عمارتن جي تعمير ڪئي وئي آهي هن سوال اٿاريو ته انهن عمارتن جي منظوري ڪهڙن عملدارن ڏني ۽ انهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هن چيو ته جيستائين سزا ۽ جزا جو مؤثر نظام لاڳو نه ٿيندو تيستائين بهتري نه ايندي ايس بي سي اي جي عملدارن پي اي سي کي ٻڌايو ته 50 فوٽن کان وڌيڪ بلند عمارتن جي تعمير لاءِ لاڳاپيل ادارن کان اين او سي حاصل ڪرڻ لازمي هوندي آهي ان موقعي تي پي اي سي مزار قائد جي چوڌاري قانون جي خلاف تعمير ڪيل بلند عمارتن بابت ايس بي سي اي جي عملدارن کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

### بقايا 19 روزاني عبرت

واقعو سهراب گوٺ واري علائقي جي آصف اسڪوائر انبس پلازا قبرستان پرسان پيش آيو جتي اڻڄاتل هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ 22 ورهين جو رب نواز مارجي ويو ريسڪيو اختيارين موجب مقتول کي ڪمر ۾ گوليون لڳيون جنهن بعد کيس عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پر هو زخمن جا سور نه سهي سگهيو ڊي ايس پي سهراب گوٺ اورنگزيب خٽڪ موجب، شروعاتي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو هن ٻڌايو ته رب نواز گهر واپس وڃي رهيو هو ته اڻڄاتل جوابدارن پليان کان مٿس فائرنگ ڪئي جنهن سبب کيس ڪمر ۾ به گوليون لڳيون ۽ هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو پوليس ڪرائيم سين يونٽ کي طلب ڪري ورتو آهي جيڪو واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪري رهيو آهي جڏهن ته اکين ڏٺن شاهدن جا بيان پڻ قلمبند ڪيا پيا وڃن ٻيو واقعو گلبائي واري علائقي ۾ لياري ايڪسپريس وي پل پرسان پيش آيو جتي هڪ شخص جو گولي لڳل لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي ثبوت گڏ ڪيا، جڏهن ته لاش کي ڇيپا جي رضاڪارن ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو اختيارين موجب، فوري طور مقتول جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته سندس عمر لڳ ڀڳ 30 کان 35 ورهيه ٻڌائي پئي وڃي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي سڀني رخن کان جاچ جاري آهي جڏهن ته مقتول جي سڃاڻپ لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون پيون وڃن

### بقايا 20 روزاني عبرت

آمريڪي ڪانگريس جي هڪ وفد ۽ اعليٰ سطح جي آمريڪي ڪاروباري وفد کي خطاب ڪندي نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان آمريڪا سان پنهنجي پراڻي اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي حصيداري کي انتهائي اهميت ڏئي ٿو ۽ واپار سيڙپڪاري ۽ اڀرندڙ شعبن ۾ تعاون جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهي وفد جي آجيان ڪندي سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته هن دوري سان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پراڻي دوستي ۽ پاڪ – آمريڪا لاڳاپن ۾ مثبت اڳڀرائي جي عڪاسي ٿئي ٿي هن چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا ترتيبوار دنيا جي پنجين ۽ ٽئين وڏي آبادين ۾ آهن ۽ اهي هڪ ٻئي جي اقتصادي صلاحيتن مان فائدو کڻندي گڏيل مفاد تي ٻڌل مضبوط حصيداري قائم ڪرڻ جي بي پناهه صلاحيت رکن ٿا. هن چيو ته آمريڪا پاڪستان جي برآمدات جي لاءِ سڀ کان وڏي واحد منڊيءَ آهي. گذريل مالي سال دوران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار جو ڪاٿو 9.4 ارب ڊالر تائين پهچي ويو هن يقين ظاهر ڪيو ته ايندڙ 5 سالن ۾ واپاري ڪاٿي کي وڌائي 20 ارب آمريڪي ڊالر تائين وٺي وڃي سگهجي ٿو نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان اهڙي منصفاڻي، متوازن ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل واپار تي يقين رکي ٿو جيڪو ٻنهي معيشتن جي لاءِ قدر پيدا ڪري ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام جي گڏيل خوشحالي جو سبب بڻجي هن چيو ته پاڪستان آمريڪا کان ڪپهه ۽ سويابين درآمد ڪندڙ وڏن ملڪن ۾ شامل آهي جنهن سان آمريڪي آبادگارن کي فائدو پهچي ٿو جڏهن ته پاڪستان آمريڪي هائيڊرو ڪاربن مصنوعات جي هڪ اهم منڊيءَ جي طور تي پڻ اڀري رهيو آهي اهڙي طرح پاڪستان ۾ جديد مشينري، ٽيڪنالاجي ۽ ٻئي سامان جي وڌندڙ طلب آمريڪي صنعتڪارن جي لاءِ نمايان موقعا فراهم ڪري ٿي هن چيو ته ناليواري آمريڪي ڪمپنيون پاڪستان ۾ ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، اهم معدنيات، توانائي، دفاع ۽ مينوفيڪچرنگ جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي موقعن جو جائزو وٺي رهيون آهن

### بقايا 21 روزاني عبرت

وقت سر تياري ۽ مربوط حڪومتي قدمن ذريعي انساني جانين ۽ ملڪيتن کي نقصان کي نمايان حد تائين گهٽ ڪري سگهجي ٿو اڳاري ڏينهن وفاقي وزيرن سان نيشنل ڊزاسٽر مئنجمينٽ اٿارٽيءَ جي دوري جي موقعي تي نيوز بريفنگ ڏيندي هن چيو ته اين ڊي ايم اي جي سگهه ۽ اڳواٽ تياريءَ ۾ مسلسل بهتري آندي پئي وڃي گذريل سال شديد ٻوڏ باوجود وقت سر ريسڪيو ۽ رليف ڪارروائين عيوض انساني جانين جو نقصان گهٽ رهيو جيڪو ادارن جي بهتر تياري ۽ مؤثر ردعمل جو نتيجو آهي. احسن اقبال چيو ته وزيراعظم جي خاص هدايت تي گليشيئرز جي پگهرجڻ سان پيدا ٿيندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نگراني ۽ اڳواٽ خبردار واري نظام کي مؤثر بڻايو پيو وڃي |

### بقايا 22 روزاني عبرت

ڪئي پاڪ فوج جي شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب آمريڪي ڪانگريس جي ميمبرن جي وفد جي ايڇ ڪيو ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي آمريڪي وفد ۾ رياست مونٽانا سان تعلق رکندڙ ايوان نمائندگان جي ميمبر ريان ڪيٽ زنڪي ۽ واشنگٽن سان تعلق رکندڙ مائيڪل جيمز شامل هئا ملاقات دوران گڏيل دلچسپي وارن معاملن، علائقائي سلامتي جي صورتحال، ٻطرفي دفاعي ۽ معاشي سهڪار ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ جي امڪانن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آءِ ايس پي آر موجب ملاقات دوران فيلڊ مارشل پاڪستان جي وسيع معاشي صلاحيتن کي اجاگر ڪندي چيو ته پائيدار علائقائي استحڪام جو بنياد معاشي ترقي واپار جي واڌاري ۽ علائقائي رابطن ۾ موجود آهي

### بقايا 23 روزاني عبرت

جي ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته آزاد ڪشمير ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ڇا ان کي جمهوريت جو نالو ڏئي سگهجي ٿو؟ هن ميرپور جي عوام جا ٿورا مڃيندي چيو ته هنن پنهنجي ووٽن سان پيپلز پارٽي کي اڪثريت ڏني پر لڳي ٿو ته رياست جو هر فيصلو مسلم ليگ (ن) جي حق ۾ وڃي رهيو آهي جنهن جو نقصان ڪشمير، پاڪستان ۽ انهن جي عوام کي ٿي رهيو آهي هن چيو ته رياست کي اهو طئي ڪرڻو پوندو ته ان لاءِ قومي مفاد وڌيڪ اهم آهي يا مسلم ليگ (ن) جو مفاد. اسان قومي مفاد خاطر پاڪستان جي رياست سان گڏ بيٺل آهيون نه ڪي مسلم ليگ (ن) جي مفاد لاءِ اکيون کوليو مسلم ليگ (ن) جي مفادن کي ترجيح ڏيڻ سبب پاڪستان جو ڪهڙو حال ٿيو آهي ۽ ڪشمير سان ڇا ڪيو پيو وڃي؟ هي آزاد ڪشمير آهي. ان کي ڪڏهن به والاريل ڪشمير جهڙو بڻجڻ نه ڏينداسين ڇا اهي چاهين ٿا ته پونڇ آزاد ڪشمير بدران والاريل ڪشمير جهڙو نظر اچي؟ بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته انٽرنيٽ بند ڪرڻ سان آزاد ڪشمير نه پر والاريل ڪشمير جو تاثر پيدا ٿيندو ڇا توهان سمجهو ٿا ته سڀئي سياسي پارٽيون بيوقوف آهن؟ ڇا ڪشمير جا ماڻهو نٿا ڄاڻن ته انهن سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ هن چيو ته ڌانڌلي جي اها ڪهاڻي اڄ کان شروع ناهي ٿي قومي مفاد کي پوئتي ڌڪي مسلم ليگ (ن) جي مفادن کي ترجيح ڏيڻ جو سلسلو به اڄ کان شروع ناهي ٿيو

### بقايا 24 روزاني عبرت

شهباز شريف آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي چونڊن جي پهرين مرحلي جي ڪامياب انعقاد تي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته قائد ميان محمد نواز شريف جي قيادت ۾ مسلم ليگ (ن) جي ٽيم آزاد ڪشمير ۾ تمام گهڻي ڪامياب چونڊ مهم هلائي اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم آزاد ڪشمير جي چونڊن جي پهرين مرحلي ۾ مسلم ليگ (ن) کي واضح برتري تي مبارڪباد ڏني هن چيو ته آزاد ڪشمير جي چونڊن جي پهرين مرحلي ۾ سياسي پارٽين ڀرپور حصو ورتو جيڪو جمهوري عمل جي ڪامياب انعقاد جي نشاني آهي هن چيو ته عوام ايندڙ مرحلي ۾ ساڳئي جوش سان حصو وٺي جمهوري عمل کي ڪامياب بڻائي

### بقايا 25 روزاني عبرت

زرداري فرانس ۽ اسپين جي ٻيلن ۾ باهه لڳڻ تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي ان جي نتيجي ۾ قيمتي جانين جي نقصان ۽ تباهي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران اڳاري ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب، صدر متاثر خاندانن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان فرانس ۽ اسپين جي حڪومتن ۽ عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو هن فائر فائٽرز ۽ امدادي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته موسمياتي تبديلي پوري انسانيت لاءِ هڪ گڏيل چئلينج آهي صدر چيو ته پاڪستان پڻ موسمياتي تبديلي جي تباهي آڻيندڙ اثرن کان سخت متاثر ملڪن ۾ شامل آهي هن چيو ته گڏيل چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ عالمي يڪجهتي ۽ گڏيل ڪوششون اهم آهن

### بقايا 26 روزاني عبرت

پاڪستان پيپلز پارٽي ٻئي نمبر تي رهي آهي. آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي ميرپور، ڪوٽلي ۽ ڀمبر ڊويزنن جي 13 تڪن تي سومر ڏينهن ووٽنگ ٿي شام 5 وڳي ووٽنگ جو مقرر وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ ووٽرن جي سهولت لاءِ هڪ ڪلاڪ وڌيڪ وقت ڏنو ويو جنهن کان پوءِ ووٽن جي ڳڻپ جو عمل مڪمل ڪيو ويو. ميرپور ڊويزن جي 13 ئي تڪن جا مڪمل غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجا سامهون اچي ويا آهن جن موجب 9 تڪن تي مسلم ليگ (ن) جڏهن ته 4 تڪن تي پاڪستان پيپلز پارٽي ڪاميابي ماڻي آهي

### بقايا 27 روزاني عبرت

۾ ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ٿيل ملاقات لڳ ڀڳ 90 منٽن تائين جاري رهي. وائيٽ هائوس جي پريس سيڪريٽري ڪيرولين ليوٽ سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ چيو ته آمريڪي صدر ۽ اسرائيلي وزيراعظم جي ملاقات مثبت ۽ تعميري رهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب، ٻنهي اڳواڻن جي ملاقات بابت وڌيڪ تفصيل اڃا تائين جاري نه ڪيا ويا آهن

### بقايا 28 روزاني عبرت

وڌيڪ ٻن ڄڻن کي ڦاسي ڏني وئي آهي. ايراني عدليه طرفان جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي ڄڻن تي 8 جنوري تي اصفهان جي عليخاني اسڪوائر ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ٽن اهلڪارن جي قتل ۾ ملوث هجڻ جو الزام هو

### بقايا 29 روزاني عبرت

چوري، مٿان وري سينا زوري" وارو مثال مسلم ليگ (ن) تي بلڪل ٺهڪي اچي ٿو هن چيو ته معصوم ڪشميرين جي ووٽ جي حق تي مسلم ليگ (ن) جيڪو ڌاڙو هنيو اهو سڀني جي سامهون آهي هن چيو ته انتهائي بدترين ڌانڌلي ڪئي وئي، سرعام هٿيارن جي نمائش ڪئي وئي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو هڪ ڪارڪن شهيد ٿيو پر مريم نواز کي تعزيت ۽ افسوس ڪرڻ گهرجي ها، جيڪو هن نه ڪيو هن وڌيڪ چيو ته مريم نواز اقتدار جي تڪبر ۽ غرور ۾ خطاب ڪيو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيئن فارم 47 جي خيرات ۾ مليل مينڊيٽ تي مسلم ليگ (ن) اقتدار ۾ ويٺي آهي اهو پاڪستان جي ٻچي ٻچي کي معلوم آهي هر ڪنهن کي خبر آهي ته پنجاب جي عوام کين عبرتناڪ شڪست ڏني سندن ڪو به وڏو اڳواڻ ڪامياب نه ٿي سگهيو پر پوءِ به کين حڪومت ملي هن چيو ته جنهن طريقي سان مسلم ليگ (ن) کي وفاقي حڪومت ملي، اهو به سڀني کي معلوم آهي سندس چوڻ هو ته فارم 47 جي پيداوار جماعت هاڻي چاهي ٿي ته ڪشمير ۾ به فارم 47 جهڙي ڌانڌلي واري حڪومت قائم ڪئي وڃي. هن چيو ته عوام کي خبر آهي ته 2024ع ۾ اوهان کي ڪيتري تاريخي شڪست ملي، جڏهن ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي هر ڀيري اڳ کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل ٿي هن چيو ته سنڌ ۾ صحت جون بهترين سهولتون موجود آهن

### بقايا 30 روزاني عبرت

سي سي) جي سيڪريٽري جنرل جاسم محمد البديوي سعودي عرب تي ڊرون حملن جي مذمت ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن چيو ته اهي حملا خطرناڪ ڇڪتاڻ عالمي قانون جي کليل ڀڃڪڙي ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ سڌيءَ ريت خطرو آهن جاسم محمد البديوي سعودي عرب سان جي سي سي جي مڪمل يڪجهتي جو ورجاءُ ڪندي چيو ته ڪائونسل سعودي عرب جي سلامتي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ لاءِ کنيل سمورن قدمن جي حمايت ڪري ٿي

### بقايا 31 روزاني عبرت

ملڪ هيٽي ۾ صدارتي ۽ پارلياماني چونڊن جو پهريون مرحلو 13 ڊسمبر تي منعقد ٿيندو پرڏيهي ميڊيا مطابق هيٽي جي عارضي چونڊ ڪائونسل گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي ملڪ ۾ 13 ڊسمبر تي صدارتي ۽ پارلياماني چونڊن جو پهريون مرحلو منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته ٻي مرحلي سان گڏوگڏ مقامي ۽ علائقائي ڪائونسلن جون چونڊون 21 فيبروري 2027ع تي ڪرايون وينديون چونڊ ڪائونسل مطابق چونڊ شيڊول جو دارومدار قابل قبول سيڪيورٽي صورتحال ۽ چونڊ عمل لاءِ گهربل مالي وسيلن جي فراهمي تي هوندو

---

FBR PAKISTAN

Revenue Division
Federal Board of Revenue
Government of Pakistan

AUTHORIZED VENDORS FOR INSTALLATION AND MAINTENANCE OF PRODUCTION MONITORING SYSTEM IN PAPER AND PAPERBOARD SECTOR

(Three years from authorization)

1. The Federal Board of Revenue (FBR) invites sealed bids from eligible vendors, registered with PPRA on E-PADS as vendors and with Income Tax and Sales Tax Departments, and included in Active Taxpayer's List of FBR, for the deployment of a production monitoring solution across the paper and paperboard sector in Pakistan. The vendors are required to submit proposals for a production monitoring/counting solution comprising one or more suitable technologies, including PLC/SCADA or machine-controller integration, barcode/QR code/RFID-based traceability, industrial sensors, load cells and weighing systems, reel diameter, width, length, GSM and other production parameter measurement, OCR, image-based recognition, industrial cameras, video analytics, utility monitoring, or any other technically suitable solution proposed by the Vendor and approved by the FBR, provided it meets both the Technical and Proof of Concept (POC) evaluation criteria (including preferable accuracy of 99% with a minimum requirement of 99%) defined in Section V – Scope of Work and is cost-effective.
2. Bidding documents are available on FBR/PPRA Websites i.e. **https://www.ppra.gov.pk** & **https://www.fbr.gov.pk/** and can be downloaded free of cost. Bids duly completed and in conformity with Bidding Documents must be submitted till **13th August, 2026** at **11 AM**.
3. The instant procurement for authorized vendors is being carried out under PPRA Ordinance, 2002 (including Section 2(l)) read with Public Procurement Rules, 2004. Procurement structure has been designed keeping in view Rule 4 and other relevant provisions under PPR, 2004 including but not limited to provisions as referred at Rule 15, Rule 21, Rule 29 and the rules connected thereto. The translation of the relevant provisions of PPR, 2004 into procurement design/structure has been made part of the instant bidding document.
4. The procurement shall be carried out in accordance with PPRA's Two-Stage Bidding Procedure:
   a. **Stage 1:** Bidders shall submit a technical proposal, including the indicative price per installation point and breakdown of price per component, which will be evaluated based on the Technical Evaluation Criteria defined in Section V. Successful bidders will be required to conduct a POC, which will be evaluated based on POC Evaluation Criteria defined in Section V. Afterwards, FBR will conduct a Bidders Conference to discuss all solutions and their feasibility of implementation. Post the Bidders Conference, FBR will, at its discretion, finalize a specific production counting solution for implementation.
   A revised RFP with FBR's finalized solution will be circulated with all bidders after the Bidders Conference.
   b. **Stage 2:** All eligible bidders will be required to submit a technical proposal, including the firm and binding price per installation point and breakdown of price per component, and conduct a POC test for the solution finalized by FBR. Upon evaluation, FBR will shortlist successful bidders and issue authorization.

For the avoidance of doubt, the price per installation point and the price breakdown submitted with the technical proposal at Stage 1 are indicative and non-binding, and are required only to inform evaluation and planning; Stage-1 technical scoring is based on experience and robustness and does not take price into account. The price per installation point and price breakdown submitted with the revised technical proposal at Stage 2, against FBR's finalized solution, shall be firm and binding and shall form the basis for authorization and the resulting contract.

5. A pre-bid meeting and Bidders Conference will take place as per the following details:
   a. Pre-bid meeting, to clarify vendor queries, will take place after bid submission on **31st July, 2026** at **11:00 AM** 3rd Floor, FBR House, Constitution Avenue, G-5, Islamabad.
   The bidders who wish to join the meeting virtually can join by using the following link [https://zoom.us/j/93250297709?pwd=QLOe36MlwRTGHB9sahRbMmpDQfu5AW.1 Meeting ID: 932 5029 7709 Passcode: 256415]
   b. Bidders Conference, to discuss technical details of all proposed solutions with all bidders, will take place after bid submission on **19th August, 2026** at **11:30 AM**, 3rd Floor, FBR House, Constitution Avenue, G-5, Islamabad. The conference will be conducted before the finalization of solution by FBR.
6. The original bid along with 2 copies, & one in soft form properly filled in, and enclosed in sealed envelopes must be delivered to the address, **Room 510, 5th Floor, FBR House, Constitution Avenue, G-5, Islamabad**, at or before 13th August, 2026 The bids shall be opened promptly thereafter in public and in the presence of bidders' representatives who choose to attend in the opening in the Room 358, 3rd Floor, FBR House, Constitution Avenue, G-5, Islamabad.
7. All bids must be accompanied by a Bid Security amounting **PKR. 1,000,000 (One million Only)**, or freely convertible currencies in case of foreign Bidders in an acceptable form
8. Interested eligible bidders may request for further information/clarification by email at **secretary.admin@fbr.gov.pk** during official business days and timings, within Seven (07) days before the proposal submission deadline.
9. FBR may reject all bids at any time prior to the acceptance of a bid by invoking rule 33 of Public Procurement Rule (PPR), 2004.

**Farrukh Amir Sial**
Secretary (Administration)
Room 506, Fifth Floor, Federal Board of Revenue (HQ) Islamabad
Email: secretary.admin@fbr.gov.pk
Phone No: 051-9203679

URAAN PAKISTAN

PID(I)804/26

FBR HELPLINE
helpline@fbr.gov.pk
051 111 772 772
www.fbr.gov.pk

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
جيئي لطيف
صفحو 4

فقير حاجن نظاماڻي
لطيفي رنگ
صفحو 4

مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ميڊيا: سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ نئون سچ..!
غلام فاروق
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن
29 جولاءِ
صفحو 4

## شهدادپور ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران ڪامريڊ دادا علي بخش شيدي جي ورسي ملهائي

### سنڌ ۾ هينئر حالات تمام خراب آهن سنڌ جون نياڻيون اغوا پيون ٿين: ثمر حيدر جتوئي

### سنڌ جون زمينون پاڻي جبل معدنيات هر شي سنڌ حڪومت وڪڻي ڇڏيو آهي

### وڏيرا، ڀوتار جاگيردار سنڌ جي ماڻهن جو حق ڪسيو ويٺا آهن پر اسين خاموش نه ويهنداسين

شهدادپور : دادا علي بخش ڪامريڊ جي ٽئين ورسي تي سنڌ هاري ڪاميٽي صدر ثمر جتوئي ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندي

شهدادپور (ن ع)سنڌ هاري ڪاميٽي پاران يادگار ڪاميٽي دادا علي بخش قمبراڻي جي تعاون سان انقلابي اڳواڻ هارين لاءِ سڄي حياتي جدوجهد ڪندڙ ڪامريڊ دادا علي بخش شيدي جي ٽين ورسي شهدادپور پريس ڪلب جي سورهيه بادشاهه هال ۾ ملهائي وئي ورسي تقريب جي شروعات سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي، عوامي ورڪرز پارٽي صوبائي صدر قاضي علي نواز نظاماڻي اظهر پلاڻ صحافي اسلم آزاد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڪامريڊ داد علي بخش شيدي جي آخري آرامگاه تي گلن جي چادر چاڙهي ڪئي وئي ورسي تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي چيو ته سنڌ ۾ هينئر حالات تمام خراب آهن سنڌ جون نياڻيون اغوا پيون ٿين پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگي اجا تائين بازياب ناهن ٿيون سنڌ حڪومت پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ لڳل ڌرڻي تي پوليس پاران تشدد جي مذمت ڪجي ٿي سنڌ جون زمينون پاڻي جبل معدنيات هر شي سنڌ حڪومت وڪڻي ڇڏيو آهي پنجاب حڪومت سنڌ جي پاڻي تي ڏاڙو هنيو ويٺو آهي پر سنڌ حڪومت خاموش تماشائي بڻيل آهي سنڌ جو زمينون بنجر بڻجي ويون آهن وڏيرا ، ڀوتار جاگيردار مير پير سنڌ جي ماڻهن جو حق ڪسيو ويٺا آهن پر اسين خاموش نه ويهنداسين سنڌ جي سيني اشوز تي سخت جدوجهد ڪنداسين ورسي تقريب کي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي سينئر نائب صدر محمد ادريس بروهي، ميڊم رفيع گلاٽي، ڪامريڊ عبدالڪريم شر، ڪامريڊ وجود شر ، عبدالله چانڊيو ، ايڊوڪيٽ طارق آرائين، عوامي ورڪرز پارٽي صوبائي صدر علي نواز قاضي اختر نظاماڻي ، عالم لغاري ، عابد رند ، ڦوٽو مل ، پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري صحافي مهدي پهنور ، صحافي اسلم آزاد خاصخيلي، اظهر پلاڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو

## سکر بئراج کان پيڙي چوڪ تائين ڊبل روڊ منصوبي جو ڪم آخري مرحلي ۾ داخل

### ضلع چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه منصوبي جو تفصيلي دورو ڪري جاري ڪم جو جائزو ورتو

### ترقياتي منصوبن جو مقصد شهرين کي جديد سفري،تفريحي،رانديون ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي: ڪميل حيدر شاهه

### ايندڙ ٻن کان ٽن سالن دوران ٻنهي شهرن جي ترقي، خوبصورتي ۽ بنيادي ڍانچي ۾ واضح تبديلي نظر ايندي: ميڊيا سان اظهار

سکر: ضلع ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه منصوبي جو دورو ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي ۽ سکر بئراج کان پيڙي چوڪ تائين تعمير هيٺ ڊبل روڊ منصوبو مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويو آهي چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه تعمير هيٺ منصوبي جو تفصيلي دورو ڪري جاري ڪم جو جائزو ورتو،لاڳاپيل آفيسرن کان بريفنگ ورتي ۽ تعميراتي معيار جو معائنو ڪندي منصوبي کي مقرر مدي اندر مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته سکر ۽ روهڙي ۾ لوڪل گورنمينٽ کاتي تحت جاري ترقياتي منصوبن جو مقصد شهرين کي جديد سفري،تفريحي،رانديون ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته ايندڙ ٻن کان ٽن سالن دوران ٻنهي شهرن جي ترقي،خوبصورتي ۽ بنيادي ڍانچي ۾ واضح تبديلي نظر ايندي هن چيو ته روهڙي جي مرڪزي شاهراهه کي ڊبل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت هئي ڇاڪاڻ ته هن رستي تان روزانو هزارين گاڏيون گذرن ٿيون سندس چوڻ هو ته منصوبي ۾ دير جو سبب روڊ جي وچ ۾ موجود وڻ،قبضا ۽ ٻيون فني رڪاوٽون هيون جيڪي هاڻي ختم ٿي چڪيون آهن تنهنڪري منصوبو آخري مرحلي ۾ پهچي ويو آهي ۽ جلد عوام لاءِ کوليو ويندو چيئرمين ضلع ڪائونسل چيو ته ضلعي جي شهري علائقن سان گڏ ٻهراڙي وارن علائقن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ به ساڳئي جذبي سان ڪم ڪيو پيو وڃي جيئن هر علائقي جي رهواسين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ٻڌايو ته روهڙي ۾ سيد ناصر حسين شاهه اسپورٽس اڪيڊمي جي تعمير تي تيزي سان ڪم جاري آهي جيڪا ايندڙ ڇهن مهينن اندر مڪمل ڪئي ويندي

## منگهوپير ٽائون کي جديد، منظم ۽ ترقي يافته بلدياتي انفراسٽرڪچر سان سينگارڻ لاءِ منصوبا جاري

### يونين ڪونسل 9 ۽ 10 کي پاڻ ۾ ملائيندڙ خدا جي بستيءَ جي مرڪزي شاهراهه وارو منصوبو پايه تڪميل طرف وڌڻ لڳو

### پهرين مرحلي ۾ روڊ جو هڪ ٽريڪ ڪاميابي سان مڪمل ڪري ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو آهي: حاجي نواز علي بروهي

### ٻئي ٽريڪ تي تعميراتي ڪم ڏينهن رات جاري آهي ۽ ان کي پڻ تمام جلد مڪمل ڪري عوام لاءِ کوليو ويندو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي اڳواڻيءَ ۾ منگهوپير ٽائون کي جديد، منظم ۽ ترقي يافته بلدياتي انفراسٽرڪچر سان سينگارڻ لاءِ ترقياتي منصوبن تي ڀرپور رفتار سان عملدرآمد جاري آهي ساڳئي سلسلي ۾ خدا جي بستيءَ جي مرڪزي شاهراهه، جيڪا يونين ڪونسل 9 ۽ يونين ڪونسل 10 کي پاڻ ۾ ملائي ٿي، جي تعمير ۽ بحالي جو اهم منصوبو ڪاميابي سان مڪمل ٿيڻ طرف وڌي رهيو آهي، تقريبن هڪ ڪلوميٽر ڊگهي اها مرڪزي شاهراهه گذريل ڪيترن ئي سالن کان خسته حال هئي جنهن جي ڪري روزاني هزارين شهرين، شاگردن، نوڪري پيشه ماڻهن ۽ ٽرانسپورٽرن کي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلاتن، ٽريفڪ جي دٻاءُ ۽ حادثن جي خدشن کي منهن ڏيڻو پوندو هو عوامي مشڪلاتن جو نوٽيس وٺندي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي هن اهم منصوبي تي عملي ڪم جي شروعات ڪئي جنهن جي پهرين مرحلي ۾ روڊ جو هڪ ٽريڪ ڪاميابي سان مڪمل ڪري ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو آهي جڏهن ته ٻئي ٽريڪ تي تعميراتي ڪم ڏينهن رات جاري آهي ۽ ان کي پڻ تمام جلد مڪمل ڪري عوام لاءِ کوليو ويندو منصوبي جي مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ خدا جي بستي، يونين ڪونسل 9، يونين ڪونسل 10 ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي رهواسين کي محفوظ، ڪشادو ۽ معياري سفري سهولتون مهيا ٿينديون ان سان گڏوگڏ ٽريفڪ جي رواني ۾ نمايان بهتري ايندي، سفر جو دورانيو گهٽ ٿيندو واپاري سرگرمين کي فروغ ملندو ۽ علائقي جي مجموعي ترقي ۾ اهم اضافو ٿيندو هن موقعي تي ٽائون منگهوپير جو وائيس چيئرمين رانا محمد عارف، ڊسٽرڪٽ ويسٽ جو انفارميشن سيڪريٽري علي اڪبر ڪاڇيلو سردار بروهي (صدر PS-97) هلال رحماني (چيئرمين يو سي 12 علي حسن بروهي (وائيس چيئرمين يو سي 9)، چونڊيل عوامي نمائندا، ڪائونسلر، پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪارڪن، ليڊيز ونگ جا عهديدار ۽ علائقي جي مکينن جو وڏو تعداد موجود هو جن جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو هن موقعي تي منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته عوام کي معياري بنيادي ۽ بلدياتي سهولتن جي فراهمي اسان جي پهرين ترجيح آهي منگهوپير ٽائون جي هر علائقي ۾ روڊن، سيوريج، نيڪاسي آب، صفائي ستٿرائي ۽ ٻين ترقياتي منصوبن تي بلا امتياز ڪم جاري آهي ته جيئن شهرين کي بهتر شهري ماحول ۽ جديد بلدياتي سهولتون مهيا ڪري سگهجن هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سڀئي منصوبا مقرر معيار ۽ وقت مطابق مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن عوام جلد کان جلد انهن سان فائدو وٺي سگهي علائقي جي معززين سماجي شخصيتن ۽ واپارين خدا جي بستيءَ جي مرڪزي شاهراهه جي تعمير کي منگهوپير ٽائون لاءِ هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي سنڌ حڪومت، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ خاص طور تي منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي عوام دوست پاليسين، مسلسل ڪاوشن ۽ ترقياتي ويزن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو شهرين جو چوڻ هو ته موجوده بلدياتي قيادت جي عملي ڪارڪردگيءَ جي ڪري منگهوپير ٽائون ۾ ترقياتي منصوبن جو هڪ نئون دور شروع ٿي چڪو آهي جنهن جا ثمر سڌو سنئون عوام تائين پهچي رهيا آهن ۽ علائقي جي ترقي، خوشحالي ۽ معياري زندگي ۾ واضح بهتري آئي آهي

## سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس

### تعليمي سال 2027 ع تحت بيچلرس ۽ بي ايس ٽئين سال جي داخلائن جو شيڊيول منظور

### بيچلر ڊگري پروگرامن لاءِ پري انٽري ٽيسٽ 4 آڪٽوبر 2026 ع تي ورتي ويندي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (ٽي آءِ) جي صدارت هيٺ گذريل ڏينهن ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس ۾ تعليمي سال 2027 ع لاءِ بيچلر ڊگري پروگرامن ۽ بي ايس ٽئين سال جي داخلائن جي شيڊيول جي يڪراءِ منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ پرو وائيس چانسلر مين ڪيمپس پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه، پرو وائيس چانسلر دادو ڪيمپس پروفيسر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو، رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ، ڊائريڪٽر ايڊميشنز پروفيسر ڊاڪٽر اياز ڪيريو، مختلف فيڪلٽيز جا ڊين، ڊائريڪٽر فنانس، ٻنهي امتحانن وارن ڪنٽرولرن، سنڌ يونيورسٽي ٽيسٽنگ سينٽر جي ڊائريڪٽر، انفارميشن ٽيڪنالاجي سروسز سينٽر جي ڊائريڪٽر، بوائز توڙي گرلس هاسٽلن جي پرووسٽن، اسٽوڊنٽس ايڊوائيزر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تفصيلي غور ويچار ڪان پوءِ بيچلر ڊگري پروگرامن ۽ بي ايس ٽئين سال جي داخلائن بابت تجويز ڪيل شيڊيول جي متفقه منظوري ڏني وئي منظور ڪيل شيڊيول موجب داخلائن جي اشتهاري مهم 9 آگسٽ 2026 ع تي شروع ڪئي ويندي، جڏهن ته يونيورسٽي جي آن لائين ايڊميشن ويب پورٽل ذريعي رجسٽريشن جو آغاز 10 آگسٽ 2026 ع کان ٿيندو آن لائين داخلا فارمن جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 11 سيپٽمبر 2026 ع مقرر ڪئي وئي آهي بيچلر ڊگري پروگرامن لاءِ پري انٽري ٽيسٽ 4 آڪٽوبر 2026 ع تي ورتي ويندي، جڏهن ته ايل ايل ايم ايوننگ ڊگري پروگرام جي پري انٽري ٽيسٽ 1 نومبر 2026 ع تي منعقد ٿيندي پهرين عارضي ميرٽ/ سيلڪشن لسٽ 10 نومبر 2026 ع تي جاري ڪئي ويندي

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿي رهيو آهي

## خيرپور پوليس جي ڪارروائي، اغوا ٿيل عورت ۽ سندس ڌي بازياب

### پوليس عورت مسمات نسيم ۽ سندس ڌيءَ مسمات آيت کي بازياب ڪرائي ورتو

### ڪارروائي دوران جوابدار علي نواز ملاح کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي: خيرپور پوليس

خيرپور(ن ع) خيرپور پوليس جي ڪامياب ڪارروائي ڪندي اغوا ٿيل عورت ۽ سندس ڌيءَ کي بازياب ڪرائي ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي تفصيل موجب، ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پاران جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ته ايس ايڇ او ٿاڻو شهيد مرتضيٰ ميراڻي ۽ سندس ٽيم کي ڳجهي اطلاع تي ٿاڻو سيڊارجا جي حد ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪندي اغوا ٿيل عورت مسمات نسيم ۽ سندس ڌيءَ مسمات آيت کي بازياب ڪرائي ورتو هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪارروائي دوران جوابدار علي نواز ملاح کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي .ايس ايس پي موجب، 5 جولاءِ تي ٿاڻو شهيد مرتضيٰ ميراڻي جي حد ۾ واقع شهيد آباد واري علائقي مان مسمات نسيم ۽ سندس ڌيءَ کي اغوا ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس ٿاڻو شهيد مرتضيٰ ميراڻي تي داخل ڪيو ويو هو.امير سعود مگسي چيو ته ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباسي جو پيغام ڏنو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

## چلگري ٿاڻي جي حد ڳوٺ ميو حاجاڻو ۾ ڊوائيس هولڊر جا وارا نيارا

### ڊوائيز هلائيندڙ ديده دليري سان مسڪين عورتن جي رقم مان ڪٽوتي ڪرڻ لڳا

مسوڀرڳڙي (ن ع) چلگري ٿاڻي جي حد ڳوٺ ميو حاجاڻو ۾ دڪان تي ڊوائيز هلائيندڙ ديده دليري سان مسڪين عورتن جي آيل بي آءِ ايس پي جي قسط مان ڪٽوتي ڪرڻ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا عورتن جي آيل قسطن مان هر ڪارڊ تي ٻه کان ٽي هزار جي رقم ڪٽوتي ڪرڻ معمول بڻيل. هتان جي مسڪين عورتن ايس ايس پي حيدرآباد ۽ بي آءِ ايس پي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڊوائيس هولڊر عورتن جي ڪارڊن مان هزارين رپيا ڪٽوتي ڪري رهيو آهي ۽ پوري رقم ادا نه ڪري ڌاڙيلن وانگر ڏاڙو هڻي رهيو آهي. کيس گرفتار ڪري مٿس قانون موجب ڪيس داخل ڪري ڪٽوتي ڪيل رقم واپس ڪرائي مستحق عورتن سان انصاف ڪيو وڃي

## فٽ بال ڪلب چيلسي جون تجربيڪار رانديگرن تي نظرون، جارڊن هينڊرسن ۽ ڊيني ويلبيڪ سان ڳالهيون شروع

لنڊن (اي پي پي) انگلش پريميئر ليگ جي مشهور فٽبال ڪلب چيلسي جون پنهنجي اسڪواڊ ۾ تجربيڪار رانديگرن کي شامل ڪرڻ جي حڪمت عملي تحت برينٽ فورڊ جي 36 سالن جي مڊفيلڊر جارڊن هينڊرسن ۽ برائٽن جي 35 سالن جي اسٽرائيڪر ڊيني ويلبيڪ کي سائن ڪرڻ لاءِ ڳالهيون شروع ڪري ڇڏيون آهن برطانوي ميڊيا موجب چيلسي جي انتظاميا ۽ مالڪن پاران نوجوان رانديگرن کي سائن ڪرڻ جي پاليسي ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي ته جيئن ٽيم ۾ تجربو آڻي سگهجي ڊيني ويلبيڪ گذريل سيزن ۾ برائٽن پاران 37 ميچن ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي 13 گول ڪيا هيا ۽ اسٽيمفورڊ برج ڏانهن منتقل ٿيڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو ٻئي طرف برينٽ فورڊ انگلينڊ جي اڳوڻي ڪپتان جارڊن هينڊرسن کي مفت منتقلي تي ڇڏڻ لاءِ تيار آهي جنهن جي معاهدي ۾ هڪ سال باقي آهي ان سان گڏ چيلسي جي ٽيم ۾ جاري تبديلين سبب مارڪ گيو ٽينو جيڪسن ۽ ليام ڊيلاپ جهڙن نوجوان رانديگرن جو ڪلب ڇڏڻ جو امڪان پيدا ٿي ويو آهي ياد رهي ته چيلسي تازو ئي مورگن راجرز کي 117 ملين پائونڊ جي نئين رڪارڊ معاوضي تي شامل ڪيو آهي

## ڏکڻ چين سمنڊ ۾ ٻڏي ويل ويٽنام جي جهاز جا 48 بچي ويل ماڻهو واپس ملڪ روانا

هنوئي (اي پي پي) ڏکڻ چين سمنڊ ۾ ٻڏي ويل ويٽنام جي جهاز ڪوئي نگوين - 18 مان بچي ويل 48 ماڻهو ڏيهه واپس روانا ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق ويٽنام جي پرڏيهي وزارت شهرين جي تحفظ بابت تازي بيان ۾ چيو آهي ته ڳولا ۽ امدادي ڪاروايون دوران مجموعي طور تي 48 ماڻهن کي حفاظت سان ٻاهر ڪڍيو ويو پرڏيهي وزارت مطابق چيني اختيارين طرفان طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد سمورن بچي ويلن کي ويٽنام جي اختيارين پنهنجي حراست ۾ وٺي ڇڏيو هو بيان ۾ چيو ويو آهي ته لاپتا ماڻهن جي ڳولا لاءِ ويٽنام جي اختيارين جون ڪارروايون جاري آهن ويٽنامي جهنڊي بردار جهاز نگوين 18 ۾ 62 ماڻهو سوار هئا اهو جهاز خراب موسمي حالت سبب ڏکڻ چين سمنڊ ۾ نانشا ٻيٽ ويجهو يونگ شوريف ويجهو ٻڏي ويو هو

سنجهورو: پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ طرفان صدر پاڪستان جي منعقد ڪيل سالگرهه تقريب جو ڏيک

## پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ طرفان صدر پاڪستان جي سالگرهه تقريب

### ستار خاصخيلي، خليفا راشد احمد سلطاني، پرويز پنهور، غلام حيدر پنهور ۽ ٻين ڪيڪ ڪاٽيو

### صدر آصف علي زرداري 18هين آئيني ترميم جو خالق آهي: ستار خاصخيلي ۽ ٻين جو اظهار

سنجهورو(ن ع) پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ طرفان پاڪستان جي صدر جمهوريت جي علمبردار آصف علي زرداري جي 71هين سالگرهه جو ڪيڪ پ پ ڪلچرل ونگ تعلقي سانگهڙ جي صدارتي اميدوار خليفا راشد احمد سلطاني جي رهائشگاهه تي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر ستار خاصخيلي پ پ پ ضلعي جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري پرويز پنهور پ پ پ سٽي سانگهڙ جي صدر غلام حيدر پنهور جنرل سيڪريٽري عثمان احمد غني ممتاز علي پنهور نور عادل پنهور ڊاڪٽر سهيل مانگٽ، خليفا راشد احمد سلطاني حنيف مغل عثمان رنجهو وقار جت، آصف ڪوڪر راشد آرائين پ پ پ تعلقي سانگهڙ جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري باصط لاڪبر ۽ ٻين پاڪستان پيپلزپارٽي توڙي ڪلچرل ونگ جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي سالگرهه تقريب کي خطاب ڪندي پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر ستار خاصخيلي چيو ته صدر آصف علي زرداري 18هين آئيني ترميم جو خالق آهي جنهن صوبن کي خودمختياري ڏيڻ سان گڏ پارليامينٽ کي خودمختيار بڻائي پاڪستان کي ترقي خوشحالي جي راهه تي گامزن ڪرڻ سندس اهم ڪردار آهي ان موقعي تي صدر آصف علي زرداري جي صحت، ڊگهي عمر ۽ پاڪستان جي امن ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون گهريون شرڪت ڪندڙن پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت سان پنهنجي وابستگي جو اظهار ڪندي چيو ته پارٽي هميشه جمهوريت، عوامي خدمت ۽ ملڪ جي استحڪام لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

## تنظيم اهلسنت سکر جي چيئرمين جي غياث الدين قادري ملاقات

### گذريل 40 سالن دوران ديني ۽ سماجي خدمتن ۽ سندن جذبي کي ساراهيو

### عيد ميلاد النبي جي جشن جي تيارين ۽ انتظامن تي تفصيلي صلاح مشورا

سکر: تنظيم اهلسنت سکر جو چيئرمين غياث الدين قادري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) تنظيم اهلسنت سکر جي چيئرمين مشرف محمود قادري جي اڳواڻي ۾ هڪ اهم ۽ اعليٰ سطحي وفد ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي جي باني چيئرمين غياث الدين قادري سان قادريه هائوس سکر ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي تنظيم اهلسنت سکر جو اڳواڻ صاحبزاده سيد حامد محمود فيضي ۽ ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي پاڪستان جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل حاجي شڪيل احمد صديقي پڻ موجود هئا ملاقات دوران اڳواڻن ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي جي باني چيئرمين غياث الدين قادري جي گذريل 40 سالن دوران ديني ۽ سماجي خدمتن ۽ سندن جذبي کي ڀرپور ساراهيو ۽ کين شاندار انداز ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو اڳواڻن چيو ته گذريل چئن ڏهاڪن کان ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي جي پليٽ فارم عاشقن جي تربيت ۽ عشق رسول جي فروغ لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي ان موقعي تي ربيع الاول جي مهيني ۾ عيد ميلاد النبي جي جشن جي تيارين ۽ انتظامن تي تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا 40 هون مرڪزي استقباليه ڪئمپ، مرڪزي جلسو محسن انسانيت، استقباليه جلوس، ريليون، جهنڊو چاڙهڻ جي تقريب، نعت خواني ۽ ٻين مذهبي اجتماعن تي بحث ڪيو ويو ان سان گڏ ميلاد مصطفيٰ ڪميٽي پاران منعقد ڪيل ميلاد نامه هفتي زبان نعت ۽ هفتي زبان خطيبي تي به بحث ڪيو ويو

## ليبر اسڪوائر سکر جي مسئلن ۽ عدالتي حڪمن بابت اجلاس

### 581فليٽن جي تصديق جو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي: ورڪرز ويلفيئر بورڊ

### قانوني گهرجن کي پورو ڪرڻ کان پوءِ بجلي، گئس ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون

سکر (بيورو رپورٽ) ليبر اسڪوائر سکر جي مسئلن ۽ معزز هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي عملدرآمد جي حوالي سان ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون سکر تنوير احمد جي صدارت ۾ هڪ اهم ڪوآرڊينيشن اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ ليبر اسڪوائر جي 581 فليٽن جي تصديق، غير قانوني الاٽمينٽ جي خاتمي، حقيقي الاٽيز کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ جي عملدارن اجلاس کي ٻڌايو ته 581 فليٽن جي تصديق جو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ سڀئي رڪارڊ ۽ دستاويز اي ڊي سي-1 سکر جي حوالي ڪيا ويا آهن ان کان پوءِ ضلعي انتظاميا پاران تصديق جو ايندڙ مرحلو شروع ڪيو ويو آهي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته 581 فليٽن جي ٻيهر جانچ ڪئي ويندي ۽ انهن فليٽن جي الاٽمينٽس کي منسوخ ڪيو ويندو جن ۾ غير قانوني الاٽمينٽس مليون هيون يا جن جا مالڪ تصديق مڪمل نه ڪري سگهيا هئا جڏهن ته تصديق ٿيل ۽ حقيقي الاٽيز کي سڀني قانوني گهرجن کي پورو ڪرڻ کان پوءِ بجلي، گئس ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون سيپڪو عملدارن يقين ڏياريو ته مقرر ڪيل واجبات ادا ڪرڻ ۽ قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ تصديق ٿيل حقيقي الاٽيز کي بجلي جا ميٽر جاري ڪيا ويندا ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون سکر تنوير احمد هدايت ڪئي ته سوئي سدرن گئس ڪمپني جي عملدارن کي به ايندڙ اجلاس ۾ دعوت ڏني وڃي ته جيئن حقيقي الاٽيز کي گئس ڪنيڪشن فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ قابل عمل منصوبو تيار ڪري سگهجي اجلاس جي آخر ۾ اهو ورجايو ويو ته معزز هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي مڪمل طور تي عمل ڪيو ويندو غير قانوني الاٽمينٽ ختم ڪئي ويندي ۽ قانوني گهرجن مطابق سڀني تصديق ٿيل مستحق الاٽي وارن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون

سکر: ليبر اسڪوائر سکر جي مسئلن بابت ورڪرز ويلفيئر بورڊ اجلاس ٿي رهيو آهي

## عثمان شاهه هڙي ويجهو ڪرنٽ لڳڻ سبب نينگر فوت

### امجد مستوئي 11 هزار وولٽ جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

### فوتي نينگر جي وارثن ۽ ڳوٺاڻن سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار، نوٽيس جي گهر

عثمان شاهه هڙي(ن ع) عثمان شاهه هڙي ويجهو پيارولنڊ جي ڳوٺ جيئو لنڊ ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي ڳوٺ واسي نينگر امجد مستوئي ڳوٺ ڪان ٻاهران گذرندڙ 11 هزار وولٽ جي بجلي جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته فوتي نينگر جي وارثن ۽ ڳوٺاڻن سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ڳوٺاڻن الزام هنيو آهي ته 11 هزار وولٽ جي بجلي جي تار انتهائي هيٺ هجڻ سبب اڳ به ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل واپڊا عملدارن کي لکت ۽ زباني شڪايتون ڪيون ويون پر سندن چوڻ موجب ڪنهن به قسم جو تدارڪ نه ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هي افسوسناڪ حادثو پيش آيو ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، فوتي جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ خطرناڪ حالت ۾ موجود بجلي جي تارن کي فوري طور محفوظ بڻايو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا افسوسناڪ واقعا ٻيهر پيش نه اچن آخري اطلاعن تائين لاڳاپيل اختيارين طرفان واقعي بابت ڪو باضابطه بيان جاري نه ڪيو ويو هو

## سنڌ ۾ اٽي جي بحران جو خدشو وڌي ويو آهي: عبدالسميع پنهور

### فوڊ ۽ روينيو کاتي جو عملو آبادگارن کان زبردستي ڪڻڪ کڻي رهيو آهي

### ڪراچي ۾ اٽو 150 رپيا في ڪلو ۽ اندرون سنڌ ۾ 140 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي

خيرپور(ڊ ر) سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر اينڊ فوڊ سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور چيو آهي ته فوڊ ۽ روينيو کاتي جو عملو آبادگارن کان زبردستي ڪڻڪ کڻي سرڪاري گودامن ۾ منتقل ڪري رهيو آهي، جڏهن ته فوڊ کاتي جي غلط پاليسين سبب سنڌ ۾ اٽي جي بحران جو خدشو وڌي ويو آهي. هن چيو ته اندرون سنڌ مان ڪراچي ڏانهن ڪڻڪ نه پئي وڃي جنهن سبب ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ اٽي جا اگهه وڌي ويا آهن.هن اهي ڳالهيون هنگامي پريس ڪانفرنس دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪيون.پروفيسر عبدالسميع پنهور چيو ته فوڊ کاتي آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ٿي نه ڪئي ۽ جڏهن آبادگارخوراڪ کاتي وٽ پهتا ته کين ٻڌايو ويو ته صرف 25 ايڪڙن کان گهٽ زمين رکندڙ آبادگارن کان يا انهن کان جن کي ٻج ۽ ڀاڻ لاءِ سبسڊي ملي آهي، ڪڻڪ خريد ڪئي ويندي.هن چيو ته جڏهن فوڊ کاتي کي گهربل ڪڻڪ نه ملي ته فوڊ ۽ روينيو کاتي آبادگارن جا گودام سيل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا، جنهن سبب آبادگارن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي.هن مطالبو ڪيو ته فوڊ کاتو پاسڪو کان ڪڻڪ خريد ڪري فلور ملن کي جاري ڪري، ٻي صورت ۾ سنڌ ۾ اٽي جو شديد بحران پيدا ٿيندو.هن چيو ته هن وقت ڪراچي ۾ اٽو 150 رپيا في ڪلو ۽ اندرون سنڌ ۾ 140 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي، جنهن جو ذميوار فوڊ کاتي جون غلط پاليسيون آهن.پروفيسرعبدالسميع پنهور چيو ته غلط پاليسيون ٺاهيندڙ فوڊ کاتي جي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ آبادگارن کي هراسان ڪرڻ بند ڪيو وڃي. هن چيو ته هو جلد عدالت سان رجوع ڪندا ۽ روينيو ۽ فوڊ کاتي جي اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ اعليٰ فورمن تي پڻ ويندا.هن چيو ته اهو ڪهڙو انصاف آهي جو آبادگار پنهنجي ٻج ۽ گهر جي استعمال لاءِ جيڪا ڪڻڪ محفوظ ڪري رکن ٿا، سا به زبردستي تالا ٽوڙي کنئي وڃي ٿي.هن چيو ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جي ٻوري جو اگهه 11 هزار 500 رپيا آهي، جيڪڏهن حڪومت کي ڪڻڪ خريد ڪرڻي آهي ته اوپن مارڪيٽ جي اگهه تي خريد ڪري. هن سوال ڪيو ته جڏهن فلور مل مالڪن 11 هزار 500 رپين ۾ ڪڻڪ خريد ڪئي آهي.

## ميرپور ماٿيلو ۾ سيپڪو لائن سپرنٽنڊنٽ کي هٿڪڙيون هڻڻ واري واقعي خلاف احتجاج، ڪم ڇڏ هڙتال

### امجد نوناري کي طلب ڪري هٿڪڙيون هڻڻ ۽ جيل موڪلڻ واري واقعي خلاف ملازمن احتجاج ڪندي ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي

### ڪنهن به سرڪاري ملازم کي مڪمل جاچ، ثبوتن ۽ سندس مؤقف ٻڌڻ کان سواءِ هٿڪڙيون هڻي وڊيو وائرل ڪرڻ ڪٿان جو قانون آهي: مظاهرين

### سيپڪو جا ملازم محدود وسيلن ۽ عملي جي کوٽ باوجود پنهنجون ذميواريون ايمانداري سان نڀائي رهيا آهن، امجد نوناري سان انصاف ڪيو وڃي

گهوٽڪي: سيپڪو ۽ واپڊا ملازمن سب ڊويزن آفيس گهوٽڪي ۾ احتجاج ڪندي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ميرپور ماٿيلو ۾ بجلي بندش واري معاملي تي مقامي عدالت پاران سيپڪو جي لائين سپرنٽنڊنٽ امجد نوناري کي طلب ڪري هٿڪڙيون هڻڻ ۽ جيل موڪلڻ واري واقعي خلاف سيپڪو ۽ واپڊا ملازمن سب ڊويزن آفيس گهوٽڪي ۾ سخت احتجاج ڪندي ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي احتجاج جي اڳواڻي هائيڊرو يونين سيپڪو سرڪل جي ريجنل چيئرمين نثار احمد شيخ ۽ وائيس چيئرمين شجاعت علي گهمرو ڪئي احتجاج ۾ عقيل احمد جوڻيجو مقصود احمد ملاح جاويد احمد عباسي زونل سيڪريٽري ربنواز ڪلوڙ جوائنٽ سيڪريٽري زاهد حميد قريشي سليم احمد سميجي لالا نزاڪت پلاڻ ايڪسين سيپڪو گهوٽڪي تاج محمد ماڪو ايس ڊي او کو نويد عمران شيخ ايس ڊي او خانپور مهر سيد امجد شاهه ماجد علي هڪڙو بشير احمد ڪورائي عاشق علي منگي لالا يوسف پلاڻ سميت سکر پنو عاقل گهوٽڪي ڏهرڪي اوباوڙو ۽ ميرپور ماٿيلو جا سوين ملازم شريڪ ٿيا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هائيڊرو يونين جي اڳواڻن نثار احمد شيخ شجاعت علي گهمرو ربنواز ڪلوڙ زاهد حميد قريشي ۽ ٻين چيو ته ڪنهن به سرڪاري ملازم کي مڪمل جاچ، ثبوتن ۽ سندس مؤقف ٻڌڻ کان سواءِ هٿڪڙيون هڻي سندس وڊيو وائرل ڪرڻ نه رڳو قانون جي خلاف آهي پر سرڪاري ملازمن جي عزتِ نفس جي به توهين آهي. هنن چيو ته بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ فني خرابين جي ذميواري هيٺئين سطح جي ملازمن تي نٿي وڌي سگهجي، جڏهن ته سيپڪو جا ملازم محدود وسيلن ۽ عملي جي کوٽ باوجود پنهنجون ذميواريون ايمانداري سان نڀائي رهيا آهن يونين اڳواڻن چيف جسٽس ۽ اعليٰ عدالتي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، امجد نوناري خلاف داخل ڪيل ڪيس فوري طور ختم ڪيو وڃي ۽ مستقبل ۾ ڪنهن به سرڪاري ملازم خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪندي سندس عزت ۽ وقار جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ۽ انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ سميت ملڪ جي ٻين علائقن تائين وڌايو ويندو

## جوهي بئراج مان نڪرندڙ 10 کان وڌيڪ مختلف شاخن ۾ پاڻي نه پهچڻ، واري اڏامڻ لڳي

### ڪڪڙ شاخ، وسائي شاخ، پسيا، بيگوديرو شاخ، مير محمد، ڪنيڙ پريا، ڪومي چارو سُڪي ٺوٺ ٿي ويون

### آبپاشي کاتي جي عملدارن طرفان انهن سڀني شاخن جي کاٽي به ناهي ڪرائي وئي جنهن سبب لٽجي ويون آهن: آبادگار

### اي سي پاران پاڻي جي کوٽ ختم ڪري شاخن ۾ پاڻي ڏيڻ جي يقين دهاني ڪرائي پر ان تي اجا تائين آبپاشي ڪامورن عمل ناهن ڪرائي سگهيا

ڪڪڙ: جوهي بئراج مان نڪرندڙ هڪ شاخ ۾ واري اڏامي رهي آهي ٻئي طرف آبادگار خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ويجهو جوهي بئراج مان نڪرندڙ 10 کان وڌيڪ مختلف شاخن ۾ زرعي پاڻي اجا تائين نه پهچڻ شاخن مان واري اڏامڻ لڳي، ڪاٽي به نه ٿي سگهي، هزارين ايڪڙ ساريالو فصل جي پوکائي متاثر ٿيڻ جا امڪان آبادگار ڪنگال آبپاشي ڪامورا زميوار قرار تفصيل موجب ڪڪڙ پرسان جوهي بئراج ۾ زرعي پاڻي جي شديد کوٽ پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ جوهي بئراج مان نڪرندڙ 10کان وڌيڪ مختلف شاخن ۾ اجا تائين زرعي پاڻي نه پهتو آهي متاثر شاخن ۾ ڪڪڙ شاخ، وسائي شاخ، پسيا، بيگوديرو شاخ، مير محمد، ڪنيڙ پريا، ڪومي چارو، ڦرڙي جادوشهيد،97 واٽر ڪورس ۽ ٻيون شاخون شامل آهن جيڪي سوڪڙي جو شڪار آهن جن مان واري اڏامي رهي آهي جڏهن ته آبپاشي کاتي جي عملدارن طرفان انهن سڀني شاخن جي کاٽي به ناهي ڪرائي وئي جنهن سبب اهي شاخون مٽي سان لٽجي ويون آهن جڏهن ته شاخن ۾ گهارا پوڻ روز جو معمول بڻيل آهن هوڏانهن مختلف شاخن ۾ پاڻي نه پهچڻ ڪري ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو پاران نوٽيس وٺڻ ڪانپوءِ انهي جي حڪم موجب آبادگار اڳواڻن ۽ معزز شخصيت يونين ڪائونسل ملو ٻبر جي چيئرمين صداقت علي ناريجو جي اڳواڻي ۾ آبادگارن جو وفد آبپاشي کاتي جي اي سي دادو سان ملاقات ڪئي چيئرمين خادم حسين ٻبر صدرالدين بروهي، دين محمد چانڊيو وفد ۾ شامل هئا وفد شاخن ۾ پاڻي جي کوٽ جو شڪايتون ڪيون ۽ اي سي پاران پاڻي جي کوٽ ختم ڪري شاخن ۾ پاڻي ڏيڻ جي يقين دهاني ڪرائي پر ان تي اجا تائين آبپاشي ڪامورن عمل ناهن ڪرائي سگهيا، آبادگار اڳواڻ يونين ڪائونسل ملو ٻبر چيئرمين صداقت علي ناريجو عبدالستار ناريجو،ضلع ڪائونسل ميمبر سردار ضياء الدين ساريس صدرالدين بروهي يونين ڪائونسل ملو ٻبر چيئرمين خادم حسين ٻبر ايڊوڪيٽ دين محمد چانڊيو محمد علي جويو ظهير احمد ٻبر فياض احمد ٻبر رياض ڪولاچي ۽ ٻين آبادگارن ٻڌايو ته گذريل 15 ڏينهن کان جوهي بئراج مان نڪرندڙ مٿين شاخن ۾ اجا تائين زرعي پاڻي ناهي پهچو جنهن سبب هزارين ايڪڙن تي ساريالو فصل جي پوکائي سخت متاثر ٿيڻ جا امڪان وڌي ويا آهن جڏهن ته زرعي پاڻي نه ملڻ جي ڪري زمينون سڪي ٺوٺ ٿي تباهه ٿي ويون آهن جن مان واري اڏامي رهي آهي ان دوران آبادگارن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اسان جو علائقي جي ماڻهن جو ذريعو ۽ گذر سفر زراعت تي آهي جڏهن ته اسان جي سرسبز علائقي کي تباهه ڪرڻ ۾ آبپاشي کاتي جا ڪامورا ملوث آهن جيڪي اسان جي حصي جو پاڻي بااثر ماڻهن کي وڪرو ڪري اسان کي پاڻي کان محروم رکيو ٿو وڃي جيڪا اسان آبادگارن سان وڏي ناانصافي ۽ زيادتي آهي جڏهن ته ڪامورا رڳو ٿلا آسرا ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسان کي زرعي پاڻي نه ڏئي اسان جي حقن ۽ روزگار تي ڌاڙو هڻي سنڌو سنئون اسان جي معشيت تي حملو ڪري رهيا آهن جيڪو اسين ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين هنن چيو پاڻي جي کوٽ ختم ڪري سمورن شاخن ۾ جلد پاڻي ڏنو وڃي ته جيئن آبادگارن مان مايوسي ختم ٿئي ٻي صورت ۾ اسين آبادگار احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ ڏيون ٿا

## پاڪستان پيپلزپارٽي مزدورن کي روٽي ڪپڙا ۽ مڪان ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي: سيد ڪمال شاهه

### صوبائي وزير سعيد غني تصديق ڪري چڪو آهي ته سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ 20ارب رپين جي ڪرپشن ٿي آهي

### ليبرڪاتي ۾ ڪرپشن ۽ سنڌ حڪومت جي پنهنجي جاري ڪيل حاڪمن تي عملدرآمد نه ٿيڻ مزدور طبقي ۾ سخت مايوسي ڇانيل آهي

### واسا جا ملازم 18 مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن ۽ سراپا احتجاج بڻيل آهن جن جي ڪير ٻڌڻ وارو ناهي

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) سنڌ پيپلز ليبر فيڊريشن جي چيئرمين سيد ڪمال شاهه ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڦلين ڪلهوڙو ثناء الله آرائين غلام حسين مغل ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پ پ مزدورن کي روٽي ڪپڙا ۽ مڪان ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي ليبر کاتي ۾ ٿيل اربين رپين جي ڪرپشن ۽ تصديق ان ڳالهه جو ثبوت آهي هن چيو ته ليبرڪاتي سنڌ جو وزير سعيد غني تصديق ڪري چڪو آهي ته سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۾ 20ارب رپين جي ڪرپشن ٿي آهي هن چيو ته ليبرڪاتي ۾ ڪرپشن ۽ سنڌ حڪومت جي پنهنجي جاري ڪيل حاڪمن تي عملدرآمد نه ٿيڻ مزدور طبقي ۾ سخت مايوسي ڇانيل آهي هن چيو ته مزدور سنڌ حڪومت جي اعلانيل گهٽ ۾ گهٽ پگهار 42000هزار تي سرڪاري کاتن ۾ ڪانٽريڪٽ ۽ ڊيلي ويجز تي ڪم ڪندڙ ملازم توڙي خانگي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت کي ادا ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي آهي مزدور 12هزار ڪان 15000هزار ماهوار تي ڪم ڪرڻ تي مجبور آهن واسا جا ملازم 18مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن ۽ سراپا احتجاج بڻيل آهن جن جي ڪير ٻڌڻ وارو ناهي مزدورن لاءِ ليبر فليٽن جي ورهاست هجي يا ڪنهن به گرانٽ جو ماسوا مزدور معاشري جو محروم طبقو بڻجي چڪو آهي هن چيو ته پيپلزپارٽي روٽي ڪپڙا ۽ مڪان ڏيڻ جي دعويدار آهي پر هاڻ ته مزدورن کي به بخش نٿو ڪيو وڃي هن چيو ته پ پ جي تاريخ رهي آهي ته هي پارٽي هميشه عوام سان گڏ بيٺي آهي اهوئي سبب آهي سنڌ پ پ کي عوام ووٽ ڏئي اقتدار ۾ پهچايو آهي هن پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي اپيل ڪئي ته ليبر کاتي سان ڪاري رڍن کي ٻاهر ڪڍي مزدورن جو پئسو مزدورن جي فلاح ۽ ڀهبود تي خرچ ڪيو

## فيفا ورلڊ ڪپ 2026ع ۾ سڊني لويس ڪبرال جو ارجنٽائن خلاف ڪيل شاندار گول، ”گول آف دي ٽورنامينٽ“ قرار

جنيوا (اي پي پي) فٽ بال جي عالمي تنظيم (فيفا) طرفان سال 2026ع جي ورلڊ ڪپ جي بهترين گول جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ ڪيپ ورڊي جي رانديگر سڊني لويس ڪبرال جي ارجنٽائن خلاف ميچ ۾ ڪيل شاندار گول کي ”گول آف دي ٽورنامينٽ“ چونڊيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق فيفا ورلڊ ڪپ جي رائونڊ آف 32 جي ان سنسني خيز مقابلي ۾ مقرر 90 منٽن تائين ٻئي ٽيمون 1-1 تان برابر هيون اضافي وقت جي 103 هين منٽ ۾ ڪيپ ورڊي جي ليفٽ بيڪ سڊني لويس ڪبرال کاٻي طرفان بال کي ڪنٽرول ڪندي ارجنٽائن جي اليڪسس ميڪ السٽر کي ڪٽ ڪيو ۽ ساڄي پير سان هڪ خوبصورت ڪرلنگ شاٽ ذريعي بال کي گول ڪيپر ايميليانو مارٽينيز جي پهچ کان پري ٽاپ ڪارنر ۾ پهچائي مقابلو برابر ڪري ڇڏيو فيفا سان ڳالهائيندي سڊني لويس ڪبرال جو چوڻ هو ته اهو وقت منهنجي لاءِ هڪ خواب وانگر هو ايترو وڏو اعزاز جو ملڻ هر رانديگر جي خواهش هوندي آهي ۽ مان انهن سمورن ماڻهن جو شڪر گذار آهيان جن منهنجي گول کي ٽورنامينٽ جي بهترين گول جي چونڊ ڪئي جيتوڻيڪ ان ميچ ۾ ارجنٽائن ڪرسٽيان روميرو جي گول عيوض فتح حاصل ڪري ورتي هئي پر لوئس ڪبرال جو اهو گول مداحن جي دلين تي ڇانئجي ويو ان لسٽ ۾ ازبڪستان لاءِ ايلڊورشو موروودوف جو گول ٻي ۽ هيٽي جي ولسن سيڊور جو گول ٽين نمبر تي رهيو. ان اعزاز سان لوئس ڪبرال ميڪسي روڊ ريگن ڊياگوفورلان ، جيمز روڊريگز بينجمن پاوارڊ ۽ رچرليسن جهڙن مشهور فٽ بالرن جي لسٽ ۾ شامل ٿي ويو آهي

## ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي تيل جي ڀرائي دوران ريل گاڏي جي انجڻ ۾ باهه لڳي وئي

حيدرآباد (اي پي پي) ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي تيل جي ڀرائي دوران هڪ ريل گاڏي جي انجڻ ۾ باهه لڳي وئي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم هنگامي بنيادن تي ريلوي اسٽيشن پهچي بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪندي باهه کي وسائي ان کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪي ورتو ۽ انجڻ کي محفوظ بڻائيندي صورتحال کي معمول تي آڻي ڇڏيو

## ٻن ڀينرن شاهينا ۽ زرينا نظاماڻي کي شرعي حصو ڏنو آهي: منظور نظاماڻي

### نيڪ مردن فيصلا به ڪيا آهن ۽ وقتي طور تي ڀينرن فيصلن تي راضي به ٿيون آهن

### ڀينرون ڏارين ماڻهن جي چرچ تي فيصلن کي پٺي ڏيندي ڪاروايون ڪري پريشان ڪري رهيون آهن

ماتلي (ن ع) ماتلي شهر جي نظاماڻي محلي جا رهواسي چار ڀائر منظور احمد نظاماڻي عزيز الله نظاماڻي اعجاز احمد نظاماڻي ۽ شاهد احمد نظاماڻي پنهنجي ڀينرن خلاف دانهيندي پريس ڪلب پهچي ويا . هنن جو چوڻ آهي ته 2 ڀينرون شاهينا نظاماڻي ۽ زرينا نظاماڻي کي ماءٽائي ملڪيت مان شرعي حصو ڏيئي چڪا آهن ان جي باوجود ٻئي ڀينرون وڌيڪ حصي وٺڻ لاءِ مختلف ماڻهن سان ملي ڀڳت ڪري ڪوڙا ڪيس ڪري حراسان ڪري رهيون آهن هنن چيو ته ڪافي دفعا انهي معاملي تي سندن برادري جي نيڪ مردن فيصلا به ڪيا آهن ۽ وقتي طور تي ڀينرون فيصلن تي راضي به ٿيون آهن پر سندن ڀينرن ڏارين ماڻهن جي چرچ تي فيصلن کي پٺي ڏيندي سندن خلاف ڪاروايون ڪري پريشان ڪري رهيون آهن هنن چيو ته يوسي ملهڻ جي بااثر شخصيت مير غلام حيدر ٽالپر اسان جي گهريلو معاملي ۾ دخل اندازي ڪري معاملي کي وڌيڪ خراب ڪري رهيو آهي ۽ اسان ڀيڻ ڀائرن جي وچ ۾ وڌيڪ وڇوٽيون پيدا ڪري رهيو آهي هنن گهر ڪئي ته هتان جي ايم اين اي مير غلام علي خان ٽالپر ايم پي اي محمد هاليپوٽو تنزيل قمبراڻي ۽ ميونسپل چيئرمين رضوان قائمخاني کي مخاطب ڪندي چيو ته هو انهي معاملي ۾ مداخلت ڪري سندن فيصلو ڪن ۽ اسان ڀائر ڀينرن جو مسئلو حل ڪري خونريزي کان بچائين

ماتلي: نظاماڻي محلي واسي منظور نظاماڻي پريس ڪانفرنس ڪندي

## منهنجي پٽ عاطف جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن: زهرا راجپوت

### امجد پالاري پنهنجي ساٿين سان گڏ منهنجي پٽ عاطف کي قتل ڪيو

### سيشن ڪورٽ ۽ هائي ڪورٽ حيدرآباد جوابدار امجد پالاري جي ضمانت رد ڪري چڪي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي هيرآباد جي رهواسڻ بيواهه زهرا راجپوت ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته 2سال هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل پٽ جي ڪيس نامزد مک جوابدار سميت نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي. هن چيو ته 14آگسٽ 2024تي رات ڏاڍي معمولي ڳالهه تان ٿيل تڪرار تان موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻند امجد پالاري پنهنجي ساٿين سان گڏ منهنجي پٽ عاطف کي گارگند ڪان پوءِ پستول جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته منهنجي پٽ سان گڏ سندس دوست شاهه زيب جنا کي ڄنگهه ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو هن چيو ته ڄاڻايل واقعي جو ڪيس مارڪيٽ ٿاڻي تي داخل ڪرايو ۽ پوليس 2سال گذرڻ باوجود قاتل ۽ ان جا ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي جڏهن سيشن ڪورٽ ۽ هائي ڪورٽ حيدرآباد جوابدار امجد پالاري جي 6دفعا ضمانت رد ڪري چڪيون آهن ۽ جوابدارا سرعام گهمي رهيا آهن ۽ 10هزار عيوض قتل ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي ۽ وڌيڪ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته هڪ ماءُ 2سالن کان پنهنجي نوجوان پٽ جي خون سان انصاف لاءِ عدالت ۽ ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي رهي آهي پر ملڪي ادارن کي ڪن تي جونءِ نٿي چري جيڪو عمل انصاف جو قتل ڪرڻ برابر آهي هن چيو ته حد جي ٿاڻي مارڪيٽ جي پوليس قاتلن سان ٻٽ محسوس ٿي رهي آهي قاتل جلد گرفتار نه ٿيو ته هيرآباد مين چوڪ تي ڌرڻو هڻنداسين جنهن جي ذميواري حيدرآباد پوليس جي هوندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 29 جولاءِ 2026ع

# جيئي لطيف

سنڌ کي پنهنجي لطيف تي فخر آهي، لکين ماڻهو اکين ۾ عقيدت جا گل سنڀالي اڄ سندس اڳڻ تي پڌاريا آهن لطيف رڳو هڪ شاعر ئي نه پر هڪ مفڪر، مصلح، انسان دوست، وطن پرست ۽ امن جو داعي هو جنهن پنهنجي شاعري وسيلي محبت، رواداري، برابري، جدوجهد، وطن سان عشق ۽ انسانيت جي عظمت جو اهڙو پيغام ڏنو جيڪو صديون گذرڻ باوجود اڄ به تازو ۽ زنده محسوس ٿئي ٿو سندس شاعري وقت ۽ مڪان جي حدن کان مٿاهين ٿي هر دور جي انسان لاءِ رهنمائيءَ جو سرچشمو بڻيل آهي.

اڄ جڏهن دنيا نفرتن، مذهبي انتهاپسندي، نسلي تعصب، معاشي اڻبرابريءَ ۽ اخلاقي زوال جهڙن بحرانن ۾ وڪوڙيل آهي تڏهن شاهه لطيف جو پيغام اڳ کان به وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويو آهي، هن انسان کي انسان سان محبت ڪرڻ، ڏکن ۾ ساٿ ڏيڻ، ڪمزور جو هٿ وٺڻ ۽ سچائيءَ تي ثابت قدم رهڻ جو سبق ڏنو سندس نظر ۾ انسان جي عظمت ذات، نسل مذهب يا دولت سان نه پر سندس ڪردار، محبت ۽ عمل سان آهي.

شاهه لطيف پنهنجي رسالي ۾ سنڌ جي سُورمين کي رڳو داستاني ڪردار طور پيش نه ڪيو پر انهن کي همت، صبر، وفاداري ۽ جدوجهد جي علامت بڻايو سَسئي، مارئي، سُهڻي، نُوري ۽ مُومل جهڙيون سورميون هر دور جي انسان کي اهو سبق ڏين ٿيون ته منزلون آسانيءَ سان نٿيون ملن پر قرباني، ثابت قدمي ۽ عزم سان حاصل ٿين ٿيون، خاص طور تي مارئيءَ جو ڪردار وطن سان محبت، پنهنجي سڃاڻپ تي فخر ۽ اصولن تي اٽل رهڻ جو اهڙو مثال آهي، جيڪو اڄ به قومي شعور کي مضبوط ڪري ٿو لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ مذهب جو تصور به انتهائي وسيع ۽ انسان دوست آهي، هن ظاهري ڏيکاءُ، منافقت ۽ فرقيواريت جي مخالفت ڪندي دل جي پاڪيزگي، اخلاص ۽ الله سان سچي محبت کي اصل عبادت قرار ڏنو سندس فڪر ٻڌائي ٿو ته الله تائين پهچڻ جو سڀ کان سولو رستو سندس مخلوق سان محبت ڪرڻ آهي، اهو ئي سبب آهي جو شاهه جو رسالو هر مذهب، هر قوم ۽ هر نسل جي ماڻهن لاءِ احترام جوڳو آهي.

شاهه عبداللطيف عورت کي به سماج جو مضبوط ۽ باوقار ڪردار تسليم ڪيو سندس شاعريءَ ۾ عورت رڳو جذبات جي علامت نه پر حوصلي، عقل، وفاداري ۽ مزاحمت جي نشاني آهي، اهو پيغام اڄ جي سماج لاءِ به انتهائي اهم آهي، جتي عورتن جي تعليم، عزت ۽ برابر حقن بابت اڃا به گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو. لطيف جو فڪر ٻڌائي ٿو ته ڪنهن به سماج جي ترقي عورت ۽ مرد جي گڏيل جدوجهد سان ئي ممڪن آهي. شاهه سائين فطرت سان محبت جو به وڏو درس ڏنو سندس بيتن ۾ درياهه، جبل، ريگستان، وڻ، پکي ۽ موسمون رڳو منظرنگاريءَ لاءِ نه پر زندگيءَ جي حقيقتن جا استعارا آهن، اڄ جڏهن موسمياتي تبديليون ۽ ماحولياتي آلودگي انسان جي بقا لاءِ خطرو بڻجي چڪيون آهن، تڏهن لطيف جي فطرت دوست سوچ اسان کي ياد ڏياري ٿي ته ڌرتيءَ سان محبت دراصل پنهنجي مستقبل سان محبت آهي، ارمان ان ڳالهه جو آهي ته اسان لطيف سائين جي پيغام کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ گهٽ ئي جاءِ ڏيندا آهيون، جيڪڏهن اسان سندس تعليمات تي سچائيءَ سان عمل ڪريون ته سماج مان نفرت، تعصب، بدعنواني، ناانصافي ۽ بيحسي جهڙيون بيماريون گهڻي حد تائين ختم ٿي سگهن ٿيون، تعليمي ادارن، ميڊيا، ادبي تنظيمن ۽ ثقافتي ادارن جي ذميواري آهي ته هو لطيف جي فڪر کي رڳو تقريبن تائين محدود نه رکن پر نوجوان نسل تائين ان جو حقيقي پيغام پهچائين، چو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو ئي نه پر سڄي انسانيت جو شاعر آهي، سندس پيغام ڪنهن هڪ علائقي، قوم يا زماني تائين محدود ناهي، بلڪه هر ان ماڻهو لاءِ آهي جيڪو انسانيت، محبت ۽ امن تي يقين رکي ٿو اڄ جي حالتن ۾ جيڪڏهن اسان شاهه جي فڪر کي سمجهي، ان تي عمل ڪريون ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪريون ته يقيناً اسان هڪ وڌيڪ پُرامن، باهمت، باشعور ۽ انسان دوست سماج جي تعمير ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

## لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏَٺِ ڏِري پَٽِ پَيُون، ٿِيَا وَلَهارِيءَ وِيءَ،
شَمسُ قَمَرُ نَہ پاڙِيانِ، سَيڻِن جي شَبِيهَ،
جي جَانِي اَندرِ جِيءَ، سَي پِرِين پَيهي گهرِ آيا.

سانوڻ جو مينهن هڪ ئي وقت هر هنڌ ناهي وسندو "اسان وٽ عام چوڻي آهي ته سانوڻيءَ جو مينهن ڏاند جي هڪ سڱ تي پئي، ٻئي تي نه." هتي به لطيف سائين سانوڻ جي مينهن جا طور طريقا ٻڌائي ٿو ته ڏٺ يعني ٿر کان ڦيرو ڪائي ميداني وسندين تي وسي کين ولهار سائو سرسبز ڪري ڇڏيو آهي، زمين جا اهي ٽڪرا جي برسات نه پوڻ ڪري سُڪي ٻَٽ ٿي ويا هئا انهن کي ويءَ ڪري يعني سائي گاهه سان ڍڪي ڇڏيائين. خوش حاليون موٽي آيون. اهو سڀ ڪجهه ته ٿيو پر هاڻي جيڪي منهنجا پرين پراهين پنڌ تي هئا، ڏسڻ کان ڏور هئا سي اينڊا ۽ آهي ايترا نه سهڻا ۽ خوبصورت آهن جو سندن سونهن ۽ صورت اڳيان سج چنڊ ته ڪجهه به ناهن! اهي سڄڻ، اهي جانب جي منهنجي جيءَ اندر جايون جوڙي ويٺا هئا، جن کي ڏلي ڏينهن ٿيا هئا، جن لاءِ هر دم ساهه سڪندو رهندو هو سي پرين پاڻ ماڳ تي پهتا آهن. ڪين ڏسڻ سان من ۾ مٺل ماڻڌاڻ لهي پيو، دل کي قرار ملي ويو.

**(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)**

283هين عرس مبارڪ جي مناسبت سان..

# حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو فڪر، محبت ۽ انسانيت جو دائمي پيغام!



غلام حسين خاصخيلي

سنڌ ڌرتي هميشه کان اوليائن، صوفين، شاعرن ۽ بزرگن جي سرزمين رهي آهي، جن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي سان انسانيت کي محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو انهن عظيم هستين مان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو نالو سڀ کان نمايان آهي، جنهن پنهنجي شاعري وسيلي سنڌ جي روح کي آواز ڏنو شاهه سائين جو 283هون عرس مبارڪ هڪ ڀيرو ڀيهر عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي. ڀٽ شاهه جو شهر هنن ڏينهن ۾ روحاني رنگن سان سينگاريل وڃي ٿو جتي هزارين عقيدتمند، اديب، شاعر، فنڪار ۽ ادب سان محبت ڪندڙ ماڻهو اچي پنهنجي محبوب شاعر کي ڀيٽا پيش ڪن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي عظمت جو راز سندس شاعريءَ ۾ لڪل آهي سندس ڪلام شاهه جو رسالو رڳو سنڌي ادب جو سرمايو نه پر انسانيت لاءِ هڪ فڪري خزانو آهي، جنهن ۾ محبت، سچائي، صبر، جدوجهد، وطن دوستي ۽ روحاني سڪون جو پيغام موجود آهي. شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت، فطرت ۽ انساني جذبن کي اهڙي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي جو سندس بيت صديون گذرڻ باوجود اڄ به ماڻهن جي دلين تي اثر ڇڏين ٿا. شاهه سائين فرمائي ٿو:

'سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين'

هن بيت ۾ شاهه لطيفؒ پنهنجي رب کان دعا گهري ٿو ته سنڌ هميشه خوشحال رهي ۽ دنيا جا سڀ انسان امن ۽ خوشحاليءَ سان زندگي گذارين هيءُ بيت شاهه سائين جي وطن جي محبت سان گڏ سندس وسيع انساني سوچ کي ظاهر ڪري ٿو هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه سائين عشق ۽ سچائيءَ جي اهميت بيان ڪري ٿو:

'عشق نه آهي راند، جيئن ڪيڏن ڳيرو،
جيڪا جيءَ جڙي، سو تان سِر ڏئي'

مٿين بيت جي معنيٰ آهي ته سچو عشق ڪا معمولي ڳالهه ناهي پر ان لاءِ قرباني، صبر ۽ ثابت قدميءَ جي ضرورت هوندي آهي. شاهه سائين عشق کي روح جي پاڪيزگي ۽ سچائيءَ جو نالو ڏنو آهي.

سسئيءَ جي داستان ذريعي شاهه لطيفؒ انسان کي همت ۽ جدوجهد جو درس ڏئي ٿو:

'پيرين پونديس، سسئي پنهونءَ لاءِ،
جيڪي منجهه جهان، سو سڀ سهي سسئي'

هن بيت ۾ سسئي جي محبت، جدوجهد ۽ همت جو ذڪر آهي شاهه سائين ٻڌائي ٿو ته مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي مشڪلاتن کان ڊڄڻ نه گهرجي شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جون نديون، جبل، ريگستان، سامونڊي ڪنارا ۽ ڳوٺاڻا منظر زنده نظر اچن ٿا. هن مارئي جي ڪردار ذريعي وطن سان محبت، نوريءَ ذريعي عاجزي، سسئيءَ ذريعي جدوجهد ۽ مومل ذريعي انساني جذبن جي عڪاسي ڪئي آهي.

شاهه صاحب جو عرس صرف هڪ مذهبي تقريب نه پر سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو وڏو ميلو آهي. هتي شاهه جي راڳ ۽ وائيءَ جي روايت صدين کان جاري آهي، جتي راڳي شاهه جا بيت مخصوص سُرن ۾ ڳائي روحاني ڪيفيت پيدا ڪن ٿا.

اڄ جي دور ۾ جڏهن دنيا نفرتن، اختلافن ۽ تڪرارن کي منهن ڏئي رهي آهي، شاهه لطيفؒ جو پيغام وڌيڪ اهم اختيار ڪري ويو آهي. سندس تعليم اها آهي ته انسان محبت، برداشت، امن ۽ ڀائيچاري کي پنهنجو اصول بڻائي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي 283هين عرس مبارڪ جي موقعي تي سنڌ جو هر ماڻهو پنهنجي عظيم شاعر کي عقيدت سان ياد ڪري ٿو ۽ اهو عزم ڪري ٿو ته شاهه سائين جي امن محبت ۽ انسانيت واري پيغام کي اڳتي وڌايو ويندو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ رڳو سنڌ جو شاعر ناهي پر هو انسانيت جو شاعر آهي. سندس فڪر جي روشني صدين تائين دلين کي روشن ڪندي رهندي.

# لطيفي رنگ

فقير حاجن نظاماڻي

لطيف سائين جي درگاهه جيڪا علم آشڪار آهي جتي هر وقت لطيفي طريقي جون رسمون ۽ شاهه جو راڳ هڪ مخصوص طريقي سان جاري رهنديون آهن پر لطيف سائين جي درگاهه تي ٿيندڙ رسمون ۽ طريقتن جي باري ۾ تمام گهٽ ماڻهن کي آگاهي آهي اڄ هڪ مختصر نظر لطيف سائينءَ جي انهن قديم رسمن تي وجهنداسين جيڪي جاري آهن يا جيڪي ڪجهه وقت جاري رهڻ کان پوءِ هاڻي ختم ٿي ويون آهن يا ختم ٿيڻ جي ويجهو آهن لطيف سائينءَ جي فڪر جي باري ۾ حتمي راءِ ڏئي ڪا حدبندي نٿي ڏئي سگهجي هر قسم جو ماڻهو لطيفيات سان محبت ڪري ٿو پر لطيف سائين جي فڪر جو ويجهو ڇيڙو نظر نٿو اچي 3 سو سال گذرڻ باوجود هر وقت، لطيفي فڪر هڪ نئون نڪور نظريو پيش ڪري ٿو جنهن تي سڀ قسم جا ماڻهو راضي آهن لطيف سائين جو هڪ ڪمال جو فڪر آهي سندس درگاهه تي وڃڻ سندس ڏنل سبق تي تحقيق ڪرڻ لطيفي راڳ ٻڌڻ لاءِ دنيا جا ڏاها پريشان آهن ته ڪهڙو اهو فڪر جنهن ۾ امن جو پيغام آهي لطيف سائين جي فڪر تي دنيا جون مشهور يونيورسٽيون تحقيق لاءِ موضوع ڏئي فڪر جي نئين راهه کولڻ لاءِ شاگردن کي لطيفيات لاءِ راهون کولي رهيون آهن

**شاهه جو رسالو:** شاهه جو رسلو، جيڪو سنڌ کان علاوه هندستان، برطانيه، آمريڪا ۽ ڪئينڊا جي يونيورسٽين ۾ پڙهايو پيو وڃي انهيءَ تي پهرين پي ايڇ ڊي ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي انگلينڊ مان ڪئي هئي اڃان تائين تحقيقي ڪم لطيف سائين جي ڪم ۽ فڪر تي جاري آهي

شاهه جي رسالي بابت جيڪي روايتون مليون آهن. انهن مان ڪا مستند ڳالهه ناهي ملي سگهي ته اهو شاهه سائين جو پهريون قلمي رسالو لکيل آهي اڃان تائين شاهه سائين جي گنج کي شاهه سائين جو پهريون رسالو لکيل سمجهيون ٿا پر حقيقت ان ڳالهه جي برعڪس آهي شاهه سائين جي رسالي بابت جيڪا تحقيق اڳ ٿيل هئي انهيءَ ڳالهه کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي پر هاڻي خبر پئي ته شاهه سائين جا رسالا گنج شريف کان به اڳ لکيل ملن ٿا. جهڙوڪ سن 1206هه قاضي ابوبڪر وارو رسالو، جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته هن رسالي ۾ تي سُر يا ڇهه داستان لکيل ملن ٿا انهيءَ رسالي کي تحقيقدانن نامڪمل قرار ڏنو آهي پر فقير عبدالرحمان نظاماڻي جيڪو لطيف سائينءَ جو رسالو 1206 هجريءَ ۾ لکي مڪمل ڪيو هو. اُن لطيف سائين جي رسالي جي سُرن جو تعداد 20 (ويهه) آهي هن وقت لطيف سائين جي رسالي بابت تحقيق جي ضرورت آهي ڪاتب فقير عبدالرحمان نظاماڻي پنهنجي فن سان لطيف سائين جي رسالي کي تناڻڪي ساٽ ۾ بهترين قلم جو استعمال ڪري لکي فني علمي ڏاهپ ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي فقير عبدالرحمان نظاماڻي لطيف سائين جي رسالي ۾ فارسيءَ جو بياض پڻ سهڻي انداز سان لکيو آهي جيڪو ڪاتب جي علمي لياقت بابت نشاندهي ڪري ٿو ته لطيف سائين جي رسالي کي لکندڙ فقير عبدالرحمان نظاماڻي ڪو عام ماڻهو نه هو جيڪو علم، ادب جو پارکو ۽ بهترين ڄاڻو هو

لطيف سائين جي هڪ ٻئي رسالي بابت هڪ روايت آهي ته تمر فقير ڪڇ پهچڻ لاءِ جڏهن ويو هو ته هڪ شاهه جو رسالو ۽ لطيف سائين جا دنبورا پڻ ساڻ کڻي ويو هو. تمر فقير ته پٽ شاهه ٻارهن سالن کانپوءِ واپس آيو هو پر لطيفي رسالي جي واپسيءَ جي ڪا تصديق نٿي ملي اُتي اهو رسالو ڪنهن وٽ محفوظ آهي يا نه ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته پلوچي جتن وٽ يا اوريٽري مڪان جي ماڳ جي جتن وٽ يا تماچي تهيڙي جي درگاهه کي سنڀاليندڙ وٽ محفوظ آهي اهو به چيو وڃي ٿو ته ڪنهن جت قبيلي جي هڪ عورت وٽ لطيف سائين جو اُهو رسالو موجود آهي پر تصديق ناهي ٿي سگهي چو ته تمر فقير جڏهن ٻارهن سالن تائين پٽ شاهه کان پري رهيو هو، تڏهن مرشد لطيف جو راڳ اُتي تمر فقير ٻڌ نه ڪيو هو اُتي تماچيءَ جي درگاهه تي ۽ اوريٽري جي مختلف ماڳن تي لطيف سائين جو راڳ مسلسل ڳايو هو، جڏهن تمر فقير پٽ شاهه آيو هو ته شاهه سائين جي راڳ وارا دنبورا به نه کڻي آيو هو انهن جتن فقيرن وٽ ڇڏي آيو هو، انهن جتن کي به لطيف سائين جو راڳ سيکاريو هيائين هاڻوڪي دور ۾ اُهي لطيف سائين جي دور وارا دنبورا، جيڪي تمر فقير ڪڇ ۾ ڇڏي آيو هو، فقير سومار جت ۽ مٺو فقير جت وٽ محفوظ آهن پر هاڻي سومار فقير پٽ شاهه مان به توان دنبورا پڻ خريد ڪيا آهن جن تي هُو انهن پراڻن دنبورن سان گڏ شاهه جو راڳ ڳائيندو آهي هن سال لطيف سائين جي 283هين عرس مبارڪ جي موقعي تي 14 کان 16 صفر تائين عرس ملهائڻ جو اعلان ڳوٺ پير صدرالدين ابراهيم شاهه ۾ محمد شاهه جي درگاهه تي ڪڇ ۾ منتقعد عرس جو پروگرام ڪيو ويندو، جيڪو خادم صوفيات جي نگرانيءَ ۾ ٿيندو لطيف سائين جو پهريون رسالو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جرمنيءَ مان 26 سُرن وارو رسالو ڇپرائي پڌرو ڪيو هو ان شاهه جي رسالي جا سُر به مڪمل نه آهن لطيف سائينءَ جي رسالي ۾ ڪا به حدبندي نه ڪئي وئي آهي ٿيڻ ته ائين گهرجي جو لطيف سائين جي رسالي کي هاڻي مڪمل ڪري وڌيڪ رسالي تي تحقيق ڪم سائنسي روحاني ۽ فڪري انداز سان پيش ڪرڻ ضرور آهي ته ته اُهو رسالي تي تحقيقي ڪم جو سلسلو تي سٺو سلن کان جاري آهي اڃان ايترو وقت وري به لڳي ويندو آهي

**شاهه جو راڳ:** لطيف سائين جو راڳ، جنهن بابت تمام گهٽ معلومات عام ٿيل آهي شاهه جو راڳ بس محفلن ۾ پروگرامن ۾ ٻڌي واهه واهه ڪرڻ تائين محدود نه آهي لطيف سائين جي راڳ جا به ڪجهه دور ٿي گذريا آهن انهن دورن ۾ شاهه جو راڳ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو لطيف سائين جي راڳ جي شروعات 1144هجري شروعات ٿي هئي جيڪا اڃان تائين جاري آهي لطيف سائين جي سنڌ نه بلڪ دنيا جي الڳ سڃاڻپ رکندڙ درگاهه آهي جتي ڪنهن ترتيب سان سندس شاعري، پنهنجي موسيقيءَ ۾ ۽ پنهنجي ئي ايجاد دنبوري تي ڳائي وڃي ٿي

تڙ تسبيح مڻ مٽيو دل دنبورو جن

لطيف سائينءَ جي راڳ جي شروعات جمع رات کان ٿي هئي پوءِ هفتي جون سڀ راتيون شاهه جو راڳ ڳايو وڃي ٿو لطيف سائين جو راڳ آڳاٽي دور ۾ صرف لطيف سائين جي درگاهه تي ڳايو ويندو هو. لڳ ڀڳ 1950ع واري ڏهاڪي کانپوءِ مختلف مقرر جڳهن تي ۽ شاهه عبداللڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه تي جمع جي رات شاهه جي راڳ جي شروعات ٿي، جيڪو هاڻي ڳوٺن، تڪين، مختلف پروگرامن ۽ 1980ع کانپوءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ شاهه جي فقيرن راڳ ڳايو آهي ريڊيو پاڪستان وارن شاهه سائين جو راڳ رڪارڊ ڪيو. هاڻي شاهه جو راڳ ٽي وي جي پروگرامن، ڪانفرنسن ۽ دعوتن پڻ شاهه جو راڳ ڳايو وڃي ٿو. لطيف سائين جي درگاهه تي پورو هفتو ڏينهن رات شاهه جو راڳ ڳايو ويندو آهي

**ٺمال:** لطيف سائين جي درگاهه جي سامهون ايرنٽي پاسي کان هڪ بهترين عمارت جڙيل آهي جنهن کي ٺمال خانو چيو ويندو آهي هر روز شام جي وقت، عيدن جي ڏينهن تي عرس ميلي جي موقعي تي ٺمال خاني ۾ شاهه جا مقرر ٺملي فقير نغرا وڄائين ٿا. جيڪا جڳهه مٽي ٺهيل آهي هيٺين پاسي کان عام زائرين اُتي وجد واري ڪيفيت ۾ جهومر پائي روح کي رقص ڪرائيندا آهن

**حلقو:** لطيف سائين جي درگاهه جي اها رسم روزانو شام جي وقت سمهاڻي (عشاءِ) نماز کانپوءِ لطيف سائين جي روضي جي سامهون ادا ڪئي ويندي آهي ان رسم جي به هڪ عجيب ڪيفيت آهي لطيف سائين جو روضي مبارڪ جي چاپيءَ وارو فقير هن رسم جي اڳواڻي ڪندو آهي جنهن ۾ سڀ فقير اولهندي طرف منهن ڪري الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري دعا گهرندا آهن جنهن کي حلقي جي دعا چئجي ٿو بعد ازدعا ساڳيو فقير هڪ (وٺڊ) ورهائيندو آهي جنهن بابت چيو ويندو آهي ته اهو طريقو لطيف سائين جي دور جي آهي مٽي کي پورا پورا ڪري، ان ۾ ڳڙ واري مٺائي ملائي هڪ پيليءَ ۾ وجهي ورهايو وڃي ٿو حلقو درگاهه لطيف سائين تي روزانو لڳندو آهي

جُسي ۾ جبار جو خفي خيمو ڪوڙ
جلي تون زبان سين چارئي پهر چوڙ
فڪر سين فرقان ۾ اسم اعظم ڏوڙ
ٻيا در وڃي مَر ووڙ، ايهُ امل ليائين سپجي (شاهه لطيف)

لطيفي ذڪر: لطيف سائين جو ذڪر مختلف وقتن تي ڪيو ويندو آهي پر مريدن کي خاص هدايت ٿيل آهي ته هر نماز کان پوءِ نفي اثبات جو ذڪر ڪجي جيڪو لطيف سائين جي درگاهه واري مسجد ۾ هر فرض نماز کانپوءِ ڪيو ويندو آهي ۽ لطيفي ذڪر جو مخصوص وقت فجر نماز کان ٿورو اڳ وارو مقرر ڪيل آهي لطيفي ذڪر لطيف سائين جي فقيرن عقيدتمندن جي وصال تي پڻ ڪيو ويندو آهي

ذالنّون ذڪر ربه جو ويل نه وسارين
سٽياسي سيد چئي سدائين سارين
تسبيح جي تراز سين ملحد کي مارين
جزاهم عند ربهم اُتي اختيارين
پر ڄنگي پارين گُر کي گڏيا ڪاپڙي (شاهه لطيف)

لطيفي سماع: لطيف سائين جي درگاهه تي هر سهڻي سومار رات سماع جو ذڪر ڪيو ويندو آهي درگاهه لطيف سائين جي احاطي اڱيان مچ ٻرندو آهي شاهه جا فقير لطيفي ذڪر ٻن ٽولن ۾ ڪندا آهن انهن فقيرن مان هڪ فقير شاهه سائين جا بيت سماع واري ذڪر ۾ پڙهندو آهي ٻيا فقير ذڪر ڪندا رهندا آهن لطيف سائين جو گادي نشين سامهون ويٺل هوندو آهي پوءِ شاهه جا فقير دعا گهري جي سماع جي رسم جي پڄاڻي ڪندا آهن

ظيون ظاهر ذوق سين پنجئي ڪن پورا
هلن واٽ سماع ۾ ڳاڙهي ڳل ڳوڙها
سٽياسي سيد چئي پوروبه ۾ پورا
هوالله الواحد القهار سولمي منجهه سورا
ٿي چاڪن سين چورا گر کي گڏيا ڪاپڙي (شاهه لطيف)

**تنگر جي رسم:** لطيف سائين جي تنگرخاني وارا فقير مقرر هنڌن تان ماني ۽ کير وغيره ڪٺي ايندا آهن جيڪو لطيف سائين جي تنگر واري فقير وٽ گڏ ٿيندو آهي جيڪو درگاهه جي خادمن ۾ ورهايو ويندو آهي

**عرس مبارڪ جون رسمون:** لطيف سائين جو عرس مبارڪ هر سال 14 کان 16 تاريخ تي صفر جي مهيني ۾ ٿيندو آهي عرس مبارڪ جي پهرين رات 13هين تاريخ شام جو لطيف سائين جا گاديءَ وارا سيد چادر چاڙهي عرس شريف جو افتتاح ڪن ٿا. لطيف سائين جي وڏي حويلي (وڏي اوطاق) تي ذڪر ڪيو وڃي ٿو 14هين تاريخ جي ڏينهن جو حڪومت جو مخصوص ماڻهو لطيف سائين جي مزار تي چادر چاڙهي سرڪاري پروگرامن جو افتتاح ڪندو آهي جنهن ۾ ملاڪڙو، ڪانفرنس، راڳ رنگ جي محفل، ثقافتي ڳوٺ ۽ زرعي پروگرام شامل هوندا آهن ملاڪڙي جي پروگرام عرس مبارڪ جا ٽئي ڏينهن جاري رهندو آهي. سنڌ جي مشهور ثقافت ملهه جو وڏو سنڌ جو ايوارڊ (رستمِ سنڌ) جو اعزاز پڻ آخري ڏينهن تي لطيف سائين جي عرس جي موقعي تي ڏنو ويندو آهي راڳ جي محفل رات جو شروع ٿيندي آهي، جيڪا پڻ ٽئي راتيون مسلسل جاري رهندي آهي. عام زائرين، خاص ماڻهو مٺائين جا دڪان، ڪتابن جا اسٽال ۽ سگهڙ ڪانفرنس پڻ مقرر ڪئي ويندي آهي. آخري ڏينهن لطيف سائين جي عرس جي اختتامي تقريب واري ڏينهن تي هڪ خاص رسم ٿيندي آهي، جنهن کي ڏاڳن جي رسم چيو ويندو آهي لطيف سائين جو گادي نشين، لطيف سائين جي پڳ ۽ ڪپڙا پائي دعا صبح جو گهرندو آهي غير سرڪاري طور لطيف سائين جي عرس جي پڄاڻي ٿيندي آهي، جڏهن ته سرڪار پاران شام جي وقت آخري ڏينهن تي لطيف سائين جي مزار تي چادر چاڙهي ويندي آهي ۽ پوءِ هڪ تقريب ايڇ ٽي سورلي هال ۾ ٿيندي آهي، جنهن ۾ سرڪاري طور تي شاهه جي راڳ جو ايوارڊ هڪ فقير کي ڏنو ويندو آهي، هڪ ايوارڊ ادبي لطيفيات لاءِ رکيل هوندو آهي، هڪ ايوارڊ ڪانفرنس ۾ ڳائيندڙ ڳائڻي کي ڏنو وڃي ٿو هڪ ايوارڊ لوڪ ادب جي سگهڙ کي به ڏنو ويندو آهي ۽ ڪجهه شيلڊون پڻ سماجي خدمتن عيوض ڏنيون وينديون آهن.

# مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل ميڊيا: سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ نئون سچ..!

غلام فاروق

سوچيو ته ڪجهه سال اڳ هڪ عام ۽ سادي وڊيو اشتهار ٺاهڻ لاءِ ڪيڏي نه وڏي محنت، وقت ۽ پئسا گهربل هوندا هئا. اسٽوڊيو ڪرائي تي وٺڻو پوندو هو، ڪئمرا هلائڻ وارو، ايڊيٽر، آواز ڏيڻ وارو ۽ هڪ پوري ٽيم گڏ ڪرڻي پوندي هئي. اڄ اهو ئي ڪم هڪ نوجوان پنهنجي گهر جي ڪمري ۾، موبائيل يا ليپ ٽاپ تي ڪجهه ڪلاڪن ۾ ڪري رهيو آهي. اها وڏي تبديلي مصنوعي ذهانت آندي آهي. ڊجيٽل ميڊيا ۾ اي آءِ هاڻي رڳو هڪ نئين ٽيڪنالاجي نه رهي پر روزگار جو هڪ وڏو دروازو کولي رهيو آهي. اهو دروازو خاص طور تي سنڌ جي نوجوانن لاءِ کليل آهي، جيڪي پڙهيل لکيل آهن پر روزگار جي کوٽ جو شڪار آهن.

پر سچ پڇو ته ڪيترن ئي ماڻهن کي ان جو خوف به آهي. صحافي، تصويرون ٺاهڻ وارا، وڊيو ايڊيٽر ۽ مشهوري جا ماهر سوچين ٿا ته ڇا هاڻي اسان جون نوڪريون ختم ٿي وينديون؟ اهو خوف غلط نه آهي، چو ته جڏهن ڪا به نئين شيءِ اچي ٿي ته ماڻهو قدرتي طور تي پريشان ٿين ٿا. ڪيترا ئي روايتي صحافي ۽ گرافڪ ٺاهيندڙ اڃا به اي آءِ کي پنهنجو دشمن سمجهن ٿا. پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته جيڪي ماڻهو نئين ٽيڪنالاجيءَ کان ڊڄي پٺتي هٽي ويا، انهن لاءِ موقعا گهٽيا ۽ جن سکيو انهن لاءِ نوان رستا کليا. اي آءِ نوڪريون ختم نه پر انهن کي نئين شڪل ڏئي رهي آهي. جيڪي اي آءِ کي سکن ٿا اهي پنهنجي قابليت ۾ اڳڀرائي وجن ٿا. مثال طور هڪ صحافي، جيڪو اي آءِ سان انگن اکرن جو ويچار ڪري، تيز خبرون تيار ڪري ۽ حقيقتن جي تپاس ڪري، اهو وڌيڪ ڪارائتو ٿي ويندو. هڪ تصويرون ٺاهيندڙ جيڪو اي آءِ سان خيالن کي تيزيءَ سان نظر ايندڙ روپ ڏئي، اهو وڌيڪ تخليقي ٿي سگهي ٿو.

اڄ ڪلهه ڊجيٽل ميڊيا ۾ اي آءِ جي رفتار ڏسي حيرت ٿئي ٿي. چيٽ جي پي ٽي، جيمني يا ڪلاڊ سان توهان خبرن جو مسودو اسڪرپٽ، ڪاپي يا سڄي ڪهاڻي ڪجهه منٽن اندر تيار ڪري سگهو ٿا. مڊجرني ۽ ٻين ڪيترن ئي مفت اوزارن سان تصويرون ۽ گرافڪس ٺاهي سگهجن ٿا، جيڪي اڳ ۾ ڪيترن ڪلاڪن جي اڻٿڪ محنت کان پوءِ ٺهندا هئا. رن-وي، پڪا، سينٿيشيا ۽ هگس فيلڊ جهڙن اوزارن سان متن مان وڊيو ٺهي ٿي. اي آءِ اوتار ڳالهائي ٿو ۽ آواز به قدرتي لڳي ٿو. ڪيپڪٽ ۽ ٻين ايڊيٽنگ ايپس ۾ به اي آءِ فيچرز اچي چڪا آهن، جيڪي سب ٽائيٽل ۽ ٽرانزيشن پاڻمرادو لڳائين ٿا. نتيجو اهو آهي ته هڪ ماڻهو اڪيلو ئي اهو ڪم ڪري سگهي ٿو جيڪو اڳ ۾ هڪ پوري ٽيم ڪندي هئي. اها سهولت نه رڳو وڏن شهرن جي ماڻهن لاءِ آهي پر ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي نوجوانن لاءِ به هڪ وڏو موقعو آهي.

وڏا برانڊ ۽ واپاري ان تبديليءَ مان ڀرپور فائدو وٺي رهيا آهن. اڳ ۾ ٽي وي اشتهار يا پرنٽ بيان لاءِ لکين روپين جو بجيٽ ۽ مهينا گهربل هوندا هئا. هاڻي ساڳيو يا بهتر نتيجو گهٽ خرچ ۽ گهٽ وقت ۾ نڪري ٿو. ميٽا ايڊس، يوٽيوب شارٽس ۽ ٽڪ ٽاڪ لاءِ اي آءِ سان تيار ڪيل وڊيوز وڌيڪ مصروفيت پيدا ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اهي تيز دلچسپ ۽ ٽارگيٽڊ هونديون آهن. ڪراچيءَ ۾ ڪيترين ئي ايجنسيون هاڻي اي آءِ وڊيو ڪريئيٽر، اي آءِ ڪنٽينٽ مينيجر، اي آءِ ميٽا ايڊس وڊيو ايڊيٽر ۽ اي آءِ ڪريئيٽو ڪنٽينٽ اسپيشلسٽ جهڙيون نوڪريون اچي رهيون آهن. انهن مان ڪيترين ئي نوڪريون ريموٽ يا هائبرڊ آهن، جنهن ڪري سنڌ جي ڏورانهن علائقن جا نوجوان به گهر ويٺي ڪم ڪري سگهن ٿا ۽ سٺي آمدني حاصل ڪري سگهن ٿا.

ڪيترائي نوجوان هاڻي صرف اي آءِ جي مدد سان مهيني ۾ 50 هزار کان 1 لک روپين تائين ڪمائي رهيا آهن. اها ڳالهه خاص طور تي سنڌ جي نوجوانن لاءِ اهم آهي، ڇاڪاڻ ته هتي روزگار جا موقعا محدود آهن ۽ اي آءِ انهن کي گهر ويٺي ڪم ڏياري سگهي ٿو. سنڌ اندر تعليم جي ميدان ۾ به هن طرف ڌيان وڌي رهيو آهي. ڪيترن ئي يونيورسٽين ۾ بي ايس آرٽيفيشل انٽيليجنس (BS aI) ۽ ڊجيٽل ميڊيا جا پروگرام هلندڙ آهي، جيڪي مصنوعي ذهانت ۽ ميڊيا کي گڏ ڪري پڙهائين ٿا. سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۽ ٻين ادارن ۾ اي آءِ جا بيچلر پروگرام موجود آهن. سنڌ حڪومت جي پيپلز آءِ ٽي پروگرام (PITP) تحت مفت ڊجيٽل مارڪيٽنگ، سوشل ميڊيا مينيجمينٽ ۽ ٻين ڪورسن کي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. HEC هاڻي سڀني يونيورسٽي پروگرامن ۾ اي آءِ جو لازمي ڪورس شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان کان علاوه خانگي ادارا ۽ ميڊيا اسڪول شارٽ ڪورسز سرٽيفڪيشن ۽ ماسٽر سطح جا پروگرام پڻ پيش ڪري رهيا آهن، جن ۾ وڊيو ايڊيٽنگ، ڪنٽينٽ ڪريئيشن ۽ اي آءِ اوزارن جو عملي استعمال سيکاريو وڃي ٿو. اهي موقعا سنڌ جي نوجوانن لاءِ آهن پر هنن کي انهن موقعن کي سڃاڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ جي نوجوانن لاءِ اڄوڪو وقت هڪ وڏو موقعو آهي. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ بيشمار نوجوان پڙهيل لکيل آهن پر روزگار جي کوٽ جو شڪار آهن. اي آءِ ۽ ڊجيٽل ميڊيا اهڙو ميدان آهي، جتي گهٽ سيڙپ ۽ وڌيڪ محنت سان پاڻ کي ماهر بڻائي سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي اي آءِ جي مدد سان وڌيڪ ماڻهن تائين پهچائڻ جو موقعو به موجود آهي. لوڪ ڪهاڻيون، شاهه لطيف جي شاعري، مقامي خبرون ۽ سنڌي مواد هاڻي نئين انداز ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هڪ نوجوان سنڌي ٻوليءَ ۾ مواد ٺاهي ۽ اي آءِ سان ان کي وڌيڪ دلچسپ بڻائي ٿو ته اهو نه رڳو مقامي پر عالمي سطح تي به پهچي سگهي ٿو. جا ڳالهه سنڌ جي ثقافت کي زنده رکڻ ۽ ان کي نئين نسل تائين پهچائڻ ۾ به مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

نوجوانن کي گهرجي ته عملي قدم کڻن. پهرين بنيادي اي آءِ اوزارن سان واقفيت حاصل ڪن، مفت اوزارن سان مشق ڪن ۽ يوٽيوب ۽ آن لائين پليٽ فارمن تان مفت ڪورسز سکي پنهنجو ننڍو پورٽ فوليو ٺاهين، جنهن ۾ اي آءِ سان تيار ڪيل ڪم شامل هجن. مقامي ميڊيا ادارن، ايجنسين ۽ يونيورسٽين سان رابطو رکن. حڪومت پاران شروع ڪيا ويندڙ مفت پروگرامز ۾ داخل ٿين ۽ سڀ کان اهم، مسلسل سکيا جاري رکن، ڇاڪاڻ ته اهو ميدان تيزيءَ سان بدلجي رهيو آهي. جيڪو اڄ سکي ٿو سڀاڻي انهيءَ کي وڌيڪ موقعو ملندو. هڪ نوجوان، جيڪو روزانو ٿورڙي وقت ۾ اي آءِ اوزارن سان مشق ڪري، ڪجهه مهينن اندر پنهنجي مهارت کي بهتر بڻائي سگهي ٿو ۽ پوءِ نوڪري يا فري لانسنگ شروع ڪري سگهي ٿو. هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي اي آءِ هڪ اوزار آهي ان کي انساني سمجهه، اخلاق ۽ ذميواري سان استعمال ڪرڻ گهرجي گمراهه ڪندڙ مواد، ڊيپ فيڪ ۽ غلط معلومات جو خطرو وڏو ويو آهي. تنهن ڪري سچائي، شفافيت ۽ حقيقت کي هٿ نه ڇڏڻ گهرجي. ميڊيا جي ماهرن کي اي آءِ کي انساني بصيرت ۽ اخلاقي معيارن سان گڏ استعمال ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام کي صحيح معلومات ملي. جيڪڏهن اي آءِ کي غلط طريقي سان استعمال ڪيو ويو ته اها سماج لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي پر جيڪڏهن صحيح طريقي سان استعمال ڪئي وئي ته اها ترقي جو وڏو ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

سنڌ جي نوجوانن کي گهرجي ته هو هن نئين دنيا ۾ اڳتي قدم وڌائن. خوف کي ڇڏي، سکيا کي حاصل ڪن ۽ پنهنجي لاءِ، پنهنجي خاندان لاءِ ۽ سنڌ لاءِ نوان دروازا کولين. "روزاني عبرت" جهڙا ادارا به انهيءَ تبديليءَ کي هٿي ڏيندي نوجوانن جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. نوجوان هيءُ موقعو هٿان نه وڃائين. هو جيڪڏهن اڄ قدم کڻن ٿا ته سڀاڻي انهن جي زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي. اي آءِ اسان جي مددگار آهي ۽ اسان کي ان کي استعمال ڪرڻ ۽ سکڻ گهرجي ته جيئن سنڌ کي ان دنيا ۾ سڀ کان مٿاهون ڪيون.

*(نوٽ: ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (آرٽيفيشل انٽيليجنس) يونيورسٽي آف يوٽيمارڪوني، اٽلي، ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي آءِ ۽ ريسرچ ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي.)*

# اڄوڪو ڏينهن ---- 29 جولاءِ



مختيار انڙ

### عباس خان لوڌي



عباس خان لوڌي، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ جي ڪرڪيٽ ٽيم جو مشهور رانديگر هو هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1911ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس وڏا 16هين صدي عيسويءَ ۾ ايران کان لڏي ٺٽي ۾ اچي آباد ٿيا هئا هن جي خاندان جي هڪ بزرگ سيد بدرالدين جي آخري آرامگاهه اڄ به مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ موجود آهي هن جو ڏاڏو عباس خان سينيئر سنڌ مدرسة الاسلام هاءِ اسڪول (هاڻوڪي يونيورسٽي) جي بورڊ آف گورنرس جو سيڪريٽري هو عباس خان لوڌيءَ سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچيءَ ۽ ولسن ڪاليج بمبئيءَ مان تعليم حاصل ڪئي ڪرڪيٽ کيڏڻ جو شوق کيس ننڍي هوندي کان ئي هو 1930ع واري ڏهاڪي ۾ هن جو شمار برٽش انڊيا جي بهترين رانديگرن ۾ ٿيندو هو شايد هيءُ پهريون سنڌي مسلمان ڪرڪيٽر هو، جنهن کي ورهاڱي کان اڳ واري هندستان جي قومي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ کيڏڻ جو اعزاز مليو 1930ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ پنج ڪرڪيٽ ٽيمون هڪٻئي سان مقابلو ڪنديون هيون انهيءَ مقابلي کي "پينٽاگيولر ٽورناميٽ" ڪوٺيو ويندو هو. انهن ٽيمن ۾ يورپي لوڪن جي ٽيم، پارسين جي ٽيم، مسلمانن جي ٽيم، هندن جي ٽيم ۽ باقي ٻين اقليتن سان واسطو رکندڙن جي ٽيم شامل هيون انهن ٽيمن مان سٺا رانديگر چونڊي سنڌ جي قومي ٽيم جوڙي ويندي هئي جيڪا هندستان جي مختلف ٽيمن سان ٽورناميٽ کيڏندي هئي عباس خان 1937ع ۾ مسلمانن جي ٽيم ۾ کيڏڻ شروع ڪيو هن يورپين ۽ هندن جي ٽيمن خلاف سينچريون ٺاهيون 1937-38ع ۾ هن سنڌ جي قومي ٽيم پاران ڪلڪتي جي ٽيم سان مقابلو ڪيو هو 1947ع تائين سنڌ ٽيم جو حصو رهيو ڪرڪيٽ مان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ 1963ع تائين هن پاڪستان جي قومي ٽيم جي سليڪٽر طور ڪم ڪيو هن عظيم ڪرڪيٽر 27 جنوري 2002ع ۾ وفات ڪئي

### رامسي تلسي

اڄ هندستان جي مشهور هدايتڪار ۽ پروڊيوسر رامسي تلسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 29 جولاءِ 1944ع تي ڪراچيءَ ۾ فتح چند رامسي جي گهر ۾ ڄائو ۽ پاڪستان ٺهڻ وقت پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان هليو ويو. جتي تعليم پوري ڪري فلمن جي ڊائريڪٽر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين هو خاص طور تي ڀوائتين فلمن (Horror Movies) جي هدايتڪار طور تمام گهڻو مقبول هو. هن 1980ع ۽ 1990ع ۾ ڪيترين ئي خوف ۽ دهشت سان ڀرپور ڀوائتين فلمن جي ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو. هن جي مشهور فلمن ۾ هوٽل، پراڻا مندر، ٽهه خانا، ويرانا، بند دروازا ۽ ٻيون به ڪيترين ئي فلمون شامل آهن هن ڪجهه فلمن جي پروڊيوسر ۽ ليکڪ طور به ڪم ڪيو. هندستان جي مشهور ٽي وي چينل "زي ٽي وي" تان نشر ٿيل سندس سيريز "زي هارر شو" وڏي مقبوليت ماڻي هن 14 ڊسمبر 2018ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

### عبد الله شاهه اظهر



هن نامور شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1958ع ۾ ڳوٺ دلمراد ٽانوري ضلعي سجاول ۾ ٿيو هن 1973ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو. پهريائين گيت لکيائين ۽ ان بعد غزلن گيتن چوستن ۽ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين شاعريءَ ۾ استاد پيرل قمبر سندس استاد رهيو. هو "بزم پيرل قمبر" ۽ "پيرل قمبر ادبي سنگت" جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو هن جي ڪجهه شاعري مرتضيٰ لغاريءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب "برڪا بوند بهار جي" ۾ شامل آهي

### عاشق هالائي

اڄ مشهور شاعر عاشق هالائي ميمڻ جي جنم جو ڏهاڙو آهي هو 29 جولاءِ 1961ع تي هالا پراڻا ۾ ڄائو مئٽرڪ تائين هالا پراڻا ۾ ئي پڙهيو ۽ انٽر جو امتحان هالا نوان مان پاس ڪيائين اڳتي هلي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان ميڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اڪانامڪس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات انڊسٽريل ڊولپمينٽ بئنڪ آف پاڪستان ۾ آفيسر طور ڪئي ۽ 2021ع ۾ انهيءَ بئنڪ جي اسسٽنٽ وائس پريزيڊنٽ طور رٽائر ٿيو عاشق هالائيءَ شاعريءَ جي شروعات ننڍي ڄمار ۾ ڪئي هن جي شاعريءَ جو ڪتاب "عاشق جو آواز" ڇپجي چڪو آهي عاشق هالائي مختلف ادبي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو رهيو آهي هن هالا پراڻا ۾ بزم طالب المولىٰ جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ جي پهرئين صدر طور ڪم ڪيائين هو سنڌ فرينڊس آرگنائيزيشن، سنڌ فرينڊس فورم، ڀٽائي آرٽس ڪائونسل ۽ سول سوسائٽي سنڌ سان به لاڳاپيل آهي

### تهل رڪيائي

تهل رڪيائي پنهنجي دور جو نامور چترڪار هو هن جو جنم 30 جولاءِ 1938ع ۾ وسومل رڪيائيءَ جي گهر ڪراچيءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم سنڌ ۾ ئي حاصل ڪيائين 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ممبئيءَ ويجهو ڪلياڻ ڪئمپ 4 ۾ رهائش اختيار ڪيائين اتي ئي هن ڊرائينگ ۽ مئٽرڪ جا امتحان پاس ڪيا ۽ هاءِ اسڪول ۾ ڊرائينگ ٽيچر مقرر ٿيو هن پنهنجي ڊرائينگ ۽ چترڪاريءَ سان سنڌي ثقافت کي هندستان ۾ عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مشهور سنڌي هفتيوار رسالي "هندواسي" جي پهرئين صفحي تي سندس چتر رسالي جي سونهن کي چارچنڊ لڳائيندا هئا. هن ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن لاءِ چترڪاري ڪئي هو هڪ بهترين شاعر پڻ هو ۽ ڪيترائي شاندار آزاد نظم لکيائين سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪلا درسني" نالي سان شايع ٿيل آهي تاريخ 29 جولاءِ 1962ع تي پنهنجي ساٿين سان سمنڊ جو سير ڪرڻ ويو سمنڊ ۾ چاڙهه سبب سمنڊ جي ڇولين کيس هميشه لاءِ پنهنجي گود ۾ وٺي ڇڏيو

### عبدالحفيظ قريشي

اڄ مشهور قانوندان ۽ قوم پرست اڳواڻ عبدالحفيظ قريشيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن کي "حفيظ قريشي سينيئر" ۽ "چاچا حفيظ قريشيءَ" جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو هن 26 جولاءِ 1920ع تي هالا پراڻا ۾ اکيون کوليون اڃا سال کن جو ابهم ٻارڙو هو جڏهن هن جي والد قاضي شفيع محمد وفات ڪئي ان ڪري هن جي پالنا سندس وڏي ڀاءُ قاضي محمد بچل ڪئي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ سيڪنڊري تعليم ٽنڊو باگو هاءِ اسڪول مان حاصل ڪري ممبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين بي اي جي سند ممبئي يونيورسٽيءَ مان ۽ قانون جي سند ڪراچي لا ڪاليج مان حاصل ڪيائين هن ڪجهه عرصو سنڌ مدرسي اسڪول ۾ پڙهايو ۽ بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين هن کي پلاڙي پٽ ڏٺيءَ، علامه اقبال ۽ غالب جي شاعريءَ تي عبور حاصل هو هو سچي عمر سائين جي ايم سيد جو ساٿي رهيو. بزم صوفياءِ سنڌ، ون يونٽ مخالف تحريڪ ۽ سنڌ متحده محاذ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين 1970ع واري ڏهاڪي ۾ رسول بخش پليجي جي سنڌ عوامي تحريڪ جو صدر بڻيو پر ٿورڙي عرصي کان پوءِ اها پارٽي ڇڏي ڏنائين تقرير ۽ تحرير ۾ سندس ڪو مٽ ۽ ثاني نه هو. قومي تحريڪ ۾ ڀرپور وڌڻ سبب ڪيترائي ڀيرا قيد ۽ بند جون سعوبتون برداشت ڪيائين هن 29 جولاءِ 1997ع ۾ وفات ڪئي

### استاد وريلداس گرنومل تلريجا

استاد وريلداس ڪلاسيڪي راڳ جو ماهر استاد ۽ موسيقار هو هن جو جنم 10 نومبر 1943ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هن جي پيءُ جو نالو گرنومل تلريجا هو، جيڪو شڪارپور جو مشهور سونارو هو وريلداس سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اڪانامڪس) جي سند حاصل ڪئي هئي ان کان علاوه ايل ايل بي جي ڊگري به حاصل ڪيائين هو پيءُ سان گڏ سونارڪو ڌنڌو ڪندو هو پر سندس دل ننڍي هوندي کان ئي راڳ ۽ موسيقيءَ طرف مائل رهي هو شروع ۾ هارمونيم تي ڳائيندو هو پر پوءِ مهدي حسن کي ڏسي سرمنڊل تي ڳائڻ شروع ڪيائين هن استاد الهه بخش شيخ ۽ هادي بخش ميمڻ کان باقاعدي راڳ جي سکيا ورتي اڳتي هلي شڪارپور ۾ "وريل سنگيت ڪلا" نالي هڪ ادارو قائم ڪيائين جنهن ۾ هو نوجوان ڪلاڪارن کي راڳ جي سکيا ڏيندو هو هن 29 جولاءِ 2005ع تي پرلوڪ پڌاريو

### امداد علي اعوان

امداد علي اعوان سنڌ جو نامور قانوندان هو. سندس جنم 11 آڪٽوبر 1944ع ۾ سکر ۾ ٿيو هن ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ ۽ گورنمينٽ لا ڪاليج سکر مان قانون جي تعليم حاصل ڪئي شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪاليج جي شاگرد يونين ۾ حصو ورتائين 1970ع واري ڏهاڪي دوران سکر جي ڊسٽرڪٽ بار جو جنرل سيڪريٽري ۽ نائب صدر رهيو ان بعد سنڌ بار ڪائونسل جو نائب چيئرمين انتظامي مجلس جو چيئرمين هاءِ ڪورٽ بار جو صدر، سپريم ڪورٽ بار جو نائب صدر ۽ اهڙن ٻين عهدن تي فائز رهيو هو پيپلز لائرس فورم جو صدر پڻ رهيو 1993ع ۾ سينيٽ جو ميمبر چونڊيو ويو 2008ع ۾ عدليه جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين انهيءَ تحريڪ دوران ڪراچيءَ ۾ سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ جي گاڏي هلائيندي کيس دل جو دورو پيو ۽ 29 جولاءِ 2008ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو. هن کي شڪارپور ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي وفات جي تاريخ 31 جولاءِ لکي وئي آهي جيڪا صحيح ناهي

# CLASSIFIED ADVERTISMENT

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد**
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
**فيملي سوٽ نمبر 294 سال 2026**

مسمات ڪرن ڌيءِ مير محمد رهندڙ گهر نمبر 94 گوليمار نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف.. سعيد احمد ولد لال بخش رهندڙ درگاهه الهه آباد شريف ڪنڊيارو تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز....ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج شهيد بينظير آباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد**
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
**فيملي سوٽ نمبر 176 سال 2026**

مسمات انيلا ڌيءِ حبيب الله ڪوسو رهندڙ گوٺ جمون ڪوسو تعلقو نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف.. خادم حسين ولد نذر علي ڪوسو رهندڙ گوٺ سنجر خان جوڻيجو تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ 03243108341....ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج شهيد بينظير آباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد**
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
**فيملي سوٽ نمبر 110 سال 2026**

مسمات رخسانه ڌيءِ عبدالستار قريشي رهندڙ نزد نصير بيڪري قاضي احمد روڊ نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف. عرفان ولد خدا بخش سولنگي رهندڙ جمشيد ڪالوني نوابشاهه 03151530969....ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج شهيد بينظير آباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد**
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
**فيملي سوٽ نمبر 307 سال 2026**

مسمات شبانه عطاءِ ڌيءِ عطاءِ محمد زرداري رهندڙ گوٺ مريد خان زرداري تعلقو نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف. علي محمد ولد امير علي زرداري رهندڙ گوٺ مريد خان زرداري تعلقو نوابشاهه 03013392188...ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج شهيد بينظير آباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر سال 2026**

مسمات سروت ناز .. پلينٽف.بخلاف. عاشق علي ولد رئيس الله ڏنو خان شاهاڻي رهندڙ منظور آباد يارمحمد اسٽريٽ نزد پائيلٽ اسڪول دادو حال رهندڙ ڪراچي موري ڄامشورو ......ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج ڄامشورو**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر100 سال 2026**

مسمات سعيده ڪانڊرو.. پلينٽف.بخلاف. ستير ڪانڊرو ولد الله جڙيو ڪانڊرو رهندڙ لاشاري چوڪ شورو وليج قاسم آباد حيدرآباد ......ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج ڄامشورو**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر183 سال 2026**

مسمات شبانه .. پلينٽف.بخلاف. علي اختر ولد علي اڪبر ڪلهوڙو رهندڙ شهباز ڪالوني ڪي اين شاهه ضلعو دادو سيل نمبر 03298926269 ......ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ -/200000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج ڄامشورو**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏڪڙي**
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
**فيملي سوٽ نمبر32 سال 2026**

مسمات آصف ڌيءِ نواب علي ذات خاصخيلي رهندڙ اسلم ٽائون جهنڊو ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف.. محمد طارق ولد محمد عاشق ذات خاصخيلي رهندڙ گوٺ محمد اسحاق خاصخيلي تعلقو ڪنري ......ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته29-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏڪڙي**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار**
**ايف سي سوٽ نمبر91 سال 2026**

مسمات عظيمان زال عالم خان .. پلينٽف.بخلاف. (1) سيڪريٽري انٽيرئر اسلام آباد (2) چيرمين نادرا اسلام آباد (3) صوبائي ڊائريڪٽر نادرا ڪراچي (4) ڊپٽي ڊائريڪٽر نادرا ٽنڊو الهيار (5) مسمات جنت زال محمد رحيم ذات لغاري رهندڙ گوٺ علي خان لغاري ......ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار**

## ڪورٽ نوٽيس

**سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد**
**ايف سي سوٽ نمبر 30 سال 2026**

مسمات شائلا(Shaila) ڪنول زال محمد عمران رهندڙ محلہ منوآباد نزد خضرا مسجد نوابشاهه ....پلينٽف.بخلاف. (1) شوڪت علي ولد محمد صديق معرفت قانوني وارث (اي) بلقيس بيگم (بي) نديم احمد (سي) فهيم احمد (ڊي) گوهر (اي) شبانه (ايف) رضوان (جي) راڻي (ايڇ) ثوبيه (آئي) شيرين سڀ مسلم بالغ رهندڙ ڏاڪٽر پان والا عبدالقادر پارڪ منو آباد نوابشاهه. سيل نمبر 03133602702 (2) محمد حنيف عرف گيگا ولد محمد صديق رهندڙ منو آباد نزد خضرا مسجد نوابشاهه. سيل نمبر 03173180078 (3) مسمات ڪلثوم بيواهه مبارڪ علي سيل نمبر 03420388890 (4) اي سي نوابشاهه (5) مختيارڪار / سٽي سروي آفيسر نوابشاهه (6) ڊي سي شهيد بينظير آباد (7) سنڌ صوبو معرفت ڊي سي شهيد بينظير آباد.ڊفينڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، پزيشن اينڊ پرمننٽ انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته12-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II/MCAC ميرپورخاص**
**سڪسيشن پٽيشن نمبر سال 2026**

(1) محمد رمضان ولد گل محمد ذات منگريو رهندڙ گوٺ محمد اسحاق منگريو يي او ڦليڊيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص .. پٽيشنر.بخلاف.. (1) غلام حيدر ولد گل محمد (2) اصغر ولد گل محمد (3) حليمان ڌيءِ گل محمد (4) مسمات هارون ڌيءِ گل محمد (5) مسمات مريم زال مير حسن ڌيءِ گل محمد (6) محمد اسحاق (7) زبيدان ڌيءِ گل محمد (8) شهناز ڌيءِ گل محمد (مائنر) معرفت گارڊين ريسپونڊنٽس نمبر 1 رهندڙ گوٺ محمد اسحاق منگريو يي او ڦليڊيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص (9) جنرل پبلڪ...ريسپونڊنٽس

**.جنرل پبلڪ ايٽ لارج ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي گل محمد ولد محمد اسحاق جنهن ۾ بينڪ الحبيب ميرپورخاص جي اڪائونٽ ۾ رقم تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II/MCAC ميرپورخاص**

## ڪورٽ نوٽيس

**ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II/MCAC ميرپورخاص**
**سڪسيشن پٽيشن نمبر سال 2026**

(1) محمد رمضان ولد گل محمد ذات منگريو رهندڙ گوٺ محمد اسحاق منگريو يي او ڦليڊيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص .. پٽيشنر.بخلاف.. (1) غلام حيدر ولد گل محمد (2) اصغر ولد گل محمد (3) حليمان ڌيءِ گل محمد (4) مسمات هارون ڌيءِ گل محمد (5) مسمات مريم زال مير حسن ڌيءِ گل محمد (6) محمد اسحاق (7) زبيدان ڌيءِ گل محمد (8) شهناز ڌيءِ گل محمد (مائنر) معرفت گارڊين ريسپونڊنٽس نمبر 1 رهندڙ گوٺ محمد اسحاق منگريو يي او ڦليڊيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص (9) جنرل پبلڪ...ريسپونڊنٽس

**.جنرل پبلڪ ايٽ لارج ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 278 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي ليٽر آف ايڊمنسٽريشن حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي گل محمد ولد محمد اسحاق جنهن ۾ سونا زيور ڦنڪا مائيڪرو فنانس بينڪ لميٽڊ ميرپورخاص ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II/MCAC ميرپورخاص**

## عام اطلاع

**عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 دادو**

(1) شاهه جهان ولد شير محمد جوڻيجو (2) جاويد ولد شير محمد جوڻيجو (معرفت اٿارني) شير محمد ولد حافظ واحد بخش جوڻيجو (3) محمد يامين ولد عبدالمجيد جوڻيجو ويٺل گوٺ پريو جوڻيجو تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو. اپيلانٽس.خلاف. (1) گلزار ولد جمعو جوڻيجو (2) عباس ولد لال بخش جوڻيجو (3) خان محمد ولد محمد جمن جوڻيجو (4) هدايت الله ولد اسماعيل جوڻيجو (5) اي سي ڪي اين شاهه (6) مختيارڪار ڪي اين شاهه (7) تپيدار ديهه چوڪنڊي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو.ريسپانڊنٽس

**.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**

جيئن ته مٿئين اپيلانٽ اپيل زير قلم 161 سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 تحت زرعي زمين سروي نمبر 176,177,377/1,375/3,457/1,374/4,231,178,1 10-21 ايراضي 1/2 791-A,179/2-B,179/1-II ايڪڙ سروي نمبر 155 ايراضي 25-0 پيسا ديهه چوڪنڊي تعلقو ڪي اين شاهه داخلا نمبر 504 تاريخ 10-06-2003 داخلا نمبر 11 تاريخ 29-05-2018 ۽ داخلا نمبر 208 تاريخ 16-02-2022 آف VF VII-B جي ڪينسل ڪرڻ لاءِ ڪيس هلندڙ آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 دادو**

## عام اطلاع

جنين ته هن اشتهار ذريعي عام ۽ خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته روبرو گواهن محمد رمضان آرائين،محمد اختر آرائين، محمد عاصم، محمد اڪبر شاهه جي سامهون لکي پڙهي ٿو ڏيان ته منهنجو پلاٽ واقع محلا عثمان آباد سيناراجا شهر جيڪو منهنجي ذاتي ملڪيت آهي جنهن جي ايراضي ماپ 32×66 ٽوٽل 2112 فوٽ قطعي وڪرو ڪري نالي عمران علي مغل ولد عبدالعزيز مغل کي 3200000 اکرين ٻٽيهه لک روپين ۾ وڪرو ڪري ڏيان ٿو ٽوٽل رقم هنن گواهن جي سامهون وڪرو ڪندڙ کي مليل آهي ڪا ۽ بقايا رقم رهيل نه آهي پلاٽ جو قبضو خريدار کي مليل آهي ، جيڪو پلاٽ قطعي وڪرو ڪجي ٿو اُن ۾ ته نمبر 01 جي طرفان يا ته نمبر 01 جي ڪنهن به رشتيدار جي طرفان پلاٽ تي ڪو به قلو فساد يا ڪا به رنڊڪ وڌي ته اها ذميواري ته نمبر 01 جي هوندي جڏهن ته پلاٽ جي وڪري متعلق اگر ڪنهن کي به ڪو اعتراض آهي ته اُهو 7 ڏينهن اندر قانوني طور اعتراض ڪري سگهي ٿو ٻئي صورت ۾ پلاٽ جو مالڪ ڌر نمبر 2 عمران علي ولد عبدالعزيز مغل هوندو

**محمد افضل ولد رحمت علي آرائين**
**ويٺل محلا عثمان آباد سيناراجا تعلقو ٺري ميرواهه ضلعو خيرپور ميرس شناختي ڪارڊ نمبر 4520617725403**

## عام اطلاع

سڀ خاص ۽ عام مالڪن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته اَئون پرويز حبيب تنيو، سي اي او ميسرز ايشال انجنيئرنگ اينڊ سروسز لائسنس نمبر(C-4/19436 هشس، ۽ هاڻي هن ڪمپني جي مڪمل مالڪي ۽ مالڪاڻا حق جناب زوهيب حبيب ولد حبيب الله تنيو شناختي ڪارڊ نمبر7-3403909-45301جي نالي منتقل ڪري رهيو آهيان هن منتقلي کان پوءِ جناب زوهيب حبيب تنيوهن ڪمپني جا سؤ سيڪڙو(100%) مالڪ هوندا.جيڪڏهن ڪنهن شخص، اداري يا لاڳاپيل ڌر کي هن منتقلي بابت ڪو اعتراض هجي ته اُهو هن اطلاع جي شايع ٿيڻ کان پوءِ 15ڏينهن جي اندر هيٺ ڏنل پتي تي رابطو ڪري سگهي ٿو

**پرويز حبيب ولد حبيب الله تنيو**
**گهر نمبر C-573 فيز- 1 قاسم آباد حيدرآباد**
**شناختي ڪارڊ نمبر7-2142648-45301**

## نالي جي درستگي

جيئن ته درخواستگذار نالي محبوب علي ولد محمد بچل خاصخيلي ويٺل گوٺ شاهين تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ لينڊ روينيو ايڪٽ تحت 166 درخواست ڏني آهي ته سندس والد جي کاتي تي سروي نمبر 46 ديهه شاهپور تعلقو متياري ۾ زرعي زمين آهي جنهن ته سندس والد جو نالو رڪارڊ آف رائيٽس ۾ غلطي سبب نالو (بچو) لکجي ويو آهي جيڪو درست ڪري محمد بچل ولد اسحاق خاصخيلي لکيو ۽ پڙهيو وڃي اهڙي تصديق بن شاهدن ميهار خان ولد نمر خاصخيلي ۽ محرم ولد لعل خان خاصخيلي جن اسان جي آفيس ۾ روبرو بيان ڏنو آهي ته نالي محمد بچل ولد اسحاق خاصخيلي کي اسان جڳي طرح سڃاڻون ٿاجنهن جو نالو درست آهي ۽ رڪارڊ آف رائيٽس ۾ غلطي سبب نالو (بچو) لکجي ويو آهي غلط بياني جي صورت ۾ اسين ٻئي ڏوهه جا ذوهاري رهنداسين جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي مٿين نالي جي درستگي بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري نالو درست ڪري ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

**اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو متياري**

## عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات فاطمه خاصخيلي بيواهه لڪائو خاصخيلي ويٺل پيرزاده محلا متياري تعلقو متياري ضلعو متياري جي اسان آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ڪلهوڙو لڪائو ولد فيض محمد خاصخيلي جيڪو واٽر سپلائي کاتي ۾ رٽائرڊ چوڪيدار هو ۽ فقه التشيع جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 25-05-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات فاطمه خاصخيلي (بيواهه) (2) غلام عباس خاصخيلي (پٽ) (3) زوهيب علي خاصخيلي (پٽ) (4) وسيم علي خاصخيلي (پٽ) (5) شاهزيب علي خاصخيلي (پٽ) (6) مسمات رقيه خاصخيلي (ڌي) (7) مسمات صغران خاصخيلي (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هرهڪ نالي مدثر علي ولد علي بخش خاصخيلي شناختي ڪارڊ نمبر 4130569733793 ۽ محمد عمران ولد محمد اسلم ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130520680729 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۽ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

**مختيارڪار روينيو تعلقو متياري**

## عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار عبدالرشيد ولد محمد عرس پرهيار رهندڙ گوٺ جمال شاهه ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالله ولد رحيم ڏنو پرهيار تاريخ 01-01-1945 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 153/AB, 149,150,193/AB ايراضي حصي موجب ديهه ڇٻا ٽيو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتا تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپو هيٺ جاٿايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام ۾ ڏني آهي (پنهي فوتين جا وارث ساڳيا آهن):(1) محمد عمر (پٽ) (2) مسمات ڪند بائي (ڌي) مسمات ڪند بائي زال امام بخش موخه 02-02-1980 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث امام بخش پرهيار (مڙس) (2) مسمات حڪيمان (ڌي) (3) مسمات حسينان (ڌي) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجي ته دعوي ڪري يا ٻئي ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي ( 7 ) ڏينهن جي اندر سموري دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرافڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. ميعاد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

**مختيارڪار تعلقو حيدرآباد**

---

**بقايا 1 روزاني عبرت**

ملهائڻ لاءِ گورنر سنڌ نهال هاشمي صبح جو ڏهين بجي ڀٽ شاهه پهچي درگاهه تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري ميلي جي ٽي روزه تقريب جو افتتاح ڪندو جڏهن ته ساڻس گڏ صوبائي وزير ۽ اعلا انتظاميه هوندا جنهن ڪان پوءِ گورنر سنڌ درگاهه ڀٽ شاهه تي لطيف جو راڳ ٻڌندو زائرين عورتن ۾ لطيفي تبرڪ تقسيم ڪندو جڏهن بعد سنڌي ثقافتي ڳوٺ جو افتتاح سياحت ۽ ثقافت کاتي جو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ڪندو جڏهن ته سگهڙ ڪچهري ڦيندي ملاکڙو سان گڏ گهوڙن جي ڊوڙ پڻ ٿيندي جڏهن ته پهرين ڏمال تي رات جو شاهه لطيف آڊيٽوريم هال ڀٽ شاهه ۾ ثقافت کاتي پاران منعقد ڪيل راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿيندي جنهن ۾ سنڌ جا پلوڙ راڳي فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا جيڪا پڙهه ڦتي تائين جاري رهندي، ٻئي طرف شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ دوران زائرين جي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي فورسز کي هائي الرٽ رکيو ويو آهي شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن جڏهن ته سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي مدد سان ڪراٺر پسند عناصرن تي نظر رکي پئي وڃي

**بقايا 2 روزاني عبرت**

شاهه لطيفي ڀٽائي جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري ڪيو هن موقعي تي قائم مقام سجاده نشين چيو ته لطيف سائين سنڌ جو نه ۾ پوري دنيا جو آفاقي شاعر ولي بزرگ آهي ڀٽائي صدين پهرين جيڪو سنڌ کي سامهون رکيو آهي انهي جا آثار ڏسن لاءِ ملي رهيا آهن هن چيو ته ڀٽائي جي زائرين عقيدتمندن پانڌيئڙن کي پيغام ڏنو ته هو پاڻ ۾ اچن پنهنجي ٻچڙن کي پڻ سان گڏ وٺي اچن جيئن وڏڙن جون روايتون قائم رهي سگهن هن ميلي تي آيل زائرين کي پيغام ڏنو ته هو درگاهه جي تقدس بحال رکن نئين نئين ٺڪلين کي برداشت ڪري انهن کي درگذر ڪن جيئن لطيف جو ڪاج اسان جو توهان جو ڪاج خير خوبيءَ سان گذري وڃي.

**بقايا 3 روزاني عبرت**

مبارڪ جي موقعي تي ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ حسيني قافلا پڻ نڪتا جيڪي روايتي رستن تان ٿيندا درگاهه ڀٽ شاهه تي پهتا جتي مجلس عزا بعد اختتام پزير ٿيا

**بقايا 4 روزاني عبرت**

مبارڪ جي موقعي تي سنڌ جي ڪند ڪڙڇ مان زائرين ڀٽ شاهه پهچڻ شروع ٿي ويا آهن جتي لطيف جون صدائون بلند ٿي رهيون آهن ڀٽ شاهه شهر ۾ زائرين جي تفريح لاءِ موت جو کوهه سرڪس جهولا ريل گاڏيون ملائي جا دڪان ماجون جا دڪان منياري بازار شيش محل ڪشمش جا دڪان هوٽلون لڳائي انهن کي رنگ به رنگي بلبن سان سينگاريو ويو آهي جن تي ميلاڻن جي رش لڳل آهي

**بقايا 5 روزاني عبرت**

حسين عباسي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي 283هين ساليانو عرس مبارڪ جي سلسلي ۾ درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو دورو ڪيو مزار مبارڪ تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي چيو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن موجب عرس مبارڪ جي ڪامياب، پرامن ۽ شاندار انعقاد لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ثقافت کاتي، اوقاف کاتي، لائيو اسٽاڪ کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن پاران مختلف تقريبن ۽ پروگرامن جا انتظام ڪيا ويا آهن جڏهن ته زائرين جي سهولت لاءِ پڻ جامع انتظام ڪيا ويا آهن هن چيو ته ضلعي انتظاميا متياري ۽ سمورن لاڳاپيل کاتن گڏيل سهڪار ۽ مؤثر رابطي سان زائرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور قدم کنيا آهن سيڪيورٽي ٽريفڪ مئنيجمينٽ، صفائي ستهرائي طبي سهولتون، بجلي، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو آهي. جيئن عرس ۾ شرڪت ڪندڙ عقيدتمندن کي ڪنهن به قسم جي ڏکيائي کي منهن نه ڏيڻو پوي. ڪمشنر وڌيڪ ٻڌايو ته عرس مبارڪ جي پهرين ڏينهن گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪندي جڏهن ته اختتامي ڏينهن وڏي وزير سنڌ مراد علي شاهه جي آمد متوقع آهي هن لاڳاپيل سمورن ادارن کي هدايت ڪئي ته عرس جي پڄاڻي تائين پنهنجون ذميواريون مڪمل محنت، ذميواري ۽ بهتر رابطي سان سرانجام ڏين دوري دوران ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ڊپٽي ڪمشنر متياري محمد دانش ڏاڪر ايس ايس پي عبدالعليم بلو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ ڪمشنر حيدرآباد سان گڏ انتظامن جو جائزو ورتو

**بقايا 6 روزاني عبرت**

پاران شهادت جو اطلاع ڏنو ويو آهي. اطلاع بعد سندس اباڻي ڳوٺ مشغول خان بالادي ۾ ٽڏو وڇايو ويو آهي وارثن رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شهيد اهلڪار والدين جو اڪيلو پٽ هو ۽ سندس کي ٽن ڏينهن جو اولاد پڻ آهي جڏهن ته شهيد جو والد فوت ٿيل آهي گهرجو اڪيلو سهارو هيس هوڏانهن ٻڌايو ويو آهي ته شهيد جو مڙهه سندس اباڻي ڳوٺ ڏانهن روانو ڪرڻ جون ڪوششون ورتيون پيون وڃن جتي سندس مڙهه سندس اباڻي ڳوٺ آندو ويندو

**بقايا 7 روزاني عبرت**

بجلي جون تارون هيٺ هڻڻ ڪري امجد مستوئي جو هٿ لڳڻ ڪري ٻانهن ڏا مان ٽي وئي جنهن سبب هو موقعي تي فوت ٿي ويو ڳوٺاڻن موجب 11 هزار وولٽ بجلي جون تارون هيٺ هڻڻ ڪري واقعو پيش آيو اسان واپڊا وارن کي ڪيترا ڀيرا تارن جون شڪايتون ڪيون پر واپڊا عملدار بڌڻ لاءِ تيار نه هئا ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو ته گوٺ مان بجلي جي تارن کي مٽي ڪري وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي ٻي پاسي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو فوتي جي ماءُ کي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا ۽ ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو آهي

**بقايا 8 روزاني عبرت**

احتجاجي پيادل مارچ ڪيو ويو مارچ جي پڄاڻي تي جساف اڳواڻن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياهه معان پنجاب جي غيرقانوني قبضو پاڪستان جي قيام کان وٺي جاري آهي جڏهن ته گذريل سال سنڌ پاران ڪئنالن خلاف تحريڪ هلائڻ باوجود هڪ ڀيرو ٻيهر جلال پور ڪئنال واهيو ويو آهي جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي درياهه معان قدرتي حق جي خلاف ورزي آهي جساف هن مارچ جي ذريعي ان ڪئنال کي رد ڪري سنڌو درياهه جي تحفظ لاءِ وڌيڪ ڳالهايو تحريڪ هلائڻ جو ڄاڻاءُ ڏئي ٿي ۽ اغوا ڪيل نياڻي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ جو مطالبو ڪري ٿي مارچ ۾ سڪرنڊ نوابشاهه ۽ آس پاس جي عوام سميت سنڌ جي مختلف تعليمي ادارن جي شاگردن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

**بقايا 9 روزاني عبرت**

تحقيقي ليبارٽرين جو افتتاح ڪري چڪا سردار محمد بخش مهر افتتاحي تقريب بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت پاران ٽنڊوڄام جي زرعي تحقيقي مرڪز ۾ جديد زرعي تحقيقي ليبارٽريون قائم ڪيون ويون آهن جتي ڪيلي جي پاناما ولٽ بيماري جي تشخيص ۽ اسپيڊ بريڊنگ ٽيڪنالاجي ذريعي موسمياتي تبديلين کي برداشت ڪندڙ ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ جنسن جون نيون قسمون تيار ڪيون وينديون هن چيو ته انهن ليبارٽرين جو قيام صوبي ۾ زرعي تحقيق کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي. هن چيو ته ڪڻڪ جي وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ۽ موسمياتي تبديلين کي برداشت ڪندڙ نيون جنسون جلد منظوري لاءِ پيش ڪيون وينديون جڏهن ته اسپيڊ بريڊنگ ٽيڪنالاجي ذريعي انهن جي تياري جو عمل به تيز ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ڪيلي جي پاناما ولٽ بيماري تي ضابطو آڻڻ لاءِ جديد تحقيقي منصوبو پڻ شروع ڪيو ويو آهي. سردار محمد بخش مهر چيو ته جلالپور ڪينال بين الصوبائي معاملو آهي. ۽ موسمياتي تبديلي اڄ ان کان به وڏو چئلينج آهي. مستقبل ۾ پاڻي جي کوٽ اڃا وڌڻ جو امڪان آهي تنهن ڪري پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ واٽر مئنيجمينٽ تي سنجيدگي سان ڪم ڪرڻو پوندو هن چيو ته سنڌ حڪومت زرعي تحقيق جديد ٽيڪنالاجي ۽ تحقيقي ادارن جي جديدڪاري لاءِ اڻٿڪ ڪم ڪري رهي آهي. جڏهن ته هارين جي معاشي حالت بهتر بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل زرعي تحقيق صوبائي وزير کي زرعي تحقيق کاتي جي ڪارڪردگي ۽ جاري تحقيقي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

**بقايا 10 روزاني عبرت**

هلندڙ تحريڪ جي سلسلي ۾ خيرپور ۾ پريس ڪلب ڪان ڊپٽي ڪمشنر آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ايس ٽي پي جي ضلعي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ همدردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا غير قانوني رهندڙ ڌارين جي نيڪالي جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ايس ٽي پي جي وفد سان ملاقات ڪئي ۽ وفد ۾ ايس ٽي پي ضلعي صدر سعيد احمد جتوئي، نائب صدر امداد پيس جنرل سيڪريٽري ولي محمد مستوئي ۽ ٻيا اڳواڻ شامل هئا. جن ڊپٽي ڪمشنر کي مطالبن تي ٻڌل يادداشت نامو پيش ڪيو. مظاهري کي خطاب ڪندي ايس ٽي پي اڳواڻن چيو ته وفاقي حڪومت ملڪ ۾ رهندڙ افغان پناهگيرن جي مرحليوار وطن واپسي بابت واضح پاليسي جو اعلان ڪري چڪي آهي جنهن تي ملڪ جي مختلف صوبن ۾ عملدرآمد پڻ جاري آهي پر سنڌ ۾ ان پاليسي تي مڪمل ۽ مؤثر نموني عمل نه ٿيڻ سبب عوام ۾ بيچيني پيدا ٿي رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته وفاقي حڪومت جي پاليسي تحت سنڌ ۾ به بنا ڪنهن امتياز جي شفاف منصفاڻي ۽ مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ غير قانوني رهندڙ ڌارين جي موجودگي سبب ڪيترائي سماجي معاشي ۽ انتظامي مسئلا جنم وٺي رهيا آهن تنهن ڪري غير قانوني طور رهندڙ سمورن ڌارين جي سڃاڻپ ڪري قانون موجب سندن نيڪالي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ايس ٽي پي جي وفد کي يقين ڏياريو ته ضلعي انتظاميا قانون ۽ حڪومتي پاليسي موجب ڪارروائي ڪندي ضلعي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين ۽ ٻين ڌارين جي سڃاڻپ جو عمل تيز ڪيو ويندو ۽ لاڳاپيل ادارن جي سهڪار سان جلد کان جلد ڪين قانوني ڪارروائي بعد ملڪ بدر ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

**بقايا 11 روزاني عبرت**

موجب بدين ضلعي ۾ وڌندڙ منشيات چورين ڦرن ۽ بدامني خلاف سومرا برادري طرفان 17 هين جولائي هزارين ماڻهن جي احتجاج باوجود ڏوهن ۾ ڪا ڪمي نه اچڻ پوليس طرفان ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن خلاف جوڳي ڪارروائي نه ٿيڻ خلاف سومرا برادري ۽ شهرين پاران هڪ ڀيرو ٻيهر احتجاج جو اعلان ڪيو ويو آهي ان ڏس بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پروفيسر عبدالمنان سومرو ڊاڪٽر عبدالرزاق سومرو عمران سومرو عبدالحنان سومرو ۽ محبوب سومرو چيو ته پوليس پنهنجي ذميوارين نڀائڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي جڏهن ته چونڊيل نمائندا ۾ خاموش تماشائي بڻيل آهن هنن چيو ته سندن ڪنهن به سياسي جماعت سان واسطو ناهي ۽ سندن تحريڪ رڳو بدين کي امن جو ضلعو بڻائڻ لاءِ آهي سندن چوڻ هو ته پوليس تي سياسي اثر رسوخ موجود آهي جنهن سبب منشيات ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث عنصرن خلاف اثرائتي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي جڏهن ته عام شهرين کي نشانو بڻايو وڃي ٿو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته بدين ۾ امن امان جي بحالي رڳو سندن نه پر هر شهري جو گڏيل مسئلو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هنن دعويٰ ڪئي ته پوليس مقابلن ۾ صرف عام ماڻهن کي نشانو بڻايو وڃي ٿو جڏهن ته بااثر ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪان پاسو ڪيو ويو آهي هنن ٻڌايو ته بدين جا وڪيل واپاري مختلف سماجي ڌريون به ڏوهن جي خاتمي لاءِ سندن رابطي ۾ آهن سندن چوڻ هو ته هو سدائين سان گڏ پائيبيجاري ۽ محبت جا داعي رهيا آهن پر ڪين بار بار نشانو بڻايو ويو اڳواڻن چيو ته هو ڪان اڳ ايس ايس پي سان به ملاقات ڪري چڪا آهن جنهن ڪين ٻڌايو ويو ته پوليس تي سياسي دٻاءُ موجود آهي هنن اميد ظاهر ڪئي ته بدين جا شهري سندن تحريڪ ۾ ڀرپور ساٿ ڏيندا ۽ گڏيل ڪوشش سان ضلعي کي ڏوهن کان پاڪ بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيندا پريس ڪانفرنس جي پڄاڻي تي هنن بدين واسين کي اپيل ڪئي ته ضلع سان ڏوهن جي خاتمي لاءِ 7 آگسٽ کان بک هڙتال ذريعي تحريڪ جو حصو بڻجي هي جدوجهد ڪنهن ذاتي مفاد لاءِ نه پر هر ننڍي وڏي شهري جي بنيادي حقن ۽ پرامن سماج جي قيام لاءِ آهي هنن اهو به چيو ته حڪمران جماعت جا ڪيترائي اڳواڻ به بدامني ۽ منشيات جي خاتمي بابت آواز اٿاري رهيا آهن تنهن ڪري هاڻي عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

**بقايا 12 روزاني عبرت**

موقعي تي متاثرن صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته هنن سونارن اسان کان 24 گريٽ سون جي قيمت وصول ڪرڻ باوجود ڪين 12 ۽ 16 گريٽ جا سون جا زيور تيار ڪري ڏنا جنهن سان سندن لکين روپين جو نقصان ٿيو آهن چيو ته اسان غريب ماڻهو آهن ۽ ريو ريو گڏ ڪري سون جا زيور ٺهرائڻ لاءِ سونارن کي رقم ادا ڪئي پر ڪين جي دوکو ڏئي گهٽ معيار جا زيور ڏنا ويا. نصرالله ۽ عاشق حسين هنگورو ٻڌايو ته اسان تقريبن ساڍا ست لک روپين جا سون جا زيور ٺهرايا هئا، جيڪي بعد ۾ جاچ دوران مبينا طور گهٽ گريٽ جا نڪتا. ان بعد اسان سونارن سان رابطو ڪيو ۽ پنهنجو مسئلو ٻڌايو ۽ ڪين حل ڪرڻ بدران هو اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن متاثرن وڌيڪ چيو ته اهي سونارا روزانو سادن ماڻهن سان اهڙي قسم جون ٺڳيون ڪري رهيا آهن. جنهن سبب ڪيترائي شهرين مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو هنن اعلي اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته ان معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي سندن ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ۽ عوام کي اهڙين مبينا ٺڳين کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته ڪين مالي نقصان کان بچايو وڃي

**بقايا 13 روزاني عبرت**

ڪيو ويو جي ٻنهي ڄڻن سجاد ذوالفقار ميمڻ ۽ عزيز الله ڪورائي کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي جڏهن ته اهڙي اطلاع تي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو نعيم وسطڙو فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي وارن کي گڏجي الزام هيٺ اينڊز هوٽل تي ڪارروائي ڪندي هوٽل هلائيندڙ تي 20 هزار رپيا ڏنڊ هڻي سيل ڪيو ويو جڏهن ته پرسان موجود هوٽل تي پڻ ڪارروائي ڪندي 20 هزار رپيا ڏنڊ هنيو ويو ڪارروائي دوران هوٽل مالڪن ۽ شهرين جي شڪايت تي ڪيميڪل ملاوٽ ڪري کير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي ۽ هزارين رپيا ڏنڊ وصول ڪيو ويو ۽ سختي سان هدايت ڪئي وئي ته ڪيميڪل ملاوٽ ڪري کير چانهه يا ڪا به شئي وڪرو نه ڪئي وڃي ٻي صورت سخت ڪارروائي ڪندي ڪين دڪان سيل ڪيا ويندا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو نعيم وسطڙو چيو ته اسان ملندڙ شڪايتن تي ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي آهي جنهن هوٽل خلاف شڪايت ٿي ۽ يوريا ملاوٽ جو انڪشاف ٿيو ان کي ڏنڊ هڻي سيل ڪيو ويو آهي ۽ ٻين هوٽلن تي پڻ ڏنڊ هنيو ويو آهي اسان انساني صحت لاءِ نقصانڪار شين وڪرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ان ۾ ڪير به ذميوار هجي ياد رهي ته مورو سب ڊويزن اندر مختلف هنڌن ڪير هلائيندڙ سر عام ڪيميڪل واري کير استعمال ڪري انسان جانين سان کيڏي رهيا آهن مورو انتظاميا انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي جيڪي هوٽلون شهر اندر ٽوڙي باهر باءِ پاس تي قائم آهن انهن خلاف ڪارروائي ڪير ڪندا

**بقايا 14 روزاني عبرت**

علي سلي، اويس لغاري، غلام حسين آباد گار ڪيمپي جي اڳواڻ امجد علي گاڏهي قومي عوامي تحريڪ ضلع دادو جي صدر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته نارا ڊسٽري جي پوڇڙي ۾ پاڻي جي سخت اڻاٺ جو خطي جي زراعت ۽ مقامي ماڻهن جي جيابي وارو مسئلو آهي رائيس ڪينال جي نارا ڊسٽري، پيجاهو شاخ، قالرو شاخ ۽ انهن سان نڪرندڙ 50 کان وڌيڪ واهن ۾ پاڻي جي سخت کوٽ سبب هزارين ايڪڙن لاءِ پوکيل بيجارو سوڪي سڪي رهيو آهي جنهن سبب هزارين ايڪڙ زمين بنجر بنجي ويندي معاشي بدحالي، پاڻيءَ جي اڻهوند سبب هاري ۽ آبادگار هٿين خالي ٿي ويا آهن جنهن جي نتيجي ۾ سوين خاندان فاقاڪشي ۽ سخت معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن

**بقايا 15 روزاني عبرت**

وڃن ٿيون جن ۾ اصيل ڪرياڻين، فصيلي بيگم جنگي ڪڪي مرزاٽي ۽ ٻيون ڪيترين ئي مشهور قسمون شامل آهن خيرپور جي کجور نه رڳو پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ وڏي شوق سان استعمال ڪئي ويندي آهي پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ڏانهن به برآمد ڪئي وڃي ٿي، جنهن سان ملڪ کي اربين رپين جو پرڏيهي ناڻو حاصل ٿئي ٿو ۽ هزارين ماڻهن جو روزگار هن صنعت سان وابسته آهي. هر سال کجور جي موسم شروع ٿيندي ئي خيرپور جي باغن ۾ کجور لاهڻ جو سلسلو زور شور سان جاري رهي ٿو مزدور وڏي احتياط سان وڻن تان کجور جا ڇڳا لاهين ٿا، جيئن ميوي کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچي ان ڪان پوءِ کجور کي پروسيسنگ سينٽرن ۽ ڪارخانن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ٿو جتي ان جي صفائي، چونڊ ۽ تياري جو عمل شروع ٿئي ٿو کجور کي سڀ کان پهرين صاف پاڻي سان ڌوئي، ريت ڌوڙ ۽ مٽي ۽ ٻيون غير ضروري شيون ختم ڪيون وڃن ٿيون ان کان پوءِ وڏي ديگ ۾ پاڻي ۾ ڪاڙهي ۽ مناسب گرمي پد تي پچايو وڃي ٿو جيئن کجور جي رنگت، نرمي ۽ معيار ۾ بهتري اچي جديد ڪارخانن ۾ رڳو خوراڪ لاءِ منظور ٿيل (فوڊ گريڊ) اجزا استعمال ڪيا وڃن ٿا، جيئن کجور محفوظ ۽ اعلي معيار جي رهي

**بقايا 16 روزاني عبرت**

تعلق آهي هن آبادگارن کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي پيداوار سڌيءَ ريت خيرپور جي سرڪاري کجور مارڪيٽ ۾ آڻين، جيئن ڪين مناسب اگهه ملي سگهي هن حڪومت پاڪستان ۽ حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته کجور جي صنعت، جديد پروسيسنگ، عالمي معيار جي پيڪنگ، ڪولڊ اسٽوريج ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن جيئن آبادگارن، واپارين ۽ مزدورن کي وڌيڪ فائدو حاصل ٿئي هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ خيرپور جي کجور جو وڏو حصو ٻاهرين مارڪيٽن تائين پهچندو هو پر موجوده واپاري حالتن سبب اهو سلسلو متاثر ٿيو آهي حڪومت کي گهرجي ته نيون عالمي مارڪيٽون ڳولي ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ مؤثر پاليسيون جوڙي زرعي ماهرن موجب جيڪڏهن جديد زرعي ٽيڪنالاجي، عالمي معيار جي پيڪنگ، فوڊ سيفٽي، ويليو ايڊيشن ۽ برآمدي سهولتن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ته خيرپور جي کجور عالمي مارڪيٽ ۾ وڌيڪ نمايان حيثيت حاصل ڪري سگهي ٿي

**بقايا 17 روزاني عبرت**

پوي ٿي آبپاشي پاڻ وڻن جي سار سنڀال ۽ ٻين خرچن کان پوءِ جيڪڏهن برسات پئجي وڃي ته فصل کي وڏو نقصان پهچي ٿو ان هوندي ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪين مارڪيٽ ۾ مناسب اگهه نٿو ملي

**بقايا 18 روزاني عبرت**

مارڪيٽ کي ايشيا جي وڏين کجور مارڪيٽن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو جتي سنڌ، بلوچستان پنجاب ۽ ملڪ جي ٻين علائقن کان واپاري خريداري لاءِ اچن ٿا. ان سان گڏ جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ٺل ۽ ٻين علائقن کان هزارين مزدور ۾ هتي اچي روزگار حاصل ڪن ٿا. مزدورن جو چوڻ آهي ته کجور جي موسم سندن لاءِ روزگار جو اهم ذريعو آهي جنهن سان هو پنهنجن گهرن جي خرچن کي پورو ڪن ٿا

**بقايا 19 روزاني عبرت**

هنڌن تي سج جي روشني يا جديد ڊرائيرن ذريعي سڪايو وڃي ٿو جڏهن کجور مڪمل تيار ٿي وڃي ٿي ته ان جي ٻيهر چنڊڇاڻ ڪئي وڃي ٿي ۽ مختلف سائيزن جي الڳ الڳ ڪيو وڃي ٿو بعد ۾ ان مان ڇوهارا تيار ڪيا وڃن ٿا ۽ جديد مشينن ذريعي مختلف وزن جا پيڪٽ تيار ڪري ملڪ جي مختلف شهرن ۽ پرڏيهي مارڪيٽن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا

**بقايا 20 روزاني عبرت**

عبدالحميد سومرو اسپتال اندر احتجاج ڪيو ان موقعي تي آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهائيندي عبدالحميد سومرو چيو ته هو پنهنجي گهرڀاتين کي علاج لاءِ اسپتال وٺي آيو پر هتي مريضن سان مناسب رويو اختيار نه ڪيو ويو هن چيو ته سندس چوڻ موجب عورت مريضن کي ڪن ڪلاڪن تائين قطارن ۾ بيهاريو وڃي ٿو جنهن سبب سخت گرمي ۽ حبس ۾ ڪيترين ئي عورتن جي حالت خراب ٿي وڃي ٿي هن الزام هنيو ته اسپتال ۾ اينٽي ڪينسر جي مريضن کي سرڪاري دوائون به فراهم نه ٿيون ڪيون وڃن. جنهن ڪري غريب مريض ٻاهرين نجي ميڊيڪل اسٽورن تان مهانگيون دوائون خريد ڪرڻ تي مجبور آهن هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته سرڪاري دوائون نجي ميڊيڪل اسٽورن تي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون جنهن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي عبدالحميد سومرو چيو ته اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ (ايم ايس) ۽ لاڳاپيل انتظاميا بار بار شڪايتن باوجود مريضن جي مسئلن ڏانهن ڌيان نه ٿي ڏئي رهي آهي جنهن سبب عوام ۾ سخت بيچيني ۽ مايوسي پکڙيل آهي هن سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ علاج، دوائن ۽ ٻين طبي سهولتن جي فوري فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي جيئن مريضن کي وڌيڪ تڪليفن کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن ڪن ڏينهن اندر اسپتال جي انتظاميا مريضن کي بهتر علاج ۽ دوائون ۽ گهربل سهولتون فراهم نه ڪيون ته ايس ٽي پي ضلع دادو جي سڏ تي پهرين آگسٽ کان تعلقي اسپتال ميهڙ اندر احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

**بقايا 21 روزاني عبرت**

ڪوڙي اسٽور ۾ پيل رقم ۽ پسٽل چوري ڪيا ويا ۽ اسان ان سلسلي ۾ چيلهار پوليس کي آگاهه ڪيو ۽ لکت ۾ درخواست پڻ ڏني اُن وقت جو ايس ايڇ او اصغر قائمخاني اسانکي ٿلها آسرا ڏيندو رهيو ۽ ڪو تدارڪ نه ڪيو ان بعد هو اڳوڻو ايس ايڇ او ڪجهه ڏينهن اڳ بدلي ٿي ويو ته اسان نئين آيل ايس ايڇ او کي پڻ ساڳي ماجرا ٻڌائي پر هي ۾ آسرا ڏيئي رهيو آهي ۽ اسين نيٺ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهيون اسين ايس ايس پي ٿرپارڪر عربي ايس پي ملي ڪان مطالبو ٿا ڪريون ته اسانجو چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ اسين مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪنداسين.

**بقايا 22 روزاني عبرت**

جي گهر معان چڙهائي ڪري جوابدار ڌر جي هر هڪ ڪرم بوڙائو- شاهزين بوڙائو- مبين بوڙائو ۽ عامر ميمڻ لٺين ۽ سرين جو استعمال ڪري علي رضا بوڙائو- امن بوڙائو ۽ عبدالغفار بوڙائو کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي جي رڪارڊنگ ڪندڙ عورتن جي گارگند ڪندي ڪانئن موبائل فون پڻ کسي ويا - واقعي بابت زخمي علي رضا بوڙائو جي مامو قاسم بوڙائو احتجاج لاءِ ٻيهر هالا پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو احتجاج ڪندي چيو ته جوابدارن پنهنجي ويجهي رشتيدار اڳوڻي ميونسپل ملازم عبدالحڪيم پنهور جي اڳوائيءَ ۾ گهر مٿان حملو ڪري اسان جي ڪن مردن کي زخمي ڪيو آهي جڏهن ته زخمين کي علاج لاءِ ٿاڻي تان ليٽر وٺي اسپتال سان علاج ڪرائي جوابدارن معان ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پر ان جي باوجود ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي هن الزام هنيو ته هالا پوليس جوابدار ڌر جي ونگارو بڻيل آهي جنهن ڪري ڪين انصاف نه ٿو ملي. هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري سندن جائز مسئلو حل ڪرايو وڃي

**بقايا 23 روزاني عبرت**

پوليس اهلڪار نور علي لاکو ۽ رفيق اڄڻ هڪ لک جي مچلڪي عيوض ضمانت منظور ڪري ڇڏي آهي 10 مهينا اڳ مبينا طور پيتي جي پرچي ڏيڻ جي الزام ۾ مبينا طور گرفتار ٿيل استاد جامر عزيز جکرو مبينا طور شهدادپور ٿاڻي اندر فوت ٿي ويو هو جنهن بعد وارثن جي احتجاج ۽ هالا لڳ قومي شاهراهه بلاڪ ڪرڻ بعد واقعي جي جاچ ايف آءِ اي شهيد بينظير آباد حوالي ڪئي وئي هئي جنهن بعد ايس ايڇ او غلام شبير دلوائي سميت 10 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو هو. ان ڪيس ۾ ٻن جوابدارن اڳوڻي ايس ايڇ او غلام شبير دلوائي ۽ اي ايس آءِ تنوير جت جي هاءِ ڪورٽ ميرپورخاص اڳ ۾ ئي پڪي ضمانت منظور ڪري ڇڏي آهي.ساڳئي ڪيس ۾ پنج جوابدارن مختيار راجپوت، نور علي لاکو رفيق اڄڻ الهيجايو پنهور ۽ گل شير چانڊيو- هن وقت سانگهڙ جيل ۾ قيد آهن جن جي هائي ڪورٽ مير پور خاص ضمانت منظور ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ٻي جوابدار محرم زرداري گل محمد عرف گلو زرداري ۽ اسان الله ساند اڃا تائين روپوش آهن ان سلسلي ۾ فريادي موجب ته سب انسپيڪٽر گلشير چانڊيو وڏي منشي مختيار راجپوت ۽ پوليس اهلڪار الهيجاءِ پنهور ڪيس ۾ سهڪار ڪيو جنهن سبب انهن جي ضمانت واري درخواست تي نو آبجيڪشن هنيو سين باقي نور لاکو رفيق اڄڻ ڪيس ۾ شامل آهن

**بقايا 24 روزاني عبرت**

ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي عوامي ورڪرز پارٽي صوبائي صدر قاضي علي نواز نظاماڻي اظهر پٺاڻ صحافي اسلم آزاد خاصخيلي جي اڳوائي ۾ ڪامريڊ داد علي ٻخش شيدي جي آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي وئي

**بقايا 25 روزاني عبرت**

ڪاڪبهيار رحم علي ۽ مخالف ڌر سندن مائيٽاڻي ملڪيت ٽن سروي نمبرن تي قبضو ڪري ويٺي آهي.

**بقايا 26 روزاني عبرت**

جي اڳواڻي ۾ ڪاري سائي جهڙي خاموش قاتل بيماري کان بچاءَ لاءِ ڊي ايڇ او آفيس کان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊي ايڇ او ۽ سميت ٻين جو چوڻ هو ته هن بيماري کان بچاءُ جو واحد حل احتياط ۽ بروقت علاج آهي سندن وڌيڪ چوڻ هو ته هن بيماري ۾ واڌ جو وڏو سبب عطائي ڊاڪٽرحجام آهن سندن چوڻ هو ته جاڳرتا ريلي جو مقصد عام ماڻهن ۾ هيپاٽائيٽس (ڪاري سائي / ڪامڻ) جهڙي موذي مرض کان بچاءَ ان جي سڀني ۽ بروقت علاج بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي هنن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي صحت جو خيال رکن بروقت ٽيسٽون ڪرائين ۽ ويڪسينيشن ذريعي پاڻ کي ۽ پنهنجي خاندان کي هن موذي مرض کان محفوظ رکن جاڳرتا ريلي ۾ ڊي ايڇ او آفيس جي عملدارن، آفيسرن ۽ هيلٿ ايڇ او جي ڊي ايس او سميت صحت کاتي جي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

**بقايا 27 روزاني عبرت**

بين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي الزام هنيو ته سندن سروي نمبر 126 ۽ 47 واري زرعي زمين تي ڏڪرار هلندڙ آهي.

**بقايا 28 روزاني عبرت**

انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڳوٺ ڪرم خان شورو حيدرآباد جي رهواسي بيواهه گلان زال مرحوم نذر علي ملاح پنهنجي پٽ مشتاق ملاح سان گڏ سنڌ پريس ڪلب ڄامشورو اڳيان ڪوڙئي ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته سندس مرحوم مڙس جي ملڪيت تي ڏيرن مبينا طور ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته حق گهرڻ تي سندس پٽ تي بار بار حملا ڪيا پيا وڃن

**بقايا 29 روزاني عبرت**

۽ مختلف برادرين جي معززين تي مشتمل هڪ وڏو مير منٽ قافلو مٽاري ڌر وٽ پهتو جتي صلح ۽ پائيچاري جي ماحول ۾ ڳالهيون ڪيون ويون مير منٽ قافلي جي اڳواڻي سيد احمد علي بخاري، سيد جمن شاهه ۽ سيد زين علي شاهه ڪئي جڏهن ته اڳوڻي ايم پي اي مرحوم نعيم احمد ڪرل جي پاٽي علي حيدر خان ڪرل سيٺ بشير احمد چڌ عبدالغفور ممٿاڻي وڏيرو حمزه علي پاڳيٽ، وڏيرو پيارو خان لڪ صحافي قادر بخش پنهور فدا عباسي، وحيد علي لڪ ۽ مختلف برادرين جي معززن سياسي سماجي ۽ صحافتي شخصيتن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي مير منٽ قافلي جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڊگهه عرصي کان جاري دشمني ڪيترن ئي خاندانن کي متاثر ڪيو آهي تنهن ڪري وقت جي اهم ضرورت آهي ته اختلاف ختم ڪري امن پائيچاري ۽ محبت جي فضا قائم ڪئي وڃي. هنن ڌرين تي زور ڏنو ته هو وڏن جي ڳالهه مڃي صلح طرف ايڪي وڌن ته جيئن ايندڙ نسلن کي خونريزي ۽ دشمني کان بچائي سگهجي

**بقايا 30 روزاني عبرت**

عزا کي علماءِ ڪرام خطاب ڪري رهيا آهن

**بقايا 31 روزاني عبرت**

مقصد هيپاٽائيٽس جهڙي موذي بيماري بابت عوام ۾ آگاهي ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ آهي _ ڊاڪٽر خالد ميمڻ ڏهاڙي جي مناسبت سان ٻڌايو ته هيپاٽائيٽس هن وقت ڪورو ڪانيو ٻي خطرناڪ ۽ موتمار بيماري آهي _

**بقايا 32 روزاني عبرت**

پيرپاسي وارن علائقن ۾ غيرقانوني حدخلين خلاف وڏي پيماني تي ڪارروائي ڪئي ڪارروائي دوران اسپتال جي مين گيٽ ۽ روڊ تي قائم غيرقانوني ڪيبنن ٿلهن ۽ ريڙها هٽايا ويا.

**بقايا 33 روزاني عبرت**

شهر جي اسٽريٽ لائٽ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي سهولت پهچائڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويا آهن جنهن سان شهر ين جا مڪيه مسئلا حل ٿي ويندا ٻي طرف پير محمد صالح قريشي بدين جي سماجي واپاري اڳواڻ محمد نديم مغل جي رهائش گاهه تي پهچي سندس پاڻيٽي جي وفات تي تعزيت ڪئي هن موقعي تي فوڪل پرسن عبدالڪريم گدو اڊيجو انيس ميمڻ مرتضي نديم مغل ۽ ٻيا اڳواڻ ۽ صحافي موجود هئا

**بقايا 34 روزاني عبرت**

آرائين جي لاش جي ڳولا لاءِ ريسڪيو 1122 ڳهرائي ويو جيڪي گذريل ڏينهن ڪجهه ڪلاڪن بعد اونداهي جو جواز ڄاڻائي واپس ويا صبح جو ٻيهر 1122 ريسڪيو ۽ مقامي ماڻهن لاش جي ڳولا شروع ڪئي

**بقايا 35 روزاني عبرت**

ته لاش جي سڃاڻپ ڳوٺ راهو مشاخ واسي 45 سالا ڪيسريو پيل طور ٿي آهي پوليس موجب لاش کي سول اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جانچ ڪئي رهيا آهيون ته واقعو ڪيئن پيش آيو وارثن موجب اسان جي ڪنهن سان به دشمني نه آهي اسان کي خبر ناهي ته هن ڇو خودڪشي ڪئي آهي فوتي شادي شده ۽ پنج نياڻين جو پيءُ هو پوليس کي گهرجي ته انڪوائري ڪري جيئن ساسري جي خبر پئجي سگهي

**بقايا 36 روزاني عبرت**

حالت ۾ لاڙڪاڻي ايمرجنسي وارڊ کٺي وياسين پر اتي نه ڪو ڊيوٽي ڊاڪٽر موجود هو ۽ نه ئي علاج لاءِ عملو مليس ته ڪلاڪ علاج لاءِ منٿون ڪندا رهياسين علاج بجاءِ معصوم ٻارڙن جا لاش ڏنا ويا.

**بقايا 37 روزاني عبرت**

ته لاش جي منهن تي ڌڪن جا نشان ۽ رت لڳل صاف ڏسي سگهجي ٿو ٻئي طرف ڪوٽڙي جي سنڌو درياءَ ڪناري آباد شو مندر ويجهو هڪ نامعلوم الجاثل شخص جو لاش هٿ آيو رهواسين جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال موڪليو.

**بقايا 38 روزاني عبرت**

ٿيڻ بعد تعلق اسپتال خانپورمهر منتقل ڪيو ويو جتي ڪين طبي امداد فراهم ڪئي وئي زخمي ڌر اسپتال ٻاهران احتجاج ڪندي الزام هنيو ته نهال الدين ملڪ فرمان شعبان معشوق ۽ ٻين سندن معان حملو ڪري لٺين ۽ ڪهاڙين سان وار ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ چار ڄڻا زخمي ٿيا احتجاج ڪندڙن موجب جوابدارن سندن بيٺل فصل ۾ چوپايو مال ڇڏيو جڏهن ڪين روڪيو ويو ته هنن حملو ڪري ڪين زخمي ڪري ڇڏيو زخمي ڌر جو چوڻ آهي ته واقعي بابت خانپورمهر ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي. جڏهن ته پوليس کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي...

**بقايا 39 روزاني عبرت**

سبب شهرين ۾ عدم تحفظ جي فضا پيدا ٿي وئي آهي گذريل رات نامعلوم چورن ڏڦيجي ميرواهه روڊ تي واقع لنڪيش هريش جي ريزڪي دڪان جو شٽر ٽوڙي دڪان ۾ موجود سامان ۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا

**بقايا 40 روزاني عبرت**

تي ڏرتو قتل ڪيس داخل تفصيل موجب ميرپورساڪرو شهر جي باءِ پاس تي ٽرانسفارمرن جي مستري ڳوٺ حسين خان ڪولاچي جي رهواسي ذوالفقار ڪولاچي کي موٽرسائيڪل تي سوار هٿيار بند ڳوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

**بقايا 41 روزاني عبرت**

موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هوس ته ٻيروڙا لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار جوابدارن اڪبر رند نورمحمد رند بابو رند عمران پٽي ۽ هڪ اڻڄاتل روڪي هيٺ لاهي پٽ فيض محمد کي ڳوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا هن ڄاڻايو ته جوابدارن سرفراز پٽي ۽ احمد رند جي چرچ تي حملو ڪيو جن کي به ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو آهي واضح رهي ته سرفراز پٽي ۽ سومرا برادري جي ڌرين ۾ ڪافي سالن کان زمين جي ماسري تان تڪرار هلندڙ آهي مقتول فيض محمد سومرو جو قتل جوالزام پڻ سرفراز پٽي ڌر تي آهي.

**بقايا 42 روزاني عبرت**

۽ ايم ايس ڊاڪٽر غلام علي سمون ۽ ٻين شرڪت ڪئي

**بقايا 43 روزاني عبرت**

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته جوابدارن جي ڳولا جاري آهي: روهڙي ڪان سامان پهچائي موٽندڙ نوجوان ڦورن جي فائرنگ ۾ قتل تفصيلن مطابق زاهد جتوئي (ٽوٽ) نالي نوجوان ٽنڊي ۾ پنهنجي گڏي تي سامان پهچائي موٽرسائيڪل تي پنهنجي گهر سانگهي ڏانهن واپس موٽي رهيو هو جنهن کي رستي ۾ ڪلر ڳوٺ ويجهو فاطمه فارم وٽ ڦورن ڪيس بيهڻ جو اشارو ڪيو بيهڻ کان انڪار ڪرڻ تي ڦورن سڌي فائرنگ ڪري ڇڏي، جنهن سبب ڳولي لڳڻ سبب زاهد جتوئي شديد زخمي ٿي پيو ۽ بعد ۾ دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو هادي بخش جاڳيراڻي جي ڳوٺ ۾ پيرا

**بقايا 44 روزاني عبرت**

ٽي جوابدار گرفتار ڪري ورتا آهن. پوليس موجب گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ امام دين انيڙ نظام دين انيڙ ۽ گليشير انيڙ شامل آهن جن کي حراست ۾ وٺي جاچ جاري رکي وئي آهي.ياد رهي ته پناهه خاتون کي مبينا طور ڪاروڪاري جي الزام هيٺ هٿيارن سان بي رحمي سان قتل ڪيو ويو هو جنهن بعد پوليس ڪيس داخل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي،پوليس جو چوڻ آهي ته ڪيس جي جاچ جاري آهي ۽ واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن خلاف پڻ قانون موجب ڪارروائي ڪئي پئي وڃي،،

**بقايا 45 روزاني عبرت**

شامل آهن جڏهن ته ٻي ڌر جا پڻ 4 ڄڻا زخمي ٿي جن ۾ سيزخمين ۾ امير بخش آرائين ،فقير محمد آرائين الهيجايو آرائين ۽ قمر آرائين شامل اهڙي اطلاع تي ڳلاب لغاري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي علاج لاءِ ليٽر جاري ڪيا جڏهن بعد وارثن پاران زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي

**بقايا 46 روزاني عبرت**

اسٽاف ۽ ٻين عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ هيپاٽائيٽس کان بچاءَ بابت شعوري بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا. جڏهن ته شهرين کي احتياطي تدبيرن بابت آگاهه ڪيو ويو ان موقعي تي ضلعي صحت آفيسر (ڊي ايڇ او) بدين ڊاڪٽر زاهد سولنگي، ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو، ڊاڪٽر ذوالفقار جمالي ۽ ڊاڪٽر عباس شاهه خطاب ڪندي چيو ته هيپاٽائيٽس هڪ خطرناڪ پر مڪمل طور قابل علاج مرض آهي جنهن جي بروقت سڃاڻپ، اسڪريننگ، علاج ۽ احتياطي قدمن سان ان تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو

**بقايا 47 روزاني عبرت**

جي منشيات هٿ ڪري ورتي. ڪوٽڙي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ريتي جي ڊمپر جي تلاشي ورتي، جنهن مان دوران تلاشي وڏي مقدار ۾ منشيات برآمد ڪري ورتي، منشيات جي ماليت 50 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي پوليس منشيات پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جنهن جا في الحال نالا راز ۾ رکيا ويا آهن بعد ۾ انهن ٻڌن کي منظر عام تي آندو ويندو جڏهن ته پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري آهي

**بقايا 48 روزاني عبرت**

لڳي ويئي انتظاميا ۾ ٽرڦلو. ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي بيٺل ٽرين جيڪا ڪراچي طرف وڃي رهي هئي ٽرين جي انجڻ کي اوچتو باهه لڳڻ سبب اسٽيشن انتظاميا ۾ ٽرڦلو مچي ويو ماڻهن ۾ ڀاڄ خوف سبب ٽرين مان ٽپا ڏئي لهي ويا موقعي تي موجود ماڻهن جو چوڻ هو ته انجڻ مان اوچتو دونهين نڪرڻ شروع ٿيو جيڪو وڌي وڃڻ ڪان پوءِ انجڻ ۾ باهه نڪرڻ شروع ٿي وئي خوف سبب سڄي ٽرين جا مسافر لهي پيا ماڻهن ۾ ڀاڄ ۽ رڙيون پئجي ويون هنن چيو ته ريلوي عملي هنگامي ڪارروائي ڪندي فوري طور صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ قدم کنيا ۽ باهه تي ضابطو آندو جنهن کان پوءِ مسافرن کي روانو ڪيو ويو. ٻئي طرف واقعي سبب ڪجهه وقت لاءِ اسٽيشن تي خوف ۽ هراس واري صورتحال رهي

**بقايا 49 روزاني عبرت**

شفيق ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن اظهار سومرو پاران پنهنجي ٽيم سان گڏ مختلف زرعي ٻج جي دڪانن تي ڇاپا هنيا ڇاپن دوران مبينا طور ڪيترائي واپاري دڪان بند ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن ته ڪروڙاهه روڊ تي قائم سيٺ دليپ ديوان جي دڪان کي انتظاميه سيل ڪري ڇڏيو

**بقايا 50 روزاني عبرت**

ڪيو ويو جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي واپڊا عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي

**بقايا 51 روزاني عبرت**

رهيا آڏو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا ميونسپل ڪاميٽي بولهڙي جي انتظاميا پاران سڄل سرمت ڪالوني ۾ پيئڻ جي پاڻي جي مسلسل عدم فراهمي خلاف علائقي واسين جو صبر جواب ڏئي ويو

**بقايا 52 روزاني عبرت**

ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي جيئن عوام کي جديد ۽ معياري سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ٻڌايو ته رهڙي جي مرڪزي شاهراهن جي تعمير ۽ ڏير روڊ جي وچ ۾ موجود وڻن ۽ تجاوزات سبب ٿي پڻ هاڻي اهي مسئلا حل ڪيا ويا آهن

**بقايا 53 روزاني عبرت**

مڙس پنهنجي ٻالڪن سميت موکي بلاجواز تشدد ڪندا رهن ٿا"هنن چيو ته مونکي تشدد ڪري ناجائز ويڊيو ٺاهي ڪري بليڪ ميل ڪندو رهي ٿو مان روز جي جهيڙي ڪان تمام تنگ ٿي چڪي آهيان پوليس کي گهرجي ته مڪمل جاچ ڪري جوابدار عبدالرحمان زمان عرفان نعمان ۽ ياسين قاضي کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

---

**Oil & Gas Development Company Limited**
ogdc the energy

## INVITATION TO E-BID
## THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

| SR # | TENDER NUMBER | DESCRIPTION | CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDC-SCM-LE-PT-ACC-329540241-2026 | ANNUAL REPORTS 2026 | 17.08.2026 AT 1130 HRS |
| 2. | OGDC-SCM-LH-PT-PnP-329528986-2026 | SPARES FOR CONTROL SYSTEM | 17.08.2026 AT 1130 HRS |
| 3. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-4219-329563229-2026 | CONSULTANCY SERVICES FOR THE DESIGN AND IMPROVEMENT OF NASHPA AND SINJHORO CAMPS | 20.08.2026 AT 1030 HRS |
| 4. | OGDC-SCM-FC-CB-PNP-329154342-2026 | PETROLEUM TESTING EQUIPMENT | 01.09.2026 AT 1100 HRS |

## EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **17.01.2026, 03.03.2026, 19.04.2026, 15.05.2026, 12.06.2026** and **08.07.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

| SR # | TENDER NUMBER | DESCRIPTION | REVISED CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDC-SCM-FD-CB-ECMP-323358628-2026 | MANPORTABLE RIGS | 12.08.2026 AT 1100 HRS |
| 2. | OGDC-SCM-FC-PROJ-KPD-PWDS-309306831-2026 | HIRING OF SERVICES OF ENGINEERING, PROCUREMENT, CONSTRUCTION & COMMISSIONING (EPCC) CONTRACTOR FOR PRODUCED WATER DISPOSAL SYSTEM AT TAY AND SONO/LASHARI FIELDS, HYDERABAD, SINDH PROVINCE | 13.08.2026 AT 1100 HRS |

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

**General Manager**
**(Supply Chain Management)**
**Oil & Gas Development Company Limited**
**OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,**
**Islamabad, Pakistan.**
**Tel: +92 (51) 920023652/3780**

ogdcl.com
No. 46/03

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ڀٽ شاهه: ڀٽ ڌڻي جي عرس جي حوالي سان درگاهه ۽ نگري جي چوڪن کي روشنين سان سينگاريو ويو آهي

# ڀٽ شاهه ۾ شاهه لطيف جي 283هين عرس مبارڪ جون تياريون مڪمل، ٽن ڏينهن وارين تقريبن جو افتتاح اڄ ٿيندو

## گورنر سنڌ نهال هاشمي درگاهه تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي عرس تقريبن جو افتتاح ڪندو

## ميلي ۾ ثقافتي ڳوٺ، سگهڙ ڪچهري، ملاڪڙو، گهوڙن جي ڊوڙ ۽ راڳ رنگ جون محفلون منعقد ٿينديون

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ دوران زائرين جي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي فورسز کي مقرر ڪيو ويو

ڀٽ شاهه (رپورٽ: مستقيم سمون) شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ٻه سو ٽياسي عرس مبارڪ جون ٽي روزا تقريبون چوڏنهن صفر اربع ڏينهن کان سنڌس آخري آرامگاهه ڀٽ شاهه ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ جي نجي تقريبن جو افتتاح

### سجاده نشين سيد مصطفيٰ شاهه مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري

### لطيف سائين سنڌ جو نه پر پوري دنيا جو آفاقي شاعر ولي بزرگ آهي: سجاده نشين

ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ جي نجي تقريبن جو افتتاح ڀٽائي جو قائم مقام سجاده نشين سيد مصطفيٰ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه: سيد مصطفيٰ شاهه ڀٽائي جي درگاهه تي چادر چاڙهي رهيو آهي

## عرس جي موقعي تي ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ حسيني قافلا ڪڍيا ويا

ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

## ڀٽائي جي ميلي ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زائرين پهچڻ شروع

ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

## ڀٽائي جي ميلي ۾ زائرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن: ڪمشنر حيدرآباد

ڀٽ شاهه: ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن فياض

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

# ٽنڊوڄام جي زرعي تحقيقي مرڪز ۾ جديد زرعي تحقيقي ليبارٽريون قائم ڪيون ويون آهن: محمد بخش مهر

## اسپيڊ بريڊنگ ٽيڪنالاجي ذريعي موسمياتي تبديلين کي برداشت ڪندڙ ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ڪڻڪ جون نيون جنسون تيار ڪيون وينديون

## انهن ليبارٽرين جو قيام صوبي ۾ زرعي تحقيق کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي

## زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر ٽنڊوڄام جي زرعي تحقيقاتي مرڪز ۾ قائم جديد زرعي تحقيقي ليبارٽرين جي افتتاح بعد خطاب

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر ٽنڊوڄام جي زرعي تحقيقاتي مرڪز ۾ قائم جديد زرعي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: صوبائي وزير محمد بخش مهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## خيرپور ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڌارين جي نيڪالي لاءِ احتجاجي ريلي

### ڪارڪنن سعيد احمد جتوئي، امداد پهور ولي محمد مستوئي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

### غير قانوني رهندڙ ڌارين کي سڃاڻپ ڪري قانون موجب نيڪالي لاءِ قدم کنيا وڃن

خيرپور(ڊ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) پاران سڄي سنڌ ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين ۽ ٻين ڌارين جي نيڪالي لاءِ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

## بدين ۾ بدامني خلاف سومرا برادري جو احتجاجي مظاهرو

### منشيات، چورين ۽ ڦرن تي ضابطو نه اچڻ خلاف پريس ڪانفرنس، پوليس تي ناڪامي جا الزام

### تحريڪ جو مقصد سياسي نه پر بدين کي امن جو ضلعو بڻائڻ آهي: اڳواڻ

بدين (ڊ ر) بدين ضلع ۾ بدامني سماجي برائين خلاف هڪ ڀيرو ٻيهر سومرا برادري ۽ شهرين طرفان احتجاج جو اعلان تفصيل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جا چونڊيل عهديدار حلف کڻي رهيا آهن

# ضلعي خيرپور جون سئو کان وڌيڪ قسمن جون کجون هزارين ماڻهن جو روزگار بڻيل

## ڪجين ۾ اصيل، ڪربلائين، فصيلي، بيگم جنگي، ڏکي، موزاتي ۽ ٻيون ڪيترين ئي قسمون شامل

## مزدور وڏي احتياط سان وڻن تان کجور جا ڇڳا لاهي پروسيسنگ سينٽرن ۽ ڪارخانن ڏانهن منتقل ڪن ٿا

گمبٽ (رپورٽرن: مريد حسين ڪانوري) سنڌ جي ضلعي خيرپور کي کجور جي پيداوار جو اهم مرڪز سمجهيو وڃي ٿو جتي سئو کان وڌيڪ قسمن جون کجورون پوکيون

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

## آبادگارن ۽ واپارين جو هڪ ٻئي سان چولي دامن وارو تعلق آهي: بشير آرائين

### آبادگارن سڌيءَ ريت مرڪزي مارڪيٽ ۾ کجور آڻين ته کين مناسب اگهه ملي سگهي

### حڪومت کي گهرجي ته نيون عالمي مارڪيٽون ڳولي ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ موثر پاليسيون جوڙي

گمبٽ : خيرپور کجور مارڪيٽ جي صدر چوڌري محمد بشير آرائين چيو ته آبادگارن ۽ واپارين جو هڪ ٻئي سان چولي دامن وارو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

## کجور جي پوک ۽ سنڀال لاءِ سڄو سال سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي: آبادگار

### سار سنڀال ۽ خرچن کان پوءِ برسات پئجي وڃي ته فصل کي وڏو نقصان پهچي ٿو

گمبٽ : ٻئي طرف آبادگارن ۽ باغن جي مالڪن جو چوڻ آهي ته کجور جي پوک ۽ سنڀال لاءِ سڄو سال سخت محنت ڪرڻي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

## خيرپور جي کجور مارڪيٽ کي ايشيا جي وڏين کجور مارڪيٽن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو

گمبٽ : ضلعي خيرپور جي کجور

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

## پچائڻ کان پوءِ کجور کي صاف هنڌن تي سج جي روشني يا جديد ڊرائيرن ذريعي سڪايو وڃي ٿو

گمبٽ : پچائڻ کان پوءِ کجور کي صاف

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

## ميرپورخاص هاءِ ڪورٽ پوليس تشدد ۾ فوت ٿيل چاڪر عزيز ڪيس ۾ جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي

شهدادپور (ن ع) ميرپور خاص هائي ڪورٽ پاران شهدادپور ٿاڻي ۾ تشدد دوران فوت ٿيندڙ چاڪر عزيز جکرو ڪيس ۾ شهدادپور ٿاڻي جي اڳوڻي وڏي منشي مختيار راجپوت. سب انسپيڪٽر گل شير چانڊيو. پوليس اهلڪار الهه بچايو پنهور.

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

مٺي: ڪارسائي جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

## مٺي ۾ ڪار سائي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي ريلي

### ڊي ايڇ او، اي ڊي ايڇ او ۽ ڊاڪٽرن جي اڳواڻي ۾ ڪاري سائي خلاف ريلي ڪڍي وئي

### هن بيماري کان بچاءَ جو واحد حل احتياط ۽ بروقت علاج آهي: ڊاڪٽر

مٺي (ڊ-ر) ڪاري سائي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان صحت کاتي ٿرپارڪر پاران ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي، ايڊيشنل ڊي ايڇ او ڊاڪٽر پرت ڪمار سوني ۽ ڊاڪٽر مانيتا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

## شهدادپور ۾ هاري ڪميٽي اڳواڻ ڪامريڊ دادا علي بخش شيدي جي ٽين ورسي ملهائي وئي

شهدادپور (ن ع) سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ يادگار ڪاميٽي دادا علي بخش شيدي پاران انقلابي، اڳواڻ هارين لاءِ سڄي حياتي جدوجهد ڪندڙ ڪامريڊ دادا علي بخش شيدي جي ٽين ورسي شهدادپور پريس ڪلب جي سورهيه بادشاهه هال ۾ ملهائي وئي ورسي تقريب کي سنڌ هاري

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

## اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو زرعي زمين تي قبضي ۽ عورتن تي تشدد خلاف احتجاج

### عبدالرحمان خاصخيلي ۽ سندس پاڙي عورتن ۽ ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻايو: مظاهرين

### ايس ايڇ او کي ايف آءِ آر لاءِ درخواست ڏني پر ان باوجود ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي وئي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪاڪتيار رحم علي جي رهواسين هنگورو خاصخيلي، عمر خاصخيلي، معشوق خاصخيلي نور محمد، برڪت، علي حسن غلام حيدر تمينا خاصخيلي، ميرزادي ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

## اسلام ڪوٽ ۾ خاصخيلي برادري جو نوجوان تي تشدد ۽ زمين تي قبضي خلاف احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ نوجوان تي مبينا تشدد ۽ زرعي زمين تي زبردستي قبضي خلاف عبدالرحمان الله نواز رفيق الرحمان، زاهد نواز شاهد نواز عتيق الرحمان واحد نواز آصف نواز شاهنواز ۽ ٻين اسلام ڪوٽ پريس ڪلب پهچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته: ڳوٺ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

## ڪوٽڙي ۾ بيوه عورت جو پٽ سان گڏجي ڏيرن جي ظلم خلاف احتجاج

### ڏير مڙس جي ملڪيت تي ناجائز قبضو ڪري پٽ تي حملا پيا ڪن: گلان ملاح

### اعليٰ عملدار معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪن

ڪوٽڙي سائيٽ ( ن ع ) مرحوم مڙس جي پلاٽ تي قبضي ۽ پٽ تي مبينا حملن خلاف بيواهه عورت جي پريس ڪانفرنس،

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

## سڳيون ۾ لڪ برادري ۾ هلندڙ تڪرار جي خاتمي لاءِ منٿ ميڙ قافلو ڌرين وٽ پهتو

### سيد احمد بخاري، سيد جمن شاهه، زين شاهه ۽ ٻين ڌرين کي ٺاهه لاءِ منٿ ڪئي

### ڌرين ميڙ منٿ قافلي ۾ شامل معززن کي مان ڏيندي برادري سان صلاح لاءِ مهلت گهري ورتي

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانوري) سڳيون ۾ لڪ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ گذريل 16 سالن کان هلندڙ خوني تڪرار کي هميشه لاءِ ختم ڪرائڻ ۽ علائقي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ سيدن، سياسي سماجي، صحافتي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سڳيون: تڪرار جي خاتمي لاءِ منٿ ميڙ قافلو مخالف ڌرين وٽ وڃي رهيو آهي

## ٽنڊوآدم ۾ معصوم سڪينه سلام الله عليها جي شهادت جي سلسلي ۾ سالياني مجلسِ عزا منعقد ڪئي وئي

ٽنڊوآدم ( ن ع ) عزا خانه زهراءِ سلام الله عليها تي اڪبر حسين چغتائي ۽ پائرن جي نگراني هيٺ 13 صفر شهادت معصوم سڪينه سلام الله عليها جي سلسلي ۾ سالياني مجلس عزا ۽ شب بيداري جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ملڪ جي مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ عزادار ۽ عقيدتمند شرڪت ڪري رهيا آهن مجلس

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ ناري تيلن مان ڪارا ٺاهي رهي آهي

---

# اوڏيرولال لڳ واهه ۾ ٻڏي ويل معصوم جو لاش 24 ڪلاڪن بعد هٿ، انتظاميا خلاف ڌرڻو

## پير ترڪڻ سبب ٻه سڳا ڀائر پاڻي ۾ ڪري پيا، هڪ بچي ويو، 8 ورهين جو حسيب ٻڏي فوت ٿي ويو

## لاش جي ڳولا ۾ دير خلاف جي يو اءِ جو احتجاج، صالح شاهه موري تي ڌرڻي سبب اوڏيرولال–ٽنڊوآدم روڊ بند

## مقامي ماڻهن جي مدد سان لاش هٿ، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ گذريل ڏينهن پير ترڪڻ سبب 2 سڳا ڀائر 10 سالا اويس آرائين ۽ 8 سالا حسيب آرائين پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويا اويس کي مقامي ماڻهن بچائي ورتو جڏهن ته حسيب

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

## پڪا چانگ واسي فوجي جوان بلوچستان ۾ دهشتگردن سان وڙهندي شهيد

### ڳوٺ مشغول بالادي واسي جوان عبدالرزاق بالادي خضدار ۾ شهادت ماڻي

### اطلاع تي وارثن پاران ڳوٺ ۾ تڏو وڇايو ويو، لاش لاءِ ڪوشش جاري

گمبٽ (ن ع) پڪا چانگ واسي فوجي جوان بلوچستان جي علائقي خضدار ۾ دهشتگردن سان وڙهندي شهيد، وارثن اطلاع بعد ڳوٺ ۾ تڏو وڇائي ڇڏيو آهي پڪا چانگ پرسان ڳوٺ مشغول بالادي واسي فوجي جوان عبدالرزاق ولد عبدالحڪيم بالادي بلوچستان جي علائقي خضدار ۾ دهشتگردن سان وڙهندي شهادت ماڻي ورتي آهي جڏهن ته وارثن موجب سندس لاڳاپيل يونٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊوالهيار پرسان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 16 ورهين جو نوجوان فوت

### ڳوٺ جيئڻ لنڊ ۾ 11 هزار وولٽ تارن مان ڪرنٽ سبب امجد مستوئي فوت ٿي ويو

### لاش گهر پهچڻ تي ماءُ کي بيهوشي جا دورا، ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو ڀيارولنڊ جي ڳوٺ جيئڻ لنڊ ۾ بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ سبب 16سالا نوجوان فوت ، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام ، نوجوان جي ماءُ کي بيهوشي جا دورا خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو ٽائون ڪميٽي ڀيارولنڊ جي ڳوٺ جيئڻ لنڊ ۾ 11 هزار وولٽ بجلي جي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 16سالا نوجوان امجد پٽ ايوب مستوئي فوت ٿي ويو جڏهن ته

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

## سڪرنڊ ۾ جلال پور ڪئنال ۽ گم ٿيل نياڻين جي بازيابي لاءِ احتجاجي پيادل مارچ

### ڪارڪنن آصف ٻرٽ، شهزاد چانڊيو، اياز ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

### ڪئنالن خلاف تحريڪ هلائڻ باوجود هڪ ڀيرو ٻيهر جلال پور ڪئنال واهيو ويو آهي: مظاهرين

سڪرنڊ (ن ع ) جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) مرڪز پاران مرڪزي چيئرمين آصف ٻرٽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري شهزاد چانڊيو ۽ نوابشاهه ڊويزنل جي چيف آرگنائيزر اياز ڪيريو جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌو درياهه مٿان غيرقانوني جلال پور ڪئنال ڊاهڻ ۽ نياڻي پريا ڪماريءَ جي گمشدگي خلاف ڊاڊواهه اسٽاپ سڪرنڊ کان نوابشاهه پريس ڪلب تائين

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

LONG LIVE SINDHU DESH, LONG LIVE SAIN GM SYED
PEDESTRIAN MARCH
SINDH REJECTS JALALPUR CANAL
RELEASE PRIYA KUMARI
JEAY SINDH STUDENTS' FEDERATION CENTRE
پيادل مارچ
جلالپور ڪينال نامنظور
پريا ڪماري کي آزاد ڪيو
جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن مرڪز

سڪرنڊ: پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

## راڻي پور ۾ سونارن جي فراڊ خلاف متاثرين جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

### ڳوٺ اڪرم هنگورو واسي نصرالله ۽ عاشق هنگورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

### سونارن 24 ڪيريٽ جي قيمت وٺي 12 ۽ 16 ڪيريٽ جا زيور تيار ڪري ڏنا آهن: مظاهرين

راڻي پور(ن ع) راڻي پور جي ڳوٺ محمد اڪرم هنگورو جي رهواسين نصرالله هنگورو ۽ عاشق حسين هنگورو پريس ڪلب راڻي پور پهچي راڻي پور جي سونارن خلاف مبينا فراڊ ۽ ناانصافي جي دانهن ڏني آهي ان

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

## مورو ۾ چانهه پيئڻ بعد ٻن ڄڻن جي حالت خراب، اي سي جا ڇاپا، هوٽل سيل

### هوٽل تان چانهن گهرائي پيئڻ بعد ذوالفقار ميمڻ ۽ عزيز ڪورائي جي طبيعت خراب ٿي

### اطلاع تي اي سي ۽ فوڊ ڪنٽرول عملي پهچي ٻن هوٽل ۽ دڪانن تي ڇاپا هڻي سيل ڪيو

مورو(ن ع) مورو شهر ۾ هوٽل تان چانهه گهرائي پيئڻ ڪانپوءِ ٻن ڄڻن جي حالت خراب ٿي وئي جن کي مورو اسپتال منتقل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

# خيرپور ناٿن شاهه ۾ پاڻي کوٽ خلاف بک هڙتالي ڪئمپ قائم، آبادگارن جو احتجاج

## نارا ڊسٽري جي پوڇڙي وارن واهن ۾ پاڻي نه پهچڻ سبب هزارين ايڪڙ فصل تباهه ٿي ويو: مظاهرين

## رائيس ڪئنال جي نارا ڊسٽري، پيڇاهو شاخ قادرو شاخ ۽ انهن مان نڪرندڙ 50 کان وڌيڪ واهن ۾ پاڻي جي سخت کوٽ آهي

## هٿرادو ۽ غير منصفاڻي پاڻي جي ورڇ منصفاڻي نموني ڪري پاڻي جي کوٽ کي ختم ڪيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) کي اين شاهه رائيس ڪئنال ،نارا ڊسٽري جي پوڇڙيءَ وارين شاخن ۽ واهن ۾ پاڻيءَ جي سخت اڻهوند ٽوڙي ايم اين وي ڊرين/ چندڻ جي بندن جي مرمت نه ٿيڻ خلاف يوٿ پارليامينٽ ۽ آبادگار جدوجهد ڪميٽي پاران بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي جي ويٺل اڳواڻن راجا قريشي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

## ميهڙ تعلقي اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ايس ٽي پي جو احتجاج

### دوائن جي اڻهوند، ڊاڪٽرن جي مبينا لاپرواهي ۽ نامناسب رويي خلاف مظاهرو

### دوائن جي مبينا غيرقانوني وڪري جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن کي سزا ڏني وڃي:مظاهرين

ميهڙ (ن ع) تعلقي اسپتال (GMS) ميهڙ ۾ مريضن کي علاج جون بنيادي سهولتون نه ملڻ دوائن جي کوٽ ۽ ڊاڪٽرن پاران بروقت علاج نه ڪرڻ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) ضلع دادو جي صدر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

## چيلهار ۾ ڀيل برادري جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

### ڪجهه وقت اڳ ميڊيڪل اسٽور مان پئسا ۽ پسٽل چوري ٿي ويو:مظاهرين

### ٿاڻي تي لکت ۾ درخواست ڏني پر ايس ايڇ او ٿلا آسرا ڏئي رهيو آهي

چيلهار (ن ع) پريس ڪلب چيلهار اڳيان ڀيل برادري پاران رانجهن ڀيل لڇمڻ ڀيل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ چيلهار پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . ان موقعي تي رانجهن ڀيل لڇمڻ ڀيل ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته رانجهن ڀيل جي ميڊيڪل اسٽور مان 3 جولاءِ تي رات جو چور اسٽور جا تالا

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

## هالا ۾ گهٽي اندر دروازي جي تڪرار تان حملو 3 ڄڻا زخمي

### جوابدارن حملو ڪري علي رضا، امن ۽ عبدالغفار بروڙو کي سخت زخمي ڪري

### واقعي جي رپورٽ داخل، جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف متاثرن جو احتجاج

هالا (ت ر) هالا شهر جي طالب المولا ڪالونيءَ ۾ بروڙا برادري وچ ۾ گهٽي اندر دروازو لڳائڻ وارو معاملو شدت اختيار ڪري ويو۔ گذريل ڏينهن هالا پريس ڪلب ۾ انصاف لاءِ احتجاج ڪندڙ علي رضا بروڙو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ فلٽر پلانٽ تان ماڻهو پيئڻ جو پاڻي ڀري رهيا آهن

## حيدرآباد ۾ هيپاٽائيٽس جي عالمي ڏهاڙي تي آگاهي واڪ

### هيپاٽائيٽس ڪووڊ کانپوءِ ٻي خطرناڪ بيماري آهي: ڊاڪٽر خالد ميمڻ

### 1400 کان وڌيڪ بنيادي صحت مرڪزن تي مفت ٽيسٽ جون سهولتون آهن

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) هيپاٽائٽس جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ سنڌ حڪومت جي هيپاٽائٽس کان پاڪ سنڌ پروگرام جي زير اهتمام حيدرآباد ۾ هڪ واڪ جو اهتمام ڪيو ويو ـ ان موقعي تي هيپاٽائٽس پروگرام جي انچارج ڊپٽي ڊي جي سي ڊي سي ڊاڪٽر خالد ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته هيپاٽائٽس جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

## ڪوٽڙي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال پرسان غيرقانوني حدخلين آپريشن، قبضا هٽايا ويا

### اسسٽنٽ ڪمشنر اياز حسين مشهوري عملي سان گڏجي قبضن خلاف ڪارروائي ڪئي

### ڪارروائي دوران ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي مين گيٽ ۽ پرپاسي مان غيرقانوني اڏاوتون هٽايون ويون

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي پرسان غيرقانوني حدخلين خلاف وڏي ڪارروائي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي پاران ڪيبنون ريڙها ۽ غيرقانوني پارڪنگ ختم اسپتال جو داخلي رستو صاف . ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي اياز حسين مشهوري ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي جي مين گيٽ ۽

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

## شهر جي ترقي لاءِ سموريون ڪوششون ڪيون پيون وڃن: محمد صالح قريشي

### گهٽين کي پڪو ڪرڻ ڪانسواءِ مين روڊن جي تعميرات جا ڪم ڪيا پيا وڃن

### شهر جي اسٽريٽ لائٽ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي سهولت پهچائڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويا آهن

بدين (ڊ ر) ميونسپل ڪميٽي بدين جي چيئرمين پير محمد صالح قريشي چيو آهي ته بدين شهر جي ترقي لاءِ سموريون ڪوششون ڪيون پيون وڃن شهر جي گهٽين کي پڪو ڪرڻ ڪانسواءِ مين روڊن جي تعميرات جا ڪم ڪيا پيا وڃن جنهن سان شهر جي سونهن ۾ اضافو ٿيندو ميونسپل ڪميٽي بدين جي بجيٽ اجلاس کانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

---

# باقراڻي لڳ ٻڏي فوت ٿيندڙ ٽن ٻارڙن جون آخري رسمون ادا

## هڪ ئي گهر مان ٽن معصومن جا جنازا کڄڻ دوران قيامت صغرا جو منظر

## وارثن جو ڊيوٽي ڊاڪٽرن ۽ عملي خلاف احتجاج، غفلت جا الزام، انصاف جو مطالبو

باقراڻي (ن ع ) گذريل ڏينهن باقراڻي لڳ ڳوٺ ابو صمد ٿيٻو ۾ پيش آيل افسوس ناڪ واقعي پاڻي جي کڏ ۾ ٻڏي فوت ٿيل ٽن معصوم نياڻين سوين اکين آلين سان تدفين،هڪ ئي گهر مان ٽن معصوم ٻارڙين جا جنازو کڄڻ دوران قيامت صغرا جو منظر وارثن جو لاڙڪاڻي اسپتال جي عملي خلاف احتجاج ڊيوٽي ڊاڪٽرن ۽ عملي مٿان غفلت جا الزام ٻارڙين کي بيهوشي جي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: ٻڏي فوت ٿيل ٻارڙين جا مڙهه رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

## ٽنڊوالهيار ويجهو وڻ ۾ ڦاهو کاڌل لاش هٿ، لاش اسپتال منتقل

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو ڀيارولنڊ ٿاڻي جي حد درگاهه راهو مشائخ تي نم جي وڻ ۾ ڦاهو کاڌل لاش ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڪيو اطلاع تي ڀيارولنڊ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ ڪري سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو جتان لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو احتجاجي ڪيمپ ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## ڪوٽڙي شهر جي مختلف علائقن مان ٻه لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

### رفعان مل پرسان ڪراچي واهه وٽان 60 ورهين جي پيرسن جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

### شو منڊروٽ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

ڪوٽڙي سائيٽ ( ن ع ) ڪوٽڙي جي مختلف علائقن مان ٻه نامعلوم لاش هٿ ڪيا ويا ڪوٽڙي سائيٽ پوليس کي رفعان مل پرسان ڪراچي واهه وٽان نامعلوم 60 سالا شخص جو لاش هٿ آيو . مقامي ماڻهن جي اطلاع تي پوليس پهچي . لاش کي بلاول ميڊيڪل ڪاليج اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪري ڇڏيو آخري اطلاعن تائين لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي هئي. ياد رهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

## خانپورمهر ويجهو ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 4 زخمي

### لوهي جي علائقي سونو پٽ ۾ فصل ۾ چوپائي مال ڇڏڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

### زخمي راحب، نواب علي، عبدالوهاب ملڪ ۽ مسمات جام زادي کي اسپتال آندو ويو

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو لوهي جي علائقي سونو پٽ ۾ فصل ۾ چوپائي مال ڇڏڻ واري معاملي تان ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب عورت سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ راحب علي ملڪ، نواب علي ملڪ عبدالوهاب ملڪ ۽ مائي جام زادي شامل آهن جن کي خانپورمهر ٿاڻي تان علاج لاءِ ليٽر جاري

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

## ڏگهڙي ۾ چورن جو راڄ، دڪان جو شٽر ٽوڙي هزارين رپين جو سامان چوري

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي شهر ۾ موٽر سائيڪلن جي چوري، دڪانن ۾ نقب زني ۽ ٻين ڏوهن جي وارداتن ۾ مسلسل واڌ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

# ميرپور ماٿيلو ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڳوٺاڻو قتل، وارثن جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو

## باءِ پاس وٽ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ٽرانسفارمرن جو مستري ذوالفقار ڪولاچي سخت زخمي ٿي پيو

## اطلاع تي پوليس پهچي زخمي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

## وارثن لاش ڪٽائي ايس ايس پي جي آفيس ٻاهران رکي ڌرڻو هڻي جوابدارن جي گرفتار جو مطالبو ڪيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو شهر جي باءِ پاس تي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ٽرانسفارمرن جو مستري ذوالفقار ڪولاچي قتل مقتول جي وارثن جو ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳو ڌرڻو نيشنل هاءِ وي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: قتل ٿيل ذوالفقار ڪولاچي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

## فقير آباد لڳ قتل ٿيل نوجوان فيض محمد جو ڪيس سٽن جوابدارن خلاف داخل

### مقتول جي والد درمحمد سومرو جي فرياد تي سرفراز ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو

### سرفراز پنهنجي زمين جي تڪرار تان پٽ کي قتل ڪرايو آهي، انصاف ڪيو وڃي: موقف

فقيرآباد (ن ع) ڪنب ٿاڻي جي حد ۾ گذريل ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل ڪارن جي مستري فيض محمد سومرو جي قتل جو ڪيس سندس والد مستري درمحمد سومرو جي فرياد تي سٽن ڄڻن خلاف ڪنب ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر ۾ فريادي درمحمد سومرو چاڪيو ته اسانجو سرفراز پٽي سان 2022 کان زمين جي ماسري تي تڪرار هلندڙ آهي گذريل ڏينهن شام جو پنهنجي پٽ فيض محمد سان ڪنب مان دڪان تان واپس پنهنجي ڳوٺ بڪولاشاري

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڪار سائي جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

## ٽنڊو آدم تعلقه اسپتال ۾ عالمي هيپاٽائيٽس ڏهاڙي حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊوآدم ( ن ع ) ٽنڊو آدم تعلقه اسپتال ۾ عالمي هيپاٽائيٽس ڏهاڙي جي موقعي تي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي پاران هيپاٽائيٽس بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ آگاهي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي هيپاٽائيٽس فوڪل پرسن ايسوسيئيٽ پروفيسر ڪنسلٽنٽ فزيشن ۽ گيسٽروانٽرولوجسٽ ڊاڪٽر ڪليم ڪئي ريلي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

# پنوعاقل پرسان هٿيارٻندن پاران ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو

## ڏٻر واري علائقي ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ سانگي واسي نوجوان زاهد جتوئي زخمي ٿي پيو

## نوجوان کي اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

## پوليس لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان ڏٻر واري علائقي ۾ هٿيارٻندن پاران ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت تي فائرنگ، سانگي واسي نوجوان زاهد جتوئي ٿوڪ قتل واقعي کانپوءِ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

## پنوعاقل ويجهو ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

### جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيل حادثي ۾ نوجوان نويد ڪٽپر ٿائي تي دم ڏنو

### اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

پنوعاقل(ن ع)پنوعاقل لڳ جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر ڳوٺ بخش ڪٽپر واسي نوجوان نويد ڪٽپر موقعي تي فوت ٿي ويو، پوليس ٽرالر تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته مڙهه کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو.

## پنوعاقل پوليس پاران پناهه خاتون قتل ڪيس جي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي علائقي بشيرآباد ۾ پناهه خاتون جي قتل واري ڪيس ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي وڌيڪ

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: قتل ٿيل نوجوان جو لاش واقعي وار هنڌ تي پيل آهي

## گلاب لغاري پرسان سولر سامان جي چوري تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 9 ڄڻا زخمي

### ڳوٺ سونو آرائين ۾ آرائين برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران لٺين جو آزادانه استعمال

### پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

گلاب لغاري ( ن ع )گلاب لغاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ سونو آرائين ۾ سولر پليٽن ۽ بيٽرين جي چوري ٿيڻ جي معاملي تان آرائين برداري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪهاڙين ۽ لٺيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا.زخمين ۾ هڪ ڌر جا 5 ڄڻا جن ۾ غلام حسين آرائين ،ذوالفقار آرائين ، عبدالغفار آرائين ، ماجد آرائين ۽ شمس الدين آرائين

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

## بدين ۾ يوم عالمي هيپاٽائيٽس ملهائڻ لاءِ آگاهي ريلي، بيماري کان بچاءَ بابت شعور اجاگر

بدين ( ڊ ر) يوم عالمي هيپاٽائيٽس جي موقعي تي ضلعيٰ صحت کاتي بدين پاران عوام ۾ بيماري بابت شعور پيدا ڪرڻ لاءِ آگاهي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ صحت کاتي جي آفيسرن، ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

## ڪوٽڙي پوليس پاران ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڪوٽڙي سائيٽ ( ن ع ) ڪوٽڙي پوليس جي ڪامياب ڪارروائي ،ريتي سان ڀريل ڊمپر مان 50 لک رپين کان وڌيڪ ماليت

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

## ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي ٽرين جي انجڻ کي اوچتو باهه، مسافرن ۾ ڀاڄ

ڪوٽڙي سائيٽ ( ن ع ) ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي ٽرين جي انجڻ کي اوچتو باهه

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

## ڪڙيو گهنور ۾ نقلي ڊي اي پي ڀاڻ جي وڪري خلاف ڇاپا، هڪ دڪان سيل

### اي سي گولاڙچي ٽيم سان گڏ مختلف زرعي ڀاڻ جي دڪانن تي ڇاپا هنيا

### ڪورواهه روڊ تي قائم سيٺ دليپ ديوان جي دڪان

ڪڙيو گهنور(ن ع) ڪڙيو گهنور ۾ نقلي ڊي اي پي ڀاڻ جي مبينا وڪري جي اطلاع تي اسسٽنٽ ڪمشنر گولاڙچي عاطف

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

## ڪنڊڪوٽ ۾ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سول سوسائٽي جو احتجاج

### سخت گرمي ۾ ڪلاڪن جي بجلي بندش سبب شهري سخت پريشان آهن:مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ ۾ سول سوسائٽي پاران واپڊا جي غير اعلانيل ۽ ڊگهي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

# ڪوٽڙي سائيٽ واسي پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف رستن تي نڪري آيا، احتجاجي ڌرڻو

## سچل سرمست ڪالوني واسي مردن، عورتن ۽ ٻارن پيادل مارچ ڪري ڊي سي آفيس اڳو ڌرڻو هنيو

## ڪالوني ۾ ڪافي عرصي کان پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جو مسئلو سنگين بڻيل آهي: مظاهرين

## بار بار شڪايتون ۽ درخواستون ڪرڻ باوجود پاڻي جي فراهمي بحال نه ڪئي وئي آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ( رپورٽ نعيم اختر سومرو) سچل سرمست ڪالوني جا رهواسي پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف رستن تي نڪري آيا پيادل مارچ ڪري ڊي سي آفيس جي مين گيٽ اڳو ڌرڻو هڻي ويهي

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

## آزاد ڪشمير چونڊ نتيجن ۾ ڄاڻي واڻي دير ڪئي وئي آهي: ڪميل حيدر شاهه

### پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي سڀ کان وڌيڪ مقبول سياسي جماعت آهي

### مستقبل ۾ سکر ۽ روهڙي ۾ وڌيڪ جديد فيملي ڪلب پڻ قائم ڪيا ويندا

سکر (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه سکر ۽ روهڙي ۾ جاري مختلف ترقياتي منصوبن جو تفصيلي دورو ڪيو جتي هن تعمير هيٺ منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کان بريفنگ ورتي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته ضلعي ڪائونسل سکر شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ٽينگر ٻارن جي کائڻ جون شيون وڪرو ڪري رهيو آهي

## پنوعاقل ۾ عورت جو مڙس جي ظلمن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع)پنوعاقل ڀساليائي واسڻ ناديا آلين پنهنجي مڙس عبدالرحمان جي ظلمن خلاف پنهنجي ڀيڻ شازيا سان گڏجي احتجاج ڪندي چيو آ ته منهنجي

بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: رائس ڪئنال جي پل مٿان لڳل دڪانن جو ڏيک

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.